

ڪرشن کٽواڻي


# پپهڙي

85



ڀارت جو آئيندو، اوهان تي مدار ٿو رکي
اٿو، جاڳو ۽ نه ترسو جيستائين پهچو
منزل تي نه رسيا آهيو

— سوامي وويڪانند



# ٻپهري

(ڪهاڻيون)

ڪرشن کٽواڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر-٣

# ڪتاب بابت...

سنڌي ٽائيمس طرفان، ڪرشن کٽواڻي جي ڪهاڻين جو هي ٻيو مجموعو آهي. هن کان اڳ ”اڪيلي“ نالي سان سندس ڪهاڻين جو مجموعو ظاهر ڪيو ويو هو. ائين ته ڪرشن جي لکيل ڪهاڻين جا ٻيا به ڪيترا مجموعا ظاهر ٿي چڪا آهن.

ڪرشن کٽواڻي، سنڌي ادبي جڳت ۾ جيترو ناول نويس طور ڄاتل سڃاتل آهي. ايترو بلڪ ان کان به وڌيڪ هو ڪهاڻيڪار طور پيارو آهي.

سندس ڪهاڻيون دل کي ڇهندڙ هونديون آهن. ذاتي زندگيءَ ۾ ڏٺل وائٺل ڳالهيون، گهٽنائون سندس ڪهاڻين جو بنياد هوندي ۽ ائين لڳندو آهي ڄڻڪ اهي ڪهاڻيون اسان جون آهن، اسان جون ڏٺل وائٺل گهٽنائون آهن. ان ڪري ئي ته سندس ڪهاڻيون پڙهندڙن جي دل کي ڇهنديون آهن. سندس پسند ڪهاڻي ”منڙي تو نه سڃاتو“ ۽ ان ئي طرح جي ڪهاڻي (هڪ ٻئي مجموعي ۾ ڇپيل) آهي.

ڪرشن جون ڪهاڻيون نج سنڌي هوندي ۽، لڳندو آهي ته اسان ڪنهن بنگالي ڪهاڻيڪار جون ڪهاڻيون پڙهي رهيا آهيون. اها سندس ڪهاڻين جي خوبي آهي يا خامي اهو فيصلو ته نقاد ئي ڪري ٿا سگهن. پر پڙهندڙن کي اهي ڪهاڻيون ڪافي پسند پونديون آهن. جي ليکڪ جي پس منظر کي ڏسبو ته هن جو شانتيڪيتن ۾ رهڻ، سندس لکڻين تي ڪافي اثر ڏو رکي.

ان ڪري هن مجموعي ۾ سندس زندگيءَ جو اهو هڪ ورق

سلسلو



# BIPAHARI

(Short Stories)

By: Krishin Khatwani


SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3
Phone: 75618, 73100

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication

Printed by:
Smt. Mohini Sobhraj
Budhwani, INQLAB Press
Ulhasnagar-3 (Phone 70066)

Sole Agant:
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2. (Phone: 70455)

Price: **Rupees Thirty**
Year: APRIL 1990

# مان لکندو ڇو آهيان؟

مان لکندو ڇو آهيان؟ ڊاڪٽر چوندا آهن ته تون لکڻ پڙهڻ گهٽ ڪرين ته تنهنجي صحت گهڻو بهتر رهندي. گهر وارا چوندا آهن تون ايترو ته پاڻ ۾ ٻڌل آهين جو ڄڻ گهر جو ڀاتي ئي نه آهين. مان به ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان هيءَ لکڻ ڪهڙي ڪم جو جڏهن سنڌيءَ ۾ پڙهندڙ آهن ئي ڪونه. ان کان بهتر ته ائين ٿيندو ته زندگي ماڻيان. سال ۾ ڪجهه مهنا ٻاهرن ئي هليو وڃان، آرام ڏيهه هوٽلن ۾ رهي قدرت ۽ سنگيت ۾ رميو رهان.

پوءِ به الائي ڇو صحت خراب هوندي به روز اڌ رات تائين پڙهندو رهندو آهيان ۽ ڪڏهن ننڊ مان اٿي لکڻ ويهندو آهيان. منهنجو ڪجهه به ڦٽائڻو نه آهي. نه لکڻ، نه پڙهڻ ۽ نه سنگيت ٻڌڻ. مان ڪڏهن ڪڏهن مڌي رات سنگيت ٻڌندو رهندو آهيان. لڳندو اٿم منهنجي دل ڪنهن درد وچان هڪ ٻڪل هانبدي جيان چيهون ٿي ويندي، ۽ ڪو مونکان اولهه يا هندستان جي ڪلاسيڪل سنگيت بابت سوال پڇي ته مان جواب ڏيئي نه سگهندس. ڪتابن جو به مون ڪڏهين اڀياس نه ڪيو آهي، صرف انهن کي ماڻيو اٿم. نثر لکندي گهڻي ڪوِتا پڙهي اٿم ۽ انگريزيءَ ۾ ئي نوي سيڪڙو ڪتاب پڙهيا اٿم. سنڌيءَ ۾ ڪيترن ڏهاڪن کان لکندي به لڳندو اٿم مان هڪ اکر به سٺي لکي نه ٿو سگهان. پاڻ کي اظهارڻ جي ته ڳالهه ئي ٻي آهي. ڪلاسيڪي جپاني چترڪار ڪئي سال ڪن صرف ليڪون پائڻ سيکاريون ويندا هيون. لڳندو اٿم هر

۽ ننڍو ويو آهي. ”هنجي ڳولها“ جي عنوان هيٺ، سچ پچ ۾ اهو ورق ڪتاب جي شروع ۾ ڏيڻ ڪندو هو يا آخر ۾. پر ڪرشن جتن جن ڪهاڻيون موڪليندو ويو تن تن اهي اسين پريس ۾ ڏيندا وياسون ان ڪري سلسلو شايد اڌورو بيٺو آهي.

سندس ڪهاڻي ”اباڻو اجهو“ تازي لکيل آهي بعدي هن سال ١٩٩٠ ۾، سنڌ جي سفر بعد، ڪهاڻيڪار اها ڏٺندا ۽ ان نموني جون ڳالهيون سنڌ ۾ خاص طور حيدرآباد ۾ ٻڌيون ۽ ان جي اثر هيٺ هن هيءَ ۽ ڪي ٻيون ڪهاڻيون لکيون آهن (جي سموريون هن مجموعي ۾ اچي نه سگهيون آهن) هونءَ ۽ ليکڪ پنهنجي وقت، دور جو ترجمان آهي. اجهو انهن ئي ڏهو ترجمان آهي. ”اباڻو اجهو“ ۾ سنڌ ۾ رهندڙ اصلوڪن سنڌين جو چتر آهي.

بس، باقي ڪهاڻيون پڙهي توهان پنهنجو راءِ پاڻ ٺاهيو.

هولي
ڏهين مارچ ١٩٩٠ع
سنڌي ٽائيمس آفيس

نارائڻ ڀارتي
مکيه سمپادڪ
سنڌي ٽائيمس

هيءَ ڪڏهين توکي ڇا ٿي ويندو آهي؟ مان ڪو جواب ڏئي نه سگهيو هوس. اوچتو منهنجي اکين ۾ پاڻي تري آيو هو. اڙي، اڙي، هن مونکي ڳراٽڙي پائي پنهنجي پيٽ سان منهنجا لڙڪ اُگهيا هئا.

هاڻ گهڻو گهٽ، پر ڪڏهين ڪڏهين مونسان ائين ٿيندو آهي. اندر ۾ ڪا گهري سانت اُڀرندي آهي، سوز ڀري پنسري ڪٿان دور کان ٻڌڻ ۾ ايندي آهي، مان سانت ٿي ويندو آهيان، ماڻهن کان لڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ڪڏهين سنگيت دوارا اندر ۾ قاتل پٿر کي ڳاري سگهندو آهيان، ڪڏهين ديپ راڳ جو ڪجهه پدا ڪارا ڪري پاڻ کي ساڙڻ پٽائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.

مونکي پنهنجون لکيل وچڙائون گهڻيون نه وڻنديون آهن. انهن مان جي چڱيريون لڳنديون اٿم، ڄاڻ اٿم اهي مون نه لکيون آهن. ڪنهن ٻئي مونکي اهي لکايون آهن، اهو ٻيو روز نه ايندو آهي، سڏ ڏيڻ سان به موٽ نه ڏيندو آهي، ڪڏهين ڪڏهين پنهنجي رضا خوشيءَ ايندو آهي. پر ڄاڻ اٿم اهو به منهنجو روپ آهي. شايد مونسان گڏ رهڻ نٿو چاهي ڇاڪاڻ ته مونکي انجي لائق نٿو سمجهي.

حال جي سنڌ جي ياترا مونکي جهوري وڌو. موٽڻ بعد مان ٻه ٽي هفتا ننڊ نه ڪري سگهيو هوس. روز سپني ۾ اُتي جا نظارا ڏسندو هوس. سنڌ مان جي ٿي آيا آهن، تن مان جن سفرناما لکيا آهن تن اتي مليل شاهي مهمانوازيءَ جو ئي ذڪر ڪيو آهي. هو شايد سنڌ جي درد، سنڌ جي سڏڪن کي ماپي نه سگهيا. اڄ سنڌ اها خوبصورت وادي آهي جنهن جي ڌرتيءَ جو هر ڪڻو روئي رهيو آهي. پر سنڌ ۾، سنڌ جي سچ سان هڪ ڪوڙ به آهي.

ليکڪ کي ٻه پنهنجي ٻوليءَ کي ڪم آڻڻ جي سکيا ۾ سالن جي محنت ڪرڻ گهرجي، ان بعد ئي هو لکڻ شروع ڪري.

مان سورهن کن سالن جو هوس جڏهن منهنجو پهريون ڪتاب ڇپيو هو، جڏهن جي ان زماني ۾ سنڌي آڇيان ٿي. لکڻ مون ان کان ٻه ٽي چار سال اڳ شروع ڪيو هو، پاراڻا پڙهن.

اڄ دور دور هڪ ڪارو بادل پسجي رهيو آهي جو ڪڏهين به ويجهو اچي مونکي وڪوڙي ويندو. مونکي لڳندو آهي ته ليکڪ طور نه پاڻ سان سچو رهيو آهيان، نه پنهنجي ڪلا سان. مون شايد ڪڏهين ڪي روشنيءَ جون جهلڪون پسايون هجن. ڪجهه آهي جو منهنجي هٿن ۾ اپندي اپندي ڏڪندڙ هٿن مان ڪري پوندو آهي. مان پنهنجي سڄاڳ سالن ۾ زندگيءَ بدران ڪتابن جي ويجهو رهيو آهيان. جو منهنجي چوطرف آهي ان بدران افق ۾ ڪجهه ڳولهيندو رهندو آهيان.

ننڍي هوندي مان ڪڏهين ڏينهن جا ڏينهن سانت ۾ ويندو هوس. منهنجي مک مان هڪڙو لفظ به نه اُڪلي سگهندو هو. منهنجي منهن تي ڪو اهڙو پاءُ هوندو هو جو ڪنهن کي مونسان ڳالهائڻ جي همت نه ٿيندي هئي. پوءِ اوچتو، ڪنهن اڪيليءَ جڳهه تي منهنجي اکين مان آنسون جهر جهر ٿي وهندا هئا، منهنجو من هلڪو ٿيندو هو ۽ پوءِ مان وري سياڻپ نموني وهنوار ڪري سگهندو هوس. هيءَ حالت مونسان شانتيڪيتن تائين رهي. ڪڏهين اڪيلو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ميدانن يا بيلن ۾ گهمندو رهندو هوس. مونکي ياد آهي: اتو، جا مونکان ٻه سال ننڍي هئي، جا منهنجي ننڍي ڀاءُ جيان سنڀال ڪندي هئي ۽ مون ان کيس وڏيءَ ڀيڻ وارو قرب ڏنو هو، تنهن هڪ ڏينهن مونکان پڇيو هو:

# هڪ ڇوڪري هئي

هڪ ڇوڪري هئي.

هن جو نالو نرملا هو.

هن جي سهڻن چپن جي ڪنڊن تي هلڪي ڏک ڀري ريکا ڇپي هئي. ننڍپڻ کان، جڏهن هوءَ ننڍڙي هئي، اسڪول ۾ پڙهندي هئي. ان ڏک آيا ڪارڻ ٻيون ڇوڪريون سندس ويجهو پهچي نه سگهنديون هيون، هن سان ڳالهائڻ وقت ڪين سنڪوچ ٿيندو هو، ۽ رلڻ ملڻ ۽ پڙهڻ ۾ هوشيار هوندي به، هوءَ نه صرف اسڪول ۾، هر جڳهه جدا هوندي هئي.

اسڪول جا درجا ٽپندي ڪاليج پهتي. هڪ ننڍڙي فليٽ ۾ ماءُ سان گڏ رهندي هئي. فليٽ شهر کان ٻاهر اڌوري وسيل ڪالونيءَ ۾ هئي. جتي رستا ڪچڙ ڪاٻڙ ۽ ويران هوندا هئا. هڪ سانجهيءَ فليٽ هيٺان رستي تي بيٺي هئي ته رستي جي ٻيءَ پر هڪ ڇوڪريءَ کي اُبيٺل ڏٺائين. ٻنهي ڇوڪرين هڪ ٻئي ڏي نهاريو، ٻنهي هڪ ٻئي لاءِ ڪشش محسوس ڪئي، جڻ ڪن سانت گهڙين ۾ غير واقف به واقف لڳندا آهن ۽ ٻئي لڳ ڀڳ ساڳيءَ عمر جون هيون.

اها ڇوڪري پير پير ۾ پاڻي نرملا سامهون اچي بيٺي. عجب ۾ پڇيائين: 'تون هتي رهندي آهين؟'

نرملا ڪنڌ ڦيرائي آڱر سان پنهنجي فليٽ ڏانهن اشارو ڪيو.

۽ تون؟ نرملا پڇيو. مون توکي اڳ نه ڏٺو هو.

مٺي به ماڻ ٿي. ٻه هفتا ڪن ٿيا مان پاڻ ڀاڄائيءَ وٽ آئي آهيان.

اوه! نرملا جي چپن جي پرواري ڏک - ريکا وڌي ويئي.

مان جو جيڪو سک سدا سپنن ۾ جيو هوس، مون هڪ سچيءَ قوم جي ڪوڙ ۽ سچ کي ڏٺو. مونکي لڳندو آهي مان اهو ساڳيو نه آهيان جو اتي وڃڻ کان اڳ هوس.

مان اڄ به لکان پيو، اهو ڄاڻندي به ته مان اڃا سچ جي مس هٿ ڪري نه سگهيو آهيان جا مان پنهنجي قلم ۾ پوري سگهان.

مون سدا اُفق کي پيار ڪيو آهي ۽ اُفق کي ڀاڪر ۾ ڀرڻ لاءِ سڪندو آهيان. پر اُفق جڙ نه آهي. انسان جي هڪ قدم کڻڻ سان اُفق ٻه قدم پري هٽي ويندو آهي.

ڪڏهين منهنجي اکين ۾ آنسون ايندا آهن. پر منهنجا لڙڪ اڃا ماڪ ڦڙا نه ٿيا آهن.

اهو ڏورن انسان جي نصيب ۾ هوندو آهي ته هو سقراط جيان زهر جو پيالو پي انسان ذات کي ڪو سچ ڏئي وڃن.

ڪرشن کٽواڻي
٦-٣-٩٠

وٽ مڌوءَ جي مڙس کي ٺڪارڻ لڳي. من ئي من ۾ هن مڌوءَ جي مڙس جو هڪ روپ ٺاهي ڇڏيو، خود غرض ۽ تنگدل. جڏهن مڌو مڙس جون ڳالهيون ڪندي رئڻ لڳندي هئي ته نرملا کيس ڳراٽڙي پائي چوندي هئي: ڇي، ڇي، اهڙن مردن جي لاءِ هڪ لڙڪ به مهانگو آهي. اهڙن انسانن کي ته سيکت ڏيئي سبق سيکارڻ گهرجي.

ڌيري ڌيري الائي ڪيئن نرملا جي دل ۾ سڀني مردن جو اهڙو روپ ٺهي ويو. مردن جي ذات ئي اهڙي آهي، هو ڪٺور دل آهن، خود غرض آهن، ظالم آهن. ۽ هن جي اندر ۾ اهو نشچو پڪو ٿيندو ويو ته هوءَ ڪڏهن به مرد جي هٿن جو رانديڪو نه بڻبندي. هوءَ شادي نه ڪندي، هوءَ اڪيلي جيئندي.

اٽڪل ڇهه مهنا کن ٻئي ساهيڙيون هڪ ٻئي سان ائين ڇهٽيل رهيون جڻ ڪڏهن به جدا نه ٿينديون هيون، پر پوءِ مڌو جڻ واريءَ جي قلعي جيان ڀرڪڻ لڳي. نرملا کي خبر به ڪانه پيئي ته ائين ڪيئن ٿيو، پر هڪ ڏينهن مڌوءَ جو گهوٽ مڌوءَ کي وٺڻ لاءِ اچي پهتو. شايد اڳ ئي مڌو مڙس کي خط پٽ لکندي هئي جنهنجي نرملا کي لک ئي نه ڏني هئائين. نرملا مڌوءَ سان گهڻا ئي مٿا مونا هڻيا ته اهڙي نردئي مڙس وٽ وڃڻ آتمگهات جي برابر آهي، پر مڌوءَ نرملا جي هڪ نه ٻڌي. جهڙي جوش ۾ هوءَ اڳ مڙس خلاف الزام هڻندي هئي ان کان به وڌ اتساهه سان هوءَ مڙس جو پڇر ڪڍڻ لڳي. اڙي مرد ذات جو سڀاءُ ئي اهڙو، سندن غصو، سندن پيار جو پيو روپ آهي. سچ ته مڙس کان پري رهندي هوءَ مڙس جي سڀني برائن کي وساري ويٺي هئي، صرف سندس سٺاين کي ساري لڳي هئي.

نرملا جي لک سمجهائڻ ٿي به هوءَ هڪ سانجهيءَ مڙس

سندس اکين جا اڪيلائيءَ جا پاڇولا گهرا ٿي ويا. پيڪي آئي آهين؟ ڪڏهن ٿي واپس وڃين؟ منجو ڪجهه دير سوچيندي رهي. سندس پيشانيءَ تي سهيون لڪيرون اڀريون آيون ٿيون، ۽ هن جڏهن ڳالهايو ته سندس آواز ۾ لرزش هئي. الائي. اوچتو سانت کي ٽوڙي منجوءَ چيو.

نرملا منجوءَ ڏانهن نهاريو. ٽڪ ٽڪ نهاريندي رهي. هن ڪجهه پڇڻ چاهيو، پر سندس پڪوڙيل چپن انهن لفظن کي قيد ڪري ورتو. هن جاتو هن منجوءَ کي سمجهي ورتو. ٻئي هڪ ٻئي کي سمجهي ويئون، هڪ ٻئي اکين جا چپڙ لڳيون ۽ سهيليون اٿي ويئون.

نرملا جي زندگيءَ ۾ اها پهرين ساهيڙي هئي جنهن جي دل اڳيان هوءَ دل جون ڳالهيون ٻڌائي سگهي ۽ منجو شايد ڪنهن اهڙي انسان جي ڳولها ۾ هئي جنهن سان حال اوري دل جو بار هلڪو ڪري سگهي.

پوءِ وچ ۾ هڪ ٻئي جي گهر اچڻ وڃڻ جو سلسلو شروع ٿيو. منجوءَ جو پاءُ ڪنهن سٺي عهدي تي هو ۽ پارٽين وغيره تي اڪثر زال کي وٺي ويندو هو. اڪيلي منجو بالڪنيءَ ۾ نرملا کي اشاري سان سڏ ڪندي هئي ۽ ٻئي سهيليون پلنگ تي ليٽي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهيون ڪنديون هيون. نرملا جي موجودگيءَ جو فائدو وٺي منجوءَ جو پاءُ واپس دوري تي زال کي نه وٺي وڃڻ لڳو. ڪڏهن رات جو ٻئي ساهيڙيون منجوءَ جي ننڍي پلنگ تي گڏ سمهنديون هيون ۽ اڌ رات تائين سندن ٽهڪندڙ پڻ پڻ ڪمري جي ڀتين ۽ ڇت سان ٽڪرائجندي رهندي هئي.

انهن ٻه هڪ ٻئي جي ايترو ويجهو اچي ويئون جو هڪ جو ڪو ڳجهه ٻئي کان لڪل ڪو نه رهيو. نرملا منجوءَ کان نه

حال اوريندا رهندا هئا. خالي پيرڊن ۾ اڪثر اُستادن جي ڪمري ۾ ويهي ڪرسين تي ويٺا هر قسم جون ڳالهيون ڪندا رهندا.

پنهنجي پٽ جي جنم ڏن تي مهيش ٻين ڪن ماسترن ماسترياڻين سان گڏ نرملا کي به نينڊ ڏني. نرملا مهيش جي پتنيءَ سان سڪ سان گڏي. هوءَ ڪافي سندر هئي ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ پڙ، جيتوڻيڪ گهڻو پڙهيل نه هئي. نرملا کي لڳو ته سالن بعد هن هڪ سٺي سانجهي گذاري آهي.

ٻئي ڏينهن مهيش چيو: تنهنجي ڏنل سوکڙي سڀني کي ڏاڍي وڻي. مڌو چئي رهي هئي ته تنهنجي پسند سٺي آهي. مڌو مهيش جي زال جو نالو هو. نرملا جي منهن تي خوشيءَ جو هلڪو ترورو آيو.

هڪ صبوح اسڪول جي ڪاريڊار مان لنگهندي مهيش نرملا کي ٻڌائيندي چيو: سڀاڻي اسانجي ويڊنگ انيورسري آهي. مان مڌوءَ کي عجب ۾ وجهڻ ٿو چاهيان. تون مونسان هلي سگهندينءَ. اسڪول بند ٿيڻ بعد بزار ۾ مڌوءَ لاءِ ساڙهي وٺڻ لاءِ.

نرملا ڪنڌ لوڏي هائو ڪئي.

مهيش ۽ نرملا مڌوءَ لاءِ ساڙهي وٺڻ نڪتا. ٻنهي نه ٿي ڄاتو ته هڪ ساڙهي وٺڻ ۾ ايتري دير لڳي سگهندي آهي. ساڙهيون ڏسندي، رلندي هو ٿڪجي پيا. نرملا اهو خطاب وڃائڻ نه ٿي چاهيو ته سندس پسندي سٺي آهي ۽ مهيش مڌوءَ کي خوش ڏسڻ ٿي چاهيو. هنن هڪ ريسٽارنٽ ۾ گڏجي چانهه پيتي ۽ پوءِ ٻنهين ٻوئي ساڙهي خريد ڪري پنهنجي پنهنجي گهر وريا.

ٻئي ڏينهن فري پيرڊ ۾ نرملا ڏاڍي اُتساهه سان مهيش کان پڇيو: مڌوءَ کي ساڙهي وڻي؟

پر مهيش ۾ جواب لاءِ ڪو اُتساهه نه هو. هو هڪ پيڊليو،

سان گڏ هلي وئي. موڪلائڻ وقت انهن ٽه ٽه ڪري کلي رهي هئي جو نرملا کي مٿس ترس اچي ويو.

...   ...   ...

هڪ ڇوڪري هئي.

هن جو نالو نرملا هو.

هوءَ هڪ اسڪول ۾ پاڙهيندي هئي. هڪ سٺي ماستياڻي جيان پوريءَ لگن سان پنهنجو فرض نباهيندي هئي. شاگرياڻيون کيس پيار ڪنديون هيون، اسڪول جا ماستر ۽ ماستياڻيون کيس عزت ڏيندا هئا.

سندس سهڻن چپن جي انهن ڪنڊن تي ڏک پيل آيا هوندي هئي ۽ اکين ۾ سانت، گوڙ کان ڪجهه پري ٿي رهندي هئي، پنهنجي ڪم ۾ مشغول، پنهنجي اندر ۾ ٻڏل.

ماسترن جي ڪمري منجهه، هڪ خالي پيرڊ ۾ هڪ ڏينهن مهيش چئي ويٺو: نرملا تنهنجي منهن تي هيءَ ڏک ڀريل ڇانوَ ڇو آهي؟ تون ٻين کان دور ڇو رهندي آهين؟ ڇا تنهنجي جيون ۾ ڪو ڏک لڪل آهي؟

نرملا عجب مان مهيش ڏانهن نهاريو. هوءَ ڪيتري دير تڪيندي رهي. مهيش اسڪول جو نئون ماستر هو. چست، ملنسار. نرملا چپن ۾ مرڪندي وراڻيو: نه، ڪجهه نه آهي.

مهيش کي تسلي ڪانه ٿي. هو ڪرسي سوري اوري ٿي ويٺو. پوءِ تون سانت ۽ اڪيلي ڇو رهندي آهين؟

مونکي گوڙ نه وڻندو آهي. نرملا جواب ڏنو هو.

اهڙيون ٿي وراڻيون ٿيون هيون اُن ڏهاڙي. پر ڏينهن پوڻ سان مهيش ۽ نرملا هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا ويا، هڪ ٻئي جي ڪوشش بنا، بنا ڪنهن مقصد جي هر هڪ ٻئي سان

سمجهي سگهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. اوچتو ٻلو ٻار کي ٺوٺو هڻي ڇلانگ ماري ڀڄي ويو. ٻار زور زور سان روئڻ لڳو. نرملا ڊڪ پائي هيٺ لٿي ۽ ٻار کي هنج ۾ کڻي سرچائڻ جي ڪوشش، ڪرڻ لڳي. ٻار کي ننڍڙو وت گهاءُ ٿي پيو هو. جڏهن مان رت ٽمڪن جيان ٽمڻ لڳو. نرملا ٻار کي گهر کڻي آئي، سندس زخم ڌوئي دوا هنيائين ۽ ڪلهي سان لڳائي، ٻالڪڻيءَ ۾ پيار ڪندي هن کي سمهارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

گهڻيءَ دير بعد هڪ اڌيڙ عمر جي ڏٻري عورت ٻار کي ڳولهيندي اتي پهتي. نرملا هن کي مٺي گهرائي ۽ خوب ڪري ڪونئي ٻڌائي، ٻارن جي سار سنڀال تي هڪ ڊگهو ليڪچر ڏنائين، جڻ اسڪول ۾ ڪلاس وٺي رهي هجي. جڏهن سندس دل جو ٻار هلڪو ٿيو ته ماءُ کان خبرچار ورتائين. کيس معلوم ٿيو ته هن عورت، جنهن جي عمر ٽيهه سال کن مس هجي، بعدي نرملا کان ٻه ننڍي هجي. پر ڪانئس گهڻو وڏي لڳي رهي هئي، هن کي چار ٻار آهن ۽ هن ٽين سالي جي ڇوڪري کان ٻه هڪ پيو ننڍو ٻار اٿس. سندس مڙس ڪنهن سرڪاري دفتر ۾ ڪلارڪ آهي ۽ مهني جي آخر ۾ اڪثر ونن ٻارن جي کير لاءِ ٻه پئسا نه هوندا آهن. نرملا بسڪيٽ ۽ پاڻيءَ جو گلاس کڻي آئي ۽ همدرديءَ وچان چيائين: مڪيش کي ننڊ آهي. آرام ڪرڻ ڏيس. جيئن جاڳندو مان تو وٽ کڻي ايندس.

ماءُ جي هلي وڃڻ بعد نرملا پلنگ تي ويهي ٻار جي ڇهري کي تڪيندي رهي. ڀالي ڀولي ڇهري ۾ ٻه اکيون هڪ چٽر جو آڀاس ڏئي رهيون هيون. نرملا پنهنجي اندر ۾ سنيهه جي هڪ وير جڙهندي محسوس ڪئي ۽ پاڻهن ڊگهيري ٻار جي منهن ۽ مٿي تي آڱريون ڦيرڻ لڳي.

جيئن ٻار جاڳيو، نرملا کير ۾ ڊٻل روٽي ٻوڙي کيس کارائي

اڌورو جواب ڏيندو پنهنجي ڪلاس ڏانهن هليو ويو. نرملا سوچيو شايد مهيش جي طبيعت ناساز آهي، پر پوءِ لڳاتار هوءَ ڪيترن ڏينهن تائين ڏسندي رهي ته هو ڪانئس پاسو ڪري رهيو آهي. هڪ ڏينهن نرملا کان رهيو نه ٿيو. هن مهيش کان پڇي ورتو: ڇا مون کان ڪا خطا ٿي آهي؟

مهيش ڪا دير سانت نگاهن سان نرملا ڏانهن نهاريندو رهيو. سندس نهارن ۾ ظاهر هو ته ڪيس هن ڇوڪريءَ لاءِ آدر ۽ همدردي آهي. هو ٿورو هٻڪيو، پوءِ نرملا جي ويجهو سري آيو. پوءِ گهٽ آواز ۾ چيائين: پر نرملا، ان ڏينهن اسين ساڙهي ڳنهڻ هليا هئاسين نه، ته مدوءَ جي ڪن ساهيڙين اسانکي گڏ گهمندي ڏٺو. هنن مدوءَ کي وڃي ٻڌايو. هوءَ ڏاڍو ناراض ٿي.

نرملا عجب ۾ وراڻيو: پر تو ڪيس سمجهايو ڪو نه، ته اسين سندس لاءِ سوکڙي ڳولهي رهيا هئاسين.

عورتون هنن ڳالهين ۾ سمجهنديون ڪٿي آهن. صفا ندو اکر واريندڙيون آهن. هن مون کان زوريءَ انجام ورتو ته مان آئينده تو سان نه ڳالهائيندس.

نرملا ماٺ ٺٽيو ويٺي رهي ۽ ڪجهه دير بعد ڪجهه به چوڻ بنا، ڪتاب هٿن ۾ کڻي ٽيرس روم مان ٻاهر هلي وئي.

... ... ...

هڪ ڇوڪري هئي.

هن جو نالو نرملا هو.

هڪ سانجهيءَ بالڪنيءَ ۾ بيٺي هوءَ اڄاڙ رستي ڏانهن نهاري رهي هئي جو هڪ ٽن چئن سالن جي ٻار کي رستي جي ڀر ۾ راند ڪندو ڏٺائين. ٻار جي پير ۾ هڪ ڇيلو بيٺو هو جو پنهنجي موج ۾ ٽينگ ٽپا ڏيئي رهيو هو ۽ ٻار هنکي رانديڪو

پرتو سندس ڇهري ٿي پيو هو. هنن جي بدلي ٿي آهي. هن وڏي شهر مان اسين ننڍي شهر ۾ وينداسين. اتي شايد پگهار مان پورت پئجي وڃي.

نرملا اوٻاڪ ٻڌجي ان اونداهي ڪمري جي ميرين ڀتين ڏانهن نهاريندي رهي.

وڃڻ ويل نرملا مڪيش کي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڀڪوڙيندي چيو: هيءُ چار ڏينهن مڪيش مون وٽ رهندو.

اهي اچل راتيون مڪيش نرملا سان گڏ سمهيو، سندس ٻانهن جي گهيري ۾. نرملا جو سونو چوڙو مڪيش کي سٽائڻ لڳو، انڪري هن اهو چوڙو ئي لاهي ڇڏيو. رات جي اونده ۾ هوءَ ڪئين ڀيرا ڇرڪ ڀري جاڳي پوندي هئي ۽ الائي ڪهڙي ڀؤ ۾ مڪيش کي ڇڪي ڇاتيءَ لائيندي هئي.

جڏهن ڏينهن مڪيش دور وڃڻو هو هن اسڪول مان موڪل ورتي. رات جي ٽڪ بعد مڪيش پنهنجي گهر نه ويو. سندس مائٽ سامـــان سڙو ٻڌڻ ۾ مشغول هئا. منجهند ڌاري مڪيش جي وڏي ڀيڻ آئي. وڃڻ جي ويل اچي وئي. نرملا هن کي چيو:

تون هل، مان اچان ٿي.

نرملا اهي سڀ شيون ٻڌيون جي هوءَ مڪيش لاءِ وقت به وقت وٺي آئي هئي. صرف هڪ گڏو رکيائين. جڻ اهـــو مڪيش جو ٻيو روپ هو. سامان مٽئڊور ۾ چڙهي چڪو هو، گهر جا ڀاتي جو سامان جي پٺ ۾ ويٺا هئا. ٻار مٽئڊور ۾ چڙهڻ ڪري بيحد خوش هئا. مڪيش به ٻارن ڀيڻن جي خوشيءَ ۾ شامل ٿي ويو.

نرملا پنهنجي فليٽ ۾ موٽي آئي. فليٽ ۾ ڪيتري اڪيلي هئي. اوچتو نرملا جـــي اکين مان لڙڪ لڙڻ لڳا. وڃڻ ويل مڪيش ڏانهنس نهاريو به ڪو نه. هو ٻارن سان راند ۾ ايترو خوش هو جو شايد نرملا کيس وسري وئي هئي. نرملا جـي لڙڪن جي لار ڊگهي ٿيندي وئي.

۽ کير پياريو. منهن اونداهيءَ جو هوءَ ٻار کي ماءُ وٽ ڇڏي آئي.

ٻئي ڏينهن هوءَ اسڪول مان موٽي ته سندس من پٽڪڻ لڳو. هر هر کيس مکيش جي ياد ستائڻ لڳي. آخر هوءَ پاڻ کي روڪي نه سگهي؛ ۽ دل ۾ هٺندي سانجهيءَ جو ٻار کي ماءُ وٽان وٺي آئي. کيس پلنگ تي پنهنجي ڀر ۾ وهاري ساڻس ڳالهيون ڪرڻ لڳي. اونده گهاٽي ٿيندي کيس ڪجهه کارائي، کير پياري گهر ڇڏي آئس. ڏيري ڏيري هيءُ سندس نيم ٿي ويو. ٻار جي ماءُ به انهيءَ خوش هئي جو سندس ٻار جو هلڪو ٿيندو هو ۽ سيٺي کان وڌيڪ خوش ٿيندو هو. ٻار، نرملا جي هنج ۾ اچڻ سان هٿيوچيون هڻڻ لڳندو هو ۽ پنهنجا ننڍڙا نرم هٿ نرملا جي ڳلن ۽ چپن مٿان ڦيرڻ لڳندو هو ۽ نرملا خوشيءَ ۾ سندس منهن تي مٺين جو وسڪارو ڪري ڇڏيندي هئي. اسڪول مان موٽندي ڪڏهن مکيش لاءِ رانديڪا، ڪپڙا يا کاڌي جون شيون وٺي ايندي هئي. هن ٻار ۾ هن کي اهڙو ساٿي مليو هو جنهن سان ڳالهيون ڪندي هوءَ الوڪڪ آنند محسوس ڪندي هئي. سندس دماغ مان اڪيلائيءَ وارو ڌنڌ گم ٿي ويندو هو. ڪڏهن ته ٻار سان ائين وڻڻ لڳندي هئي ڄڻ هو سندس ئي ٻار هو ۽ سدا سندس گود ڀرا ڏيندو رهندو.

ڪجهه مهينا گذري ويا.

هڪ ڏينهن هوءَ مکيش کي وٺڻ لاءِ ان هڪ ڪمري جي فليٽ ۾ پهتي، جتي سدائين ٻارن جو روڄن ۽ ماءُ جو چلائڻ هوندو هو، ته مکيش ماءُ پاسڻ مليندي، منهن مٿي ڪري چيو، آرٻر اچي ويو...

نرملا عجب ۾ ان نپوڙال عورت ڏانهن نهاريو. سدا خفي عورت جي منهن تي نديڙيءَ گاڏڙ ريکا هئي، ڄڻ اميدن جو

# ● ٻپهري

ٻپهري ٿي اچي وئي. اونهاري جي منجهند، گرمي، سانت، تنهائي جڏهين واءُ منجهل کي دک مٿي اٿاري ڇڏين. ڪاڪي هنجي ڪمري منجهه آئي، چيائين: منهنجو ڪم پورو ٿيو. توهانجي ماني ٺاهي رکي اٿم. صرف پائي کڻجو. مان وري پنجين بجي ايندس. وڃان؟

هن ڪاڪيءَ ڏانهن نهاريو. ستر سالن جو پوڙهو. پر ڪلها نميل نه، سنتشٽ پاڻ. منهن تي نه ٿڪاوٽ، نه ڀاو هيڻتا، نه چنتا، ڪنهن پراڻيءَ ٻهاڙيءَ جيان" اڏول هئي. ٻن ڪمرن تي اٿين هريل جيئن چاٻي ڏنل مشين. هوءَ ڦڙتائيءَ سان ٻاهرئين دروازي ڏانهن وئي، پر موٽي آئي. دروازي وٽ بيٺي پڇيائين: توهان ٺيڪ ته آهيو؟

مان بلڪل ٺيڪ آهيان. هن جهيڻي آواز ۾ ورائيو.

پر هوءَ بيٺي رهي: ٻيو ڪو ڪم ته نه آهي؟

هن ڪنڌ لوڏي ناڪار ۾ جواب ڏنو.

ڪاڪي وئي هلي. ٻاهرئين دروازي جي بند ٿيڻ جو ٺڪاءُ ٿيو.

هن اوچتو گهر جي سناٽي کي محسوس ڪيو. اُٻسو ساهه کڻي ويس. اکيون ٻاٿ روم طرف موڙيائين، گيزر مان سندس سنان لاءِ نڪرندڙ پاڻي ڏول ۾ گڏ ٿيندي هڪ ساز آواز ڪري رهيو هو. سنان ڪندي، ٻن مٽان گرم پاڻي اوتيندي هن سوچيو، هيءَ ڪاڪي ته ٻه من جي رشتي ۾ سندس ڪير به نه لڳي، صرف مهني ۾ ستر رپيا وٺندي آهي ۽ سندس گرهستي

توهان ٺيڪ نہ آهيو؟

شنڪر ٻدا سوچ وراڻيو: نہ، نہ، مان ٺيڪ آهيان.

ڪاڪي ڪيس پيرن کان وٺي مٿي تائين جاچي ورتي.

توهان ڊاڪٽر کي ڇو نہ ٿا ڏيکاري اچو؟

شنڪر ٻرش ڪرڻ لاءِ باٿ-روم وڃي رهيو هو. هٿ ۾ ٽوال کڻي چيائين: اڳئين هفتي ڏيکاري آيو هوس. ڊاڪٽر چيو هو مان ٺيڪ آهيان.

هو باٿ-روم ۾ هليو ويو. ڪاڪي چادر وڇائي، وهاڻا ٺاهڻ لڳي.

بسڪيٽ کي چڪ پائي هن چانهہ جو ڍڪ ڀريو. ڪيس ويچار آيو تہ هيءَ ڪاڪي اُڪير هوندي ۽ مونڌانهن ائين نهاريندي آهي جڻ منهنجي ٻڌن، منهنجي مَن کي پڙهي وٺندي. تہ هوءَ منهنجي اندر ۾ جهاتي پائي تہ سگهندي آهي، انڪري ٿي تہ مان سندس سامهون سهج سڀاءَ ٻيهي سگهندو آهيان. نہ تہ انسان ڪيترو لڪندو آهي تہ سندس ڪير جاڻي نہ وٺي. هوءَ تہ منهنجي ڇهري جي پاون کي منهنجي اسڌن سان ڳنڍيندي ٿي پار پار منهنجي صحت بابت پڇندي آهي.

هو وڌيڪ نہ سوچي اخبارن جي خبرن ۾ گم ٿي ويو. انهن ڏهڪائيندڙ جون خبرون جي ڪانئس هزارين ميل دور جون هيون، جنجو ٺيڪ نہ اٿڻ ۾ سندس ڪو لڳاءُ نہ هو. پر انهن خبرن پڙهڻ وبل هڪي لڳندو آهي تہ هو ٿي مهاڀارت جو هيرو آهي، پر اخبار رکڻ وبل هو وري ٻيو ٻئڃي پوندو آهي.

اخبار رکي هن چوطرف نهاريو. چانهہ جو خالي ڪوپ ۽ بسڪيٽن جي پليٽ ڪاڪي ڪڏهين کڻي ورتي هئي اها هڪي سمڪ ٿي ڪانہ پيئي هئي. هن چوطرف ائين نهاريو جڻ ان سنسار کي ڳوليندو هجي جو هن اخبار ذريعي پاتو هو. ٻيان

سنڀاليندي آهي. ڪيترو نه ڪم ڪندي سندس منهن لهي گهٽجي نه ايندو آهي، سهڄ سڀاءَ سدا ڪم ۾ لڳي. ڪانئس عمر ۾ ڏهه سال وڏي هوندي به سندس پرگهور ائين ڪندي آهي جڻ هو نادان ٻار آهي.

ٽوال سان هٿن مهٽي، ڪپڙا اوڍهي هو رڌڻي ۾ ويٺو. کاڌو گرم ڪرڻ جي ضرورت نه هئي. ٿالهيءَ ۾ کاڌو رکي ڊائيننگ ٽيبل جي ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. ميز تي نگاهه ڦيريندي ڄاتائين ته پاڻيءَ جو گلاس ڀرڻ وسري ويو هوس. پاڻي ڀري آيو. انمدو ٿي کائڻ شروع ڪيائين.

کيس وسر جي عادت ٿي پيئي آهي ۽ انهيءَ خيال پالڻ جي. سندس من ۽ ٻڌن ۾ ڪو ميل نه رهيو آهي. من اڄالڻ راهڻ ٿي ولندو آهي؛ ٻڌن هڪ ٿي ڪوٺڙيءَ منجهه قيد آهي. ياد آيس، رات وري ننڊ کيس اڪيلو ڪري وئي هئي. هو ٻڌا ڪم ٽڪل ٻڌن کي ساڄي کاٻي موڙيندو رهيو هو ۽ من اونده ۾ ٻڌا آڪاس جي اڏڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو هو. سندس ٻڌ نه پراڻا ۽ گنل آهن جو اڏڻ جي ڪوشش ڪندي ٽوٽندڙ پوائنتا آواز ٿا ڪن. اها ڪهڙي ٻيچيني آهي جنهنڪي نه ڄهو ڄالو ڏيئي ٿي سگهيو نه چيد ڪري ٿي سگهيو. اندر ۾ ٽڪ هو جو ٻڌن جي ٽڪ سان ملي پوڏ ٻڻجي ٿي ويو. ٻڌهڻجو پاڻ ٽي ٽرس کائيندي هن زور سان چپر ٻيڪي ٿي چڏيا. ٻه الپ سمي بعد وري اکيون اونده ۾ ڪجهه ڳولهڻ ٿي لڳيون. صبوح - ٻهر - روز - جاڳڻ - وهل سندس اکين پاڻ کوليو، ٻه وري ٻوٽجي ويون. ڪاڪيءَ جي دروازي - گهنٽـــي وڄائڻ تي هو ڇرڪ ٻري جاڳيو ته ڏٺائين سج مٿي چڙهيل هو.

ڪاڪي رنڌڻي ۾ گهڙس تي چانهه جي ٻاٽي رکي، ٻيڊروم ۾ هنڌ ٺاهڻ آئي. چادر ويڙهيندي هن ڏشڪر ڏانهن نهاريو. شايد

ڪاڪيءَ کي جڏهن ڪجهه ياد پيو. سياڻي لاءِ مڇي وٺي اچان؟
پلي، هن آکيو ۽ وري ننڊ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو. ٻاهرين
دروازي جي کلڻ ۽ بند ٿيڻ جو آواز سڄيءَ فلئٽ ۾ ڦهليو. هو
اڪثر عجب کائيندو هو ته ٻاهرين دروازي جي کلڻ ۽ بند ٿيڻ
جا آواز ٻين دروازن جي آوازن کان زوردار ۽ ٻيا ڇو آهن. ڄڻ اهو
دروازو اندين دنيا ۽ وڏي دنيا جي وچ جو دروازو آهي.

وري ننڊ جي آيل خيال کيس گهيري ويا. جڏهن هيءَ
گهر ڪاڪيءَ جو آهي. هو هڪ مزمان آهي جو آشانش لاءِ ٽڪيو
پيو آهي. اڳ ڀاڄيون يا سيڌو خريدڻ لاءِ ويندي هوءَ شڌڪر
کان پئسا وٺندي هئي ۽ موٽي حساب ڏئيندي اچيل پئسا
واپس ڏيندي هئي پر وشواس ڪاوڻ يا ڪتراڻ. کان اچڻ لاءِ
هاڻ شڌڪر مهني جي شروعات ۾ هڪڙي خرچ لاءِ پئسا سونپي،
پاڻ ئي اونو ٿي ويندو آهي. کيس اها پڪ ٿي وئي آهي ته
هن دنيا داريءَ ۾ ڪاڪي ڪانئس وڌيڪ پوئيڻ آهي.

هن جون نگاهون اڪيلي ڪمري ۾ چوطرف گهميون. ديوار
مٿان فوٽو فريم ۾ هڪ عورت جو چهرو هو. جوان، موچاري
عورت جو فوٽو. اهڙو هار سينگار ڪيل، ۽ اهڙي وشواس سان
ايتل جڏهن پاڻ کي دنيا جي سڀ کان خوبصورت عورت سمجهي
رهي هجي. ڪنهن زماني ۾ هوءَ سندس پتني هئي. پتنيءَ جي
ٻيائي وارو، سندس موت کان ٿورا سال اڳ نڪتل فوٽو،
سندس ميز جي ڪاڻي ۾ رکيو آهي ۽ شاديءَ وهل
گڏ نڪتل فوٽو جنهن ۾ هو ٻئي مرڪي رهيا آهن، تمام خوش
نظر اچي رهيا آهن، اهو فوٽو سندس ڪوٽن هيٺان ڪٻٽ ۾
رکيو آهي. پر انهن ٻنهي فوٽن ڏي نهارڻ سان هو ايڪٽڙي
محسوس ڪندو آهي، ان ڪري هن هيءَ فوٽو فريم ۾ وجهي
رکيو آهي، جو فوٽو سندس زندگيءَ کان تمام دور جو پاسندو
آهي، جو سندس اندر کي ڇهي نه سگهندو آهي ۽ شو کيس

رنڌڻي مان آواز آيو: ٺيرون تيار آهي، ميز تي اچو.

شنڪر سامت جو ساهه کنيو. اهو ڄاڻي ته زندگيءَ ۾ ڪجهه ڪرڻ لاءِ اڃا ڪجهه آهي. هو ٻاٿ-روم ۾ وڃي پيشاب ڪري، ميز تي ٺيرون ڪرڻ لاءِ اچي ويٺو.

ٺيرون کندي هنجون خالي نگاهون دري لنگهي ٻاهر ويون، آڪاس ۾ لٽڪندڙ ڪٽين ٻالڪيون هيون ۽ انهن ۾ ڪيڙا انسان جي سرن جيان ٺڳيل هئا. پر هو ڏسي نه رهيو هو، نه ٻه ڏسي رهيو هو، پنهنجي ئي اڪيلائيءَ ۾ هو ايحساس ڇڻجي ويو هو.

سندس وات ۾ ٻاهروئيءَ جو ذڪر هو ۽ هو کير جو گلاس چپن اڳيان آڻي رهيو هو جو ڪاڪي هٿن ۾ ڳوڙهن ڪٽي ڀٽڪ مدجهه آئي. مان پاڇيون وٺڻ ٿي وڃان. ٻزار مان ڪجهه کپي ته نه؟

شنڪر دماغ تي زور ڏنو، اڄ ڪالهه ڪيس پنهنجي ضرورت جون شيون به ياد نه رهنديون هيون. جڏهن سندس ٻئن سندس نه پرائو هو، جڏهن پنهنجي گهر جن سان سندس ڪو پريو جن نه هو. ڪاڪي، سندس سامهون بيٺي سندس جواب جو انتظار ڪري رهي هئي، هٿ ۾ ٿيلهيون جهلي.

ڪجهه به چوڻ لاءِ هن جي چپن آڪيو: ٻزار مان منهنجي لاءِ ٽٿ برش وٺي اچجانءِ. ڪيترن ڏينهن کان برش خراب ٿي ويو آهي.

جملو پورو ڪندي هن کي ياد پيو ته اڳئين هفتي جڏهين هو ڊاڪٽر وٽ ويو هو ته هڪ ٽٿ برش به وٺي آيو هو. اهو ڊاڪ تي رکيو هو. پر پراڻو برش ڦٽو ڪرڻ ۽ نئون برش ڪم آڻڻ جو خيال آيو ئي نه هوس. ڪاڪي اڃا به سامهون کڙي هئي پر هيءَ سڀ ڪاڪيءَ کي ٻڌائڻ تي سندس دل نه ٿي.

رهي هئي ته مڇي سڀ ملي هئي، جنهنڪري هوءَ چڪيندي ته ڪي انسان ڪيترو جلد خوش ٿي ويندا آهن ۽ هو آهي جنهنڪري دنيا جي سکن، دکن ڇهڻ ڇڏي ڏنو آهـــي. سندس اندر ٿي ته، بدن ۾ جڙ اٽجي ويو آهي، هو ان مٿي اڙيل پاڻيءَ جيان آهن جن مٿان هوائون لنگهنديون ڪي لهرون پيدا نه ڪنديون آهن.

هان، هيءُ توهانجو برش. ڪاڪيءَ ٿيلهي مان برش ڳولهي شنڪر جي هٿ ۾ ڏيندي چيو. شنڪر محسوس ڪيو ڪاڪيءَ جون آڱريون ڏاڍيون کهريون هيون.

ڪاڪي رڌڻي ۾ هلي وئي. هو بيڊ روم ۾ آيو ۽ پلنگ تي ليٽي پراڻين مخزن مان فوٽا ڏسڻ لڳو. فوٽا ڏسندي ڏسندي، هن ٿڪ محسوس ڪيو ۽ مخزن پٽ ۾ رکي هو ليٽي پيو. کيس ننڊ اچي وئي.

ٻپهريءَ ويلا ڪاڪيءَ ٿي سڏ ڏيئي کيس اٿاريو. کيس منجهند جي مانيءَ بابت تاڪيد ڪري هوءَ هلي وئي.

شنڪر منجهند جي ماني کائي ميز تان اٿيو. پنڌڪ مان لنگهندي ياد پيس ته ڳرڙي ڪرڻ وسري وئي هيس. هـــو باٿ-روم ۾ وڃي ڳرڙي ڪري بالڪنيءَ ۾ اچي ويٺو ۽ هيٺ نهارڻ لڳو.

هيٺ گهٽيءَ ۾ ڪاڪي بيٺي هئي. هوءَ ٻن واڙن گهرن ۾ ڪم ڪندڙ مائين سان ڳالهيون ڪري رهي هئي. اهي مايون عمر ۾ سندس ننهن يا ڌيءَ جيڏيون ٿي سگهيون ٿي. شنڪر عجب کائڻ لڳو ته پاڻ کان هيتري ننڍيءَ عمر وارين سان هوءَ ڪهڙيون ڳالهيون ڪندي هوندي. وچواري جنهن هيءَ مائي وٺي ڏني هئي تنهن ٻڌايو هو ته کيس صرف هڪ بيمار ڀائٽيو آهي جو کيس ڪاڪي ڪري سڏيندو آهي. پنج پٽ ڄاوس

جنهن منجهه سندس جوانيءَ جا گڏ ڪيل ڪجهه رانديڪا رکيا آهن ان مٿان ٻه فوٽو فريم رکيا آهن. اهي فريم اهڙا اڇا نه آهن جهڙو سندس زال جي فوٽي جو فريم، ڇاڪاڻ ته انهن فريمن ۾ ويٺل ۽ بيٺل انسان اڃا هن دنيا منجهه آهن. هڪ ۾ سندس ڌيءَ پنهنجي مڙس سان گڏ بيٺي آهي ۽ ٻئي منجهه سندس پٽ پنهنجي زال ۽ ٻن ٻارن سان ويٺو آهي. اهي ننڍڙا ٻار به هاڻ وڏا ٿي چڪا آهن، پنهنجين الڳ شخصيتن جا مالڪ آهن. اڄ ڪالهه ٻارن جون شخصيتون به نوڪدار لڳنديون آهن، اڳ وڏا به لسن پٿرن جيان هوندا هئا. جو جڏهين به انهن فوٽن ڏي نهاريندو آهي ته کيس سڀ اڻسڃاتل لڳندا آهن. هو نه پنهنجن انهن ٻارن کي سڃاڻندو هو جن کي سڃيون راتيون گود ۾ گهمائيندي ننڊ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ها، جنکي هٿ سان وٺي اسڪول ۾ داخلا ڏياري آيو هو يا جنجي هن ڌام ڌوم سان شادي به ڪرائي هئي، تڏهين هو هٿن ۾ ڪانئس وڏا هوندي به سندس ٻار لڳي رهيا هئا. پر ان بعد اوچتو هو ڌاريا ٿيڻجي ويا. انهن ڏي ڇتائي نهارڻ سان به هو انهن کي سڃاڻي نه سگهندو آهي. پر تڏهين به هن هنن جا فوٽا سجائي رکيا آهن ۽ هنن جا نالا اڃا به هنکي ياد آهن.

ٻاهرئين دروازي جو بيل وڳو، ڪاڪي ٿسي هوندي. هن عجب ڪاڌو نه اٿرو سمي گذري ويو. هن ميز تان اٿي وڃي در کوليو. ڪاڪيءَ جي هٿن ۾ ٻه ڳوڙهون ڳوٿريون هيون. هن وسمي مان انهن ڳوٿرين ڏي نهاريو. ڇا سندس لاءِ انهن شين جي ضرورت پوندي آهي؟

اڄ مڇي ڏاڍي سٺي ملي. ڪاڪيءَ خوشي ظاهر ڪندي چيو.

شڪر عجب مان ڪاڪيءَ ڏانهن نهاريو. هوءَ خوش ٿي

سنيما جي ٻاهر رستي تي گوڙ گهٻوڙ نه هو. اهو پڪيل حصو هو جتي ٽڪيٽ گهر هئا اُجاڙ هو. ٽڪيٽ دريون کليل هيون. هوءَ ٽڪيٽ وٺي هال ۾ گهڙي. هال ۾ اونداهه هئي، فلم شروع ٿي وئي هئي. هن جون اکيون اونداهه ۾ پاڻ هيرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون جو گيٽ ڪيپر ٽارچ ٻاري کيس سندس سيٽ وٽ ڇڏي ويو. هوءَ ڪرسيءَ تي ويهي پڪچر ڏسڻ لڳي.

هن کي پڪچر جي ڪهاڻيءَ جي ڄاڻ هئي. هيءَ فلم وشو جي اُنهن ٿورين فلمن مان هئي جي ڪنهن به هڪ ملڪ ۾ پرودرشن پائي سڄيءَ دنيا ۾ مشهور ٿي وينديون آهن. هئڙيون فلمون جن هالن ۾ هلنديون آهن اُهي هال خالي هوندا آهن، ڇاڪاڻ ته هئڙين فلمن مان وندر نه، اندر کي پيڙا ملندي آهي. هئڙيون فلمون پئسا نه، شهرت ڪمائينديون آهن. هيءَ فلم اُن عورت جي ڪهاڻي هئي جا مڙس جو گهر ڇڏي ٻئي مرد سان گڏ رهي ٿي. پر هن عورت کي مڙس مان ٻار به آهي؛ اُن ٻار ڪري سندس مڙس سان اسپشٽ ناتو هلندو ٿو اچي.

پڪچر ڏسندي هن ڄاتو ته فلم اڃا تڏهن شروع ٿي هئي. پڪچر ۾ نائڪا جي ڇهري تي جي ڀاو آيا ٿي تن هن جي اندر کي ڇهيو ٿي. ائين هوءَ اُن نائڪا جي سک ڏک جي ڀاون ۾ کوهجي وئي.

”ڇا مونکي پنهنجي پسندگيءَ جي زندگي جيئڻ جو حق نه آهي؟“ نائڪا پنهنجي مڙس کان پڇيو.

۽ پنج ٿي گذاري ويس. هڪ ٽونهن کي سال گهر ۾ هئس جنهن ٻي شادي ڪري ٻيو گهر وڃي وسايو. مرد گذاري نه ڏهاڪا ٿي ويا اٿس.

شڪر ڪڏهين به ڪاڪيءَ جي ڇوري تي هنن واقعن جو اولڙو نه ڏٺو آهي. شڪر جي ننڍڙن ڳالهين جو ڌيان رکندي هوءَ هئڻ جو سک پائي وٺندي آهي.

شڪر کي گهٽيءَ جو نظارو تڪائڻ لڳو. ڪاڪي الائـي ڪيتري دير اتي ڳالهيون ڪندي رهندي. هو ٻيڊروم ۾ آيو. سندس منجهند جي ننڊ ڪرڻ جو وقت ٿي ويو هو. پـر اڄ ڏينهن جي ننڊ نه هن ٿيون بعد ڪري ڇڏي هئي. هاڻي هو ڇا ڪندو؟ جواب پاڻ لاءِ هو ڪمري ۾ چوطرف نهارڻ لڳو.

ٿي ويو. ماڻهو ڪرسين تان اُٿڻ لڳا. هن اُٿڻ کان اڳ پر ۾ ويٺل مرد ڏانهن نهاريو. اتفاق سان مرد به ان وقت عورت طرف منهن موڙيو. هنن جون اکيون ڪونه مليون. هنن صرف چاقو ۽ سندن منهن هڪ ٻئي جي تمام ويجهو هئا. ٻه اڻڄاتل چهرا جي ڪجهه به نه چئي رهيا هئا. جي هڪ ٻئي جي لاءِ بلڪل اجنبي هئا ۽ هنن منهن موڙي ڇڏيا هئا.

ريسٽورنٽ ڪائونٽر تي ڀيڙ هئي. ڪا وڃوڻي ڳولهي هوءَ اڳيان وڌي وئي. اُن وقت هن هڪ مرداڻو صاف آواز ٻڌو: لمڪا.

هن بيخياليءَ ۾ پر ۾ بيٺل مرد ڏانهن نهاريو. اتفاق سان هوءَ اُتي اچي بيٺي هئي جتي سندس پر ۾ ويٺل مرد بيٺو هو. بيئرر ٻه لمڪا کولي هنن جي اڳيان رکيا. هن محسوس ڪيو ته اها چڪ بيئرر جي هئي جنهن ٻنهي کي گڏ آيل سمجهيو هو. مرد هڪ لمڪا هن ڏانهن سيري. هن مرد ڏانهن نهاريو. هن جي چهري تي ڪو ڀاءُ ڪونه هو. مرد کيسي مان پئسا ڪڍي رهيو هو ته هن تڪڙ ۾ پرس مان ڏهين جو نوٽ ڪڍيو ۽ بيئرر کي ڏنائين. باقي بچيل پئسا هن بنا ڳڻڻ جي پنهنجي پرس ۾ وڌا ۽ ڀيڙ کان الڳ ٿي وئي.

هن مرد جو آواز ٻڌو: ٿئنڪ يو. اُن آواز ۾ ڪا به گهرائپ نه هئي. سانتيڪو، شفاف آواز. هن اکيون اڌ مٽي ڪنيون. اهو آواز ان مرد جي شخصيت سان مليو ٿي.

هوءَ جڏهن وري هال ۾ پهتي ته بتيون ٻري چڪيون هيون. مرد ٽنگون سيري کيس لنگهڻ جي جڳهه ڏني. هوءَ سانت ۾ ڪرسيءَ تي ويهي پڪچر ڏسڻ لڳي. ڪجهه دير لاءِ هوءَ اهو محسوس ڪندي رهي ته سندس پر ۾ ڪير ويٺو آهي پر پوءِ هوءَ پڪچر ڏسڻ ۾ ايترو محو ٿي وئي جو هال ۾ ٻين جي موجودگيءَ جو احساس گم ٿي ويس.

مڙس ڪو جواب ڪو نه ٿو ڏئي. هو خود پنهنجي اندر جي پيڙا مان گذري رهيو آهي. عورت غصي ۽ جوش ۾ پنهنجي هٿ ۾ جهليل گلاس زور سان پٽ طرف اڇلائي ٿي. وڏو آواز ڪري گلاس ڇيهون ڇيهون ٿي پٽ تي ڦهلجي وڃي ٿو.

ان آواز تي سندن ٻار ننڊ مان جاڳي پنهنجي ڪمري مان ٻاهر هليو اچي ٿو. ٻئي عجب مان سندن رشتي جي ان نشانيءَ ڏانهن ڏسن ٿا. هو ڪنهن به نموني، ٻڌا هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهن ٿا ۽ ٻار عجب ۾ اکيون مهٽيندو پنهنجي ڪمري ڏي موٽي وڃي ٿو. عورت احساس جي گهيري کان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ تڪڙ ۾ پرس کڻي تڪڙي دروازي طرف وڌي.

ٻڌا نهارڻ جي هن ڇاتو نه سندس پٺ ۾ ويٺل مرد ٿورو جهڪو ڪاڏو ۽ هڪ ننڍو اڇلڪو شوڪارو پريائين. هن هڪ ڪن لاءِ پٺ ۾ ويٺل جيءُ ڏانهن نهاريو، ٻئي پل نگاهون هٽائي سڄي هال تي گهمايائين. گهڻيون ڪرسيون خالي هيون. هن ۽ سندس پٺ ۾ ويٺل مرد جي آس پاس به گهڻيون ڪرسيون خالي هيون. هو به ڇٽا ڇڻ ڪنهن ٻيڻاريءَ تي ويٺا هئا. هوءَ وري پڪچر ڏسڻ ۾ محو ٿي ويئي.

پڪچر جو اهو مرد جنهن ڏانهن ناڻڪا پاڻ روڪڻ جي ڪوشش ڪندي به ڇڪجندي ٿي وڃي اڻ وڻشي لڳي رهيو آهي. هو سندس پتيءَ جيان ڪنهن وڏي عهدي تي به نه آهي. پر ان هوندي به جڏهين هوءَ هن جي پٺ ۾ اچي ٿي ته پوريءَ دنيا کي وساري وهي ٿي، پاڻ کي به. ڇڻ سندس نجي شخصيت به ڪا هستي نه آهي جنهن جي رکشا لاءِ هوءَ مڙس سان سخت غلامي ڪري ٿي. هوءَ اهو به وساري وهي ٿي ته هن دنيا ۾ هڪ ٻار به آهي جو سندس ڪک مان آيو آهي.

انٽرول ۾ هال ۾ ٿيٽر تي ڏاڍي روشني ٿي پوءِ سڄو هال روشن

هئا. شايد ٻنهي مٿان ان عورت جي اندر جو ٻوجو هو. شايد هو ۽ ڪو حصو ٻوڙي رهيا هئا. هو آهستي آهستي هلي رهيا هئا، ٻنهجي اندر ۾ غلطان. هو ٻاهر ٻرج ۾ ٻيٺا، هتي وڏو دروازو هو. وڏيءَ دنيا ڏانهن جتان هر درشڪ کي سنڌس راهه سنڌس گهر ڏانهن وٺي ويندي ۽ هووري هت شهر جي گوڙ شور ۾ گم ٿي ويندا.

Excuse me. اوچتو ڪو آواز ٻنهجي پٺ ۾ ٻڌي هوءَ ٿهي رهي. هن ڪنڌ مٿي ڪڍي ڏٺو اهو ٿي مرد سنڌس پٺ ۾ ايندو هو جنهن جي پٺ ۾ هن ۽ ڪلاڪ اونده ۾ واهي ٻڪڙ ڏٺي هئي. سانجهيءَ جي ڳهٽجندڙ روشنيءَ ۾ هن سنڌس پورو آڪار ڏٺو. نديڻ ٻانهن سان خميص، ٻرائس ٽيل پئنٽ، ٻرائون رنگ جو بوٽ، هٿ ۾ ڪجهه ڪتاب ۽ نديو نوٽ بوڪ.

ڪوئي اعتراض نه هجي ته گڏجي هڪ ڪوپ ڪافيءَ جو پيئون. آواز ۾ ڪا به جذباتي ڪاڻ هئي، صرف آتم وشواس هو.

عورت اکيون مٿي ڪڍي مرد ڏانهن نهاريو. اهو اهڙو چهرو هو جنهن تي وشواس ڪري سگهجي ٿو. هن هڪ تمام نديڙيءَ ڪن لاءِ سوچيو ۽ پوءِ ورائيائين: مونکي ڪو اعتراض نه آهي.

ان ٿيٽر جي مٿان ٿي ريسٽارنٽ هو. هو وڏي اچي لفٽ وٽ بيٺا. لفٽ مٿن کين ۽ ماڙ تي چڙهي لفٽ هيٺ وٺي ويو.

ريسٽارنٽ گهڻو خالي هو ۽ سانت. هو وڏندا اچي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺا. هن پٺ جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ وڏي شيشي جي دري هئي. هو ٻئي سانت هئا. ٻنهي مان ڪنهن به سانت کي ٽوڙڻ جي ڪوشش نه ڪئي. هڪ ٻئي سامهون ويٺا رهيا.

ويٽر آيو. توهان ڪجهه کائيندئين؟

نه.

چانهه يا ڪافي؟

ڪافي.

هاڻ پڪچر ۾ ٺهراو هو. هن زماني ۾ جنهن جو ٺهراو. چارئي ڪردار پنهنجي پنهنجي نموني پوري رهيا هئا. نائڪا، سندس مڙس ۽ اهو ڊاڪٽر جو نائڪا کي سڀني کان وڌ پنهنجو لڳڻ لڳو هو ۽ ٽئين اُن سالن جو پارو. سڀ اُن گهڻن کان ٻاهر نڪرڻ چاهين ٿا پر ڪنهن کي ڪا راهه ڪانه ٿي سجهي. سڀني کان وڌيڪ اندر ۾ گهٽ محسوس ڪري ٿو اهو نئون پار جو پنهنجي ساڻ رهندي ماءُ کي ڏڪاري به ٿو پر بيحد پيار به ڪري ٿو، پنهنجي ڪان به وڌ.

پار کي سمجهڻ جي اسقلتا، پنهنجو پاڻ سان ايماندار رهڻ جي ڪوشش، نائڪا جي شخصيت جا ٽڪرا ڪري ڇڏي ٿي. هوءَ اسپتال ۾ آهي جتي سندس پار، سندس مڙس سندس پير ۾ آهن. مڙس جي اثاهه محبت ڪيس نو پيدا ٿئي ٿي، پر جيئن ٿي هوءَ تندرست ٿي اسپتال ڇڏي ٿي ته مڙس ۽ پار پنهنجي ڪي ٿياڳي وري ان اجنبيءَ ڏانهن پڇي ٿي جو اسپتال ۾ صرف هڪ ئي دفعو ڪيس ڏسڻ آيو هو. جنهن ساڻس همدردي به نه جتائي هئي، جنهن سندس بيماريءَ ڪري اندر ۾ پيڙا به نه پاتي هئي. هوءَ اهڙا موقعي پورو سڃاڻي به نه ٿي پر اندر ۾ اُهين ٿي محسوس ڪري: اهو مرد ٿي سندس پاڇو آهي. هن پدا هوءَ اڪيلي آهي.

اوچتو هال ۾ ٿيون ٻريون.

هال ۾ ويٺلن سڀني هلڪو ٽهڪ ڏنو. هڪ جادوئي اثر اوچتو اٿي ۾ رڪجي ويو. هڪ زندگي پوري ٿيڻ کان اڳ ختم ٿي ويئي. هڪ مسافري منزل تي پهچڻ کان ڪان اڳ پوري ٿي ويئي.

درشڪ ٻاهر نڪرڻ لڳا. هو ٻئي هڪ ٻئي جي پٺ ۾ ويٺل ته اٿيا ۽ ٻين سان گڏ دروازي طرف وڌيا. پنهنجي جا ڪنڌ هيٺ

# ● پنجن ڪتن وارو ماڻهو

شهر جو اهو سانت رستو جنهن جي ٻنهي پاسي يوڪلپٽس جا ٻڍڙا وڻ آهن. رات جي ننڊ بعد سويل پرو جاڳندو آهي. اهي ماڻهو جي پنهنجي صحت لاءِ سجاڳ هوندا آهن ان رستي تي ٽڪڙيون وکون کڻندا نظر ايندا آهن. وڏيءَ عمر وارن جو انداز سرسيرو هوندو آهي. جڏهين سج جا پهريان چڪا، گلابي ڪرڻا ان رستي مٿان پاڻ وڇائيندا آهن، تڏهين هڪ خوبصورت نظارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. گهاٽن ڇهڇ رنگن جي خميص ۽ پتلون ۾ ملبوس، گوريءَ چمڙيءَ وارو وچولي عمر جو هڪ شخص پنهنجن پنجن ڪتن سان رستي تي ڏسبو آهي. ڪتا سنڌس چوڌاري ڦرندا رهندا آهن، ڪي اڳيان، ڪي پاسن کان، ڪي پٺيان. هو پنهنجي ٽڪڙين ٽنگن سان انهن ڊوڙندا ۽ ڦيرا پائيندا آهن، جڻ پنهنجي مالڪ جو هن خونخوار دنيا کان بچاءُ ٿا ڪن. ننڍڙا ڪتڙا، قد فوٽ جي اندر، پٺن تي گهاٽي ٿلهي پشم، هڪ اڇو، ٻه ڀورا، ٻه ناسي، پرسان راندڪا لڳندا آهن جي مشين جي زور تي ٽڪي رهيا آهن. سورج جي همت ۾ لڪل هوندو آهي جو ڏيکاري هو رولاڪ ڪتن کي پنهنجي ڪتن جي ويجهو اچڻ کان روڪيندو آهي ۽ مٿي ڪٽي سامهون ايندڙن کي ڪيڪاريندو آهي. صبوح جي هن نوڪري ٻڌي تي اڪثر ماڻهو ساڳيا هوندا آهن ۽ انهن وچ ۾ هڪ ياڻپي جڙي ويندي آهي. سامهون ايندڙ شخص کي ڏسي سورج ڪنڌ مٿي ڪري چوندو آهي: گڊ مارننگ. اهو چوندي سورج جي آواز ۾ خوشي پرجهي ويندي آهي ۽ سج جي ڪرڻن

ٻه ڪافيون. مرد ويٽر کي چيو.
ڪافيءَ جي ڪوپ مان هڪ ٻيڪ ٻري عورت چيو: زندگيءَ جو گهڻو حصو اڪيلو ئي رهي. شايد هوءَ ڏٺل پڪچر بابت ڳالهائي رهي هئي.
مرد ڪافيءَ جو ڪوپ هٿ ۾ کنيو هو. رڪجي چيائين: ڪڏهن ڪڏهن ڀاسندو آهي ...... هو سانت ٿي ويو. شايد هو موزون لفظ نه ڳولهي سگهيو.
ڇا ڀاسندو آهي؟ عورت جڻ هڪ مرد جو هٿ ڊگهيرايو.
پنهنجن کان جدا ٿي ڪنهن اجنبيءَ سان ڪا گهڙي گهارڻجي.
عورت سوچيندي رهي، پوءِ چيائين: شايد اسانجي زندگيءَ جون گهٽيون تمام سوڙهيون آهن.
مرد کلي ڏنو. ڪجهه دير بعد چيائين: پر جڏهن به اسين ڪنهن وڏي رستي ڏانهن مڙڻ چاهيندا آهيون ته No Entry جو بورڊ ڏسندا آهيون.
عورت جي چپن تي تمام جهيڻي مرڪ ظاهر ٿي، پوءِ هن کلي ڏنو. شايد ڳالهين ۾ پنهنجو بوجهه هوءَ وڌيڪ سهاري نه سگهي.
هلڪڙائيءَ واري انداز ۾ پڇيائين: پڪچر ڪيئن لڳي؟
مرد به پنهنجي ساري گنڀيرتا اڇلي ڇڏي. مرڪندي چيائين: سٺي يا خراب چوڻ جواب ته نه ٿيندو آهي.
هون. ڇوڪريءَ جڻ شاهراه ٺهندي چيو. پوءِ فضا ۾ وڌيڪ هلڪڙائي ڀرڻ لاءِ چيائين: تو واجهڙائيءَ ۾ ڪهڙيون پڪچرس ڏٺيون آهن؟
هو پڪچرس بابت ڳالهيون ڪرڻ لڳا. جيئن ٻه دوست ڳالهيون ڪندا آهن. جڻ هو هڪ ٻئي کي سالن کان سڃاڻندا هجن. اڃان اڌ ڪلاڪ ڪن گذري ويو. ڪجهه وڌيڪ به ٿي سگهيو ٿي. دريءَ جي شيشن مان ٻاهران اونده پسجڻ لڳي.
اها اونده ٻنهي ڏٺي ۽ ٻئي اٿي بيٺا.
لفٽ ٻنهي کي هيٺ وٺي آئي. اونده جي حاشيءَ وٽ پهچي سندن قدم رڪيا. عورت هٿ اڳيان وڌايو. مرد هٿ وڌائي ان کي ڇهيو.

*

هو مختلف راهن ڏانهن پنڌ پيا.

ڪڏهن ڪڏهن اُجاريون نگاهون ميڊڪا مٿان اُڇلائيندو آهي ۽ پنهنجي کان پڇندو رهندو آهي ته هو ڇا ڪري، ڪم ڳولهڻ ۽ ته پاڻ سندس زندگيءَ جو انگ بڻجي پيو آهي، ڪڏهن هو دٻيل پير ٻاهر روم جي پر واري ورانڊي ۾ اخبار کڻي ايندو آهي ۽ پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر اکين سامهون اخبار هوندي به سندس اکيون ڪجهه به نه پڙهنديون آهن ۽ جي ڪجهه وڏن اکرن ۾ لکيل مکيه خبرون پڙهنديون به آهن ته اهي سندس دماغ تائين نه پهچائينديون آهن. اخبارون پڙهڻ، پا هن دنيا جي ڪارگذارين ۾ اونهو وڃڻ ڪڏهين به سندس سڀاءَ ۾ نه رهيو آهي. ڪنهن زماني ۾ هو ڪجهه فلمي اخبارون ۽ آمريڪا مان ايندڙ سيڪس تي مخزنون گهرائيندو هو، پر انهن جا به هو صرف فوٽا ڏسندو هو، پڙهندو ڪو نه هو.

اوچتو هڪ گهنٽيءَ جو آواز سڄي گهر کي ڇرڪائي ڇڏيندو آهي. ميڊڪا جاڳڻ سان ٻانهن وڌائي پلنگ مٿان لڳل بيل بٽڻ کي دٻائيندي آهي. گهنٽيءَ جي تيز آواز سان سڄو گهر جاڳي اٿندو آهي. نوڪر چاڪر جاڳي وٺندا آهن ته، مالڪياڻي ننڊ جي غيب مان واپس گهر جي دنيا منجهه آئي آهي. صوفا تي ويٺل سورج اکيون مٿي کڻي ميڊڪا ڏانهن نهاريندو آهي. ريشمي ڪمبل سيري ميڊڪا ڪر موڙيندي بدن مٿي کڻندي آهي. سورج جون اکيون سنهيءَ نائيٽيءَ مان پيهي ميڊڪا جي ملائم گوري بدن کي ڇهنديون آهن. ڳوري سڊول بدن کي نائيٽي ڍڪڻ بدران وڌيڪ اگهاڙو ڪندي آهي. سورج کي هيءُ نظارو وڻندو به آهي ۽ هو ان کي تڪاريندو به آهي. پر جڏهن هوءَ پلنگ تان هيٺ لهڻ لاءِ نائيٽيءَ کي مرن کان ڇڪي گوڏن تائين آڻيندي آهي ته، سورج جون نگاهون ٽنگن تي ٽڪڻ کان پاڻ روڪي نه

۾ سندس چهرو ٻهڪندو نظر ايندو آهي. ڪڏهين ساموهون ايندڙ شخص سورج جي چوڻ کان اڳ، وڏي واڪي چوندو آهي: گڊ مارننگ. اها ڪيڪار ٻڌي سورج جو منهن خوشيءَ کان ٽڙي پوندو آهي. اهو اڳلي لاءِ پنهنجي اندر ۾ تمام ويجهائي محسوس ڪندو آهي ۽ ٽهڪ ڏيندي، اکڙ مٿي کڻي اڳلي کي جواب ڏيندو آهي: ويري گڊ مارننگ. الائي ڇو اڳلي کي سورج جا اهي ٽهڪ عجيب لڳندا آهن، جڻ سورج اسٽيج تي آهي، کلي ٽهڪ ڏيئي رهيو آهي. پر سورج اهڙيءَ ٻول ۾ هوندو آهي جو ڪڏهين اڳيان وڌي اڳلي سان هٿ ملائيندو آهي، ڪڏهين سندس ڪلهي تي هٿ رکي چوندو آهي: گاڊ بليس يو.

اُس ۾ تپت اچڻ سان سورج گهر اچي ڪتن سان سڌو باغ ۾ ويندو آهي. باغ جي ڪنڊ ۾ ڪتن لاءِ هڪ ٻڪو گهر ٺهيل آهي. ڪتن کان موڪلائڻ ۾ کيس ڪجهه سمو لڳندو آهي. ڪتا کيس ڇڏڻ نه چاهيندا آهن، پر هيءُ صبوح جو نڪليو پند کيس ڪجهه ڪجهه ٿڪائيندو آهي ۽ هو ڪجهه آسائش جي ضرورت محسوس ڪندو آهي. ڪتن کان موڪلائي هو پنهنجي بيڊ روم ۾ ايندو آهي. وڏو مابرن نموني سجايل ڪمرو الائي ڇو کيس ڪيڪار ڀندو ڪو نه آهي. هو جڏهين به هن ڪمري منجهه هوندو آهي نه ٻاڪي اڪيلو محسوس ڪندو آهي. هيءُ ڪمرو کيس اجنبي لڳندو آهي، ڪنهن ٻئي جو ڪمرو جنهن ۾ ٻاڻ ٻڌا نيڻلي جي گهٽي آيو آهي. هن ڪمري ۾ اچڻ سان کيس محسوس ٿيندو آهي نه هو واندو آهي. ڪو ٻـ. ڪم سندس لاءِ ٽرسيل ڪونهي ۽ هڪ ٻڍهي قداور شخص مان هو هڪ جامڙو ٻطجي ويو آهي. هو غاليچي مٿان ڊبل بير هلندو آهي مٿان وڏي پلنگ تي ننڊ ۾ الوپ ٿيڪا جاڳي نه ٻاري. هو

ان جو جواب پڪل ٽُڪل سٽ ۾ ڏيندو آهي.

۽ وڌيڪ ڳالهائڻ جي ۽ سورج کي عادت ھُجي وئي آهي ۽ ڪڏھين ته بي مطلب ڪلڻ ۾ لڳندو آهي. مينڪا تڏھين ڏانهس اھڙي ته حقارت مان نهاريندي آهي جو سورج جو ڪلڻ اڌ ۾ ئي بند ٿي ويندو آهي.

مينڪا چانهه جا ٻه ٽي ڍڪ پيئندي آهي. ننڍڙا ڍڪ. جڻ چانهه چپ پئي رهيا آهن، وات نه. پوءِ اوچتو ڪوپ پليٽ ٽپائيءَ تي رکي اٿي کڙي ٿيندي آهي. چوندي آهي: اڄ ٻارهين بجي اڪائونٽنٽ ايندو، تو کان ڪجهه صحيون وٺڻيون اٿس. ڪيس گهڻو وقت نه ترسائج، ڏاڍو بزي آهي.

جواب جو انتظار نه ڪري هوءَ وري باٿ روم ۾ هلي ويندي آهي. سندس زندگيءَ جا روز ٻه ٽي ڪلاڪ اتي گذرندا آهن.

سورج سمجهي ويندو آهي ته اهو اشارو هو ته اڪائونٽنٽ کان سوال نه پڇڻا آهن، جتي ٻه آڱر رکي اتي صحيون ڪرڻيون آهن.

سورج جي اندر جي آه هاڻ ٻاهر نه نڪرندي آهي. اندر ئي اندر ۾ ٻوسائجي مري ويندي آهي. هو هڪ ٻيو اسڪيٽ ڪڍندو آهي ۽ سانت ۾ چانهه پيئڻ لڳندو آهي. سندس ڪمري ۾ چوطرف اڇلايل نگاهون ڪيس ڪجهه ياد ڏيارينديون آهن. سندس شاديءَ کان اڳ اتي ٻيو پلنگ هو. اڌ رات بعد هو گهر ايندو هو ۽ پلنگ تي ائين ڪرندو هو جڻ ڪٽيل وڻ آهي. صبوح جي ٻهراڻ ويلا گذري ويندي هئي، جڏھين هو جاڳندو هو ۽ شاديءَ بعد هن مينڪا کي ائين ماڻيو هو جيئن ڪير وڻندڙ شيءِ جي پچاڙيءَ جي ڦڙي چکڻ بعد به جيڀ چٽيندو رهي. مينڪا پاڻ ڇڏائڻ لاءِ آزيون نيزاريون ڪندي هئي پر

سڳهنديون آهن.

گُڊ مارننگ. سورج آواز ۾ ٻهڏائي پڙڻ جي ڪوشش ڪري ڪيڪاريندو آهي.

گُڊ مارننگ. ميڊڪا جو جواب ايترو آ، جهڪو ۽ اُچاترو هوندو آهي جو اهو اڻ ڪمري تائين ٿي پهچندو آهي ۽ هوءَ ڪرڻ کان پاڻ بچائيندي، مخمل جو سچانو پاتي باٿ روم ۾ هلي ويندي آهي.

نوڪر چانهه جي ٽري ۽ ڪجهه بسڪيٽ صوفا سامهون رکيل ٽپائيءَ تي رکي ويندو آهي. سورج چانهه ڏانهن نهاريندو آهي پر سندس ٻڌڻ نشچل رهندو آهي.

جڏهن ميڊڪا باٿ روم مان واپس اچي ٽپائيءَ ڀر ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهندي آهي، ته سورج اڳيان نئڙي، هٿ وڌائي چانهه ٺاهڻ لڳندو آهي. ميڊڪا ٽنگ مٿان ٽنگ رکي ويهندي آهي ۽ سندس اُچاريون اکيون هٿن جي ننهن مٿان لڳل نيل پالش کي ڏسنديون رهنديون آهن.

سورج چانهه جو هڪ ڪوپ - پليٽ ميڊڪا کي ڏيئي، پاڻ هڪ هٿ ۾ بسڪيٽ ۽ هڪ هٿ ۾ چانهه جو ڪوپ کڻندو آهي. ميڊڪا ڪوپ چپن سان لڳائي چانهه جو هڪ ڍڪ ڀري پڇندي آهي: ڪالهه ڪا پوسٽ آئي؟

پوسٽ جو مطلب سورج ۽ ميڊڪا جي ٻن ٻارن جي ديهرادون جي ڪنهن اسڪول ۾ پڙهندا ۽ رهندا آهن. انهن جي احوال سان آهي.

ڪن سالن کان سورج ڪو به سڌو جواب ڏيئي نه سگهيو آهي. ڳالهين کي گهمائڻ ڦيرائڻ جي سندس عادت پئجي ويئي آهي. جڏهن سوال جو جواب ننڍو هئڻ گهرجي ان جو جواب هو ايڏگهائيندو آهي ۽ جڏهن سوال جو جواب سلسليوار ڏيڻ گهرجي

سورج ڪتن سان راند ڪندو رهندو آهي. ڪڏهن ڪتي کي چمي ڏيندو آهي، ڪڏهن ڪتي کي ٻاڪر ۾ ڀريندو آهي، ڪڏهن ڪتي سان روح رهاڻيون ڪندو آهي ۽ ائين ڪندي ڪتن جي ڪاڌي جو وقت ٿي اچي ويندو آهي. نوڪر ڪتن لاءِ ڪاڌو ڪڍي ايندو آهي ۽ سورج پنهنجي سامهون انهن کي کارائيندو آهي جيئن ڪڏهن زماني ۾ مائرون پنهنجن ٻارڙن کي چوڌاري وهاري پيار سان کارائينديون هيون.

وڏيءَ ڊائننگ ٽيبل تي اٺن ڪرسين مان هڪ تي ويٺي، ٽيون ڪندي سورج پاڻکي تمام اڪيلو محسوس ڪندو آهي. سندس نگاهون هڪ خالي ڪرسيءَ سان ٽڪرائجي موٽي اينديون آهن ۽ سندس اندر جي خاليپڻي کي وسيع ڪنديون وينديون آهن. هو جڏهن مسمريزم جي اثر هيٺ هوندو آهي ۽ اهو اثر ٽٽڻ لهندو آهي جڏهن نوڪر اچي ٻڌائيندو آهي ته آفيس واري ڪمري ۾ اڪائونٽنٽ سندس انتظار ڪري رهيو آهي.

اڪائونٽنٽ کان سورج کي نفرت آهي. ميڊڪا جي هر مائٽ کان سورج کي نفرت آهي جي اڄ ڪيس گهيري ويٺا آهن. هو جڻ قيد ۾ آهي ۽ هيءَ سڀ ميڊڪا جا پريان ۽ اوريان مائٽ جي ميڊڪا سندس ذهن ۾ رنيپا آهن، سندس پيءُ جي پراڻن ملازمن کي ڪڍي ۽ نوان نوڪر جي ميڊڪا گهر ۾ رکيا آهن سڀ جڻ سنتري آهن جي سندس زندگيءَ چوڌاري هٿيار جهليو بيٺا آهن.

هو سانت ۾ اڪائونٽنٽ کي صحيون ڪري ڏيندو آهي. ڪيس ڄاڻ آهي ته هو سوال پڇندو ته ته اڪائونٽنٽ اُبتا سبتا جواب ڏيندو جن جو اصلي ڳالهه سان ڪو واسطو ئي نه هوندو. اڪائونٽنٽ جي وڃڻ بعد ٿي هو ڪجهه دير اُتي ويٺو هوندو

هو هڪ ٻہ نہ پڙهندو هو. جهونا ڪائيندڙ نند جي خمار ۾ وڌڻهيل ميندڪا کي هو ڪوڪ شاستر مان ٽڪرا پڙهي ٻڌائيندو هو. هاڻ ساهہ مدجهائيندڙ ان ڪمري جي خاليپڻي کي ٽڪيندي سورج پاڻ کان پڇندو آهي هيءَ سڀ ڪيئن ٿيو؟ ڇا دنيا ۾ انهن ۾ اُبي سگهندو آهي؟ ڇا عورت اهڙي نثر ۾ ٿيندي آهي؟

سورج ٻاهر - روم جي بند دروازي ڏانهن نگاهہ اڇلائيندو آهي ۽ اُٿي ڪڙو ٿيندو آهي. هو چمپل پائي باغ ڏانهن رخ ڪندو آهي. باغ ۾ جتي ڪتن لاءِ گهر آهي ان جي پر ۾ هڪ وڏو گل مهر جو وڻ آهي ۽ ان وڻ هيٺان سنگمرمر جي هڪ بينچ آهي. ڳاڙها ڪرڙ گل زمين تي چوطرف پکڙيل هوندا آهن. سورج انهن ڪرڙ گلن ڏانهن نهاريندي عجب ۾ پوندو آهي. سوچيندو آهي هيءَ گل مرندي بہ زندہ ڪيئن آهن سورج بينچ تي ويهي هڪ ڪتي کي سندس نالي سان سڏ ڪندو آهي. پنهنجو نالو ٻڌي، هر ڪتو ٽڪ ٻاڍو، ٽپا ڏيندي سندس گود ۾ اچي پوندو آهي. سڀ کان وڌيڪ سورج اڇي ڪتي کي پيار ڪندو آهي. هن ڪتي جون اکيون ايترو سندر آهن ۽ سندس اکين جي پر ۾ بہ ناسي رنگ جون ليڪون آهن. هن ڪتي جي اکين ۾ نهاريندي سورج کي پنهنجي ماءُ ياد پوندي آهي، جنهن جو جيئري ڪنهن بہ قدر نہ ڪيو. جڏهن سورج جو پيءُ پئسن ڪمائڻ ۾ مشغول هو نہ. هو جڻ زال کي وساري ويٺو هو. هيءَ سادي سودي عورت گهر ۾ پئسن اچڻ بعد بہ سادي ساڙهيءَ ۾ ملبوس ڏسڻهن ۽ رات جو گهڻو وقت پنهنجي پوڄا ڪوٺيءَ ۾ وڏيت ڪندي هئي. گهڻو پوءِ سورج ڄاتو نہ. هن ڌارمڪ عورت کي ٽپ وڏهي ويو هو نہ. جنهن نموني سورج جي پيءُ پاڻن کي دوکو ڏنو هو ان جو بدلو ضرور سورج جي پيءُ يا سندس ٻارن کي ڏيڻو پوندو.

هڪ ٻڪري کولپائين. پئسو جيئن مينهن جي ٿڻن مان کير نڪرندو آهي تيئن اچڻ لڳو ۽ ٿورن ڏينهن ۾ لاکو پهلوان سيٺ ٺهجي ويو.

ڪنهن کي به خبر نه آهي ته زندگي ڇو جيئبي آهي ۽ لاکو سيٺ کي به خبر نه هئي ته هو پئسي پٺيان ائين چريو ڪيئن ٿي پيو.

جڏهن سورج ارڙهن سالن جو هو جو سندس پيءُ اوچتو گذاري ويو. سندس ماءُ ته اڳيئن گذاري وئي هئي جڏهن هو ننڍو هو.

پئسو ماکيءَ وانگر مٺو آهي. ان جي مٺاس جي آس ۾ ڪاليج جا ڪيئن ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سورج چوڌاري چڪر ڪاٽڻ لڳا. هو ڪار ۾ ڪاليج ويندو هو ۽ پڙهڻ بدران دوستن کي خوش رکڻ ۾ وڌيڪ من لڳائيندو هو.

سورج اکيون کڻي پيءُ جي فوٽي ڏانهن نهاريندو آهي، ان ڪمري مان نڪرڻ کان اڳ. وڏيون گانگٽ واريون مڇون، ڪنڌن وٽان مٿي مروٽيل. مکڻ سان مليل سٺيو چهرو. ڳلي ۾ پيل موتين مالا ڪنهن روشنيءَ ڪدا جرڪندڙ پر الائي ڇو اهو دهشت وارو پيءُ جو چهرو به سورج کي تسڪين ڏيئي نه سگهندو آهي. کيس لڳندو آهي سڀ انسان اندر ۾ پولا آهن. هو سڀ انهن بتن جيان آهن جن کي دڪانن جي شو ڪيسن ۾ دڪاندار ڪپڙا پهرائي رکندا آهن. مضبوط بدن وارو سندس پيءُ، نازڪ بدن ميڙڪا، ٻکايل، نوس نوس ڪندڙ ميڙڪا جا مائٽ جي سندس چوڌاري ڦهليل آهن، سڀ اندر ۾ پولا آهن، سڀ خالي آهن. هو هاڻي ڪنهن کي پيار نه ڪندو آهي، ڪنهن کي به عزت نه ڏيندو آهي، ميڙڪا جي مائٽن ڏانهن سندس نفرت به هڪ خاليپڻي ۾ بدلجي ويندي آهي. کيس

آهي، ٻئي هٿ هڪ ٻئي ۾ ڳنڍي ۽ سندس اکيون ازخود پيءُ جي وڏي فوٽي ڏي پونديون آهن جو آفيس جي ڀت تي ٽنگيل آهي. وڏيءَ حشمت وارو چهرو، مٿي تي پڳڙي، نرڙ تي ٽلڪ، ڳلي ۾ موتين مالا. ڄڻ ڪنهن راجا جو فوٽو هو. صرف سندس هٿ ۾ تلوار نه هئي. سندس پيءُ جون تيز نگاهون سندس بدن اندر چڀنديون آهن.

سورج جڏهن ننڍو هو ته غريب هو ۽ آواره ڇوڪرن جيان گهٽين ۾ رلندو هو. سندس ماءُ کي کير جو ڌنڌو هو. پر ڌنڌي ۾ ڌيان ڏيڻ کان وڌيڪ هو پهلوانيءَ ۾ دلچسپي رکندو هو. سندس ننڍا ڀائر ڌنڌي کي ڌسندا هئا. هو ڪشتيءَ ۾ جيت پائي، ڳاڙهن گلن جا هار پائي پنهنجي امڙ کي خوش ڪندو هو. پر جڏهن هو اٽڪل ٽيهن سالن جو هو ته هن اوچتو محسوس ڪيو ته سندس بدن ۾ اها طاقت نه رهي آهي جو ملهه وڙهندي اڳين کي ڌسي سگهي ۽ تڏهن ڪيس شهر جي ميونسپالٽيءَ مان نوٽيس به آيو ته شهر جي وچ ۾ ٺهيل، مينهن جي وڏي واڙي کي شهر ٻاهر ڪڍي وڃي. اها واڙي واري زمين لاکو پهلوان کي ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ملي هئي.

لاکو پڻ ٽن دلالن سان ڳڏيو ته ڪيس اهو ٻڌي عجب لڳو ته جنهن وقت هو ڪشتين ۾ مشغول هو ان عرصي ۾ سندس سڪل ٽوٽ زمين سوني ٿيندي رهي هئي. ان هڪ ٻن ڏهاڪن ۾ شهر جي زمين جا اگهه سئوڻا ٿي ويا هئا.

دلالن جي صلاح تي لاکو پهلوان پنهنجي وڏيءَ زمين جو اڌ حصو وڪيو ۽ شهر ٻاهر واڙو کولي پنهنجي ننڍين ڀائرن کي الڳ وهاريائين. بچيل پئسن مان هن شهر واريءَ زمين تي وڏي جاءِ ٺهرائي مسواڙ تي ڏني ۽ ان جاءِ ۾ هيٺ هڪ ڊيئري ۽

وٽي ايندو هو. ڪيس زوريءَ ڪلب ۾ وٺي ويندو هو جتي
سندس سامهون پنهنجي ساٿيڙن سان چرچا مسخري ڪندو
هو ميڊڪا تي رعب جمائڻ لاءِ هو انهن ڇوڪرن سان ٻه ورجهائي
ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو هو جن سان سندس رستو نه جهڙو
هو. دوستن سان ملاقات ڪرائيندي سورج کي ميڊڪا جو شرم
۾ ٻڏل چهرو ؛ ئي دلي نمستي نه وڻندي هئي. هو هن ڪــي
پنهنجي دوستن سان هٿ ملائي ڪيڪارڻ لاءِ مجبور ڪندو هو.

منجهند جي مانيءَ بعد سورج ان وڏي پلنگ تي ليٽندو
آهي ؛ سٽت ڪيس ننڊ اچي ويندي آهي. هو ڪروڻبڙو ئي
سمهندو آهي جيئن ٻار سمهندا آهن. ڪڏهن ننڊ ۾ سورج کي
خوفناڪ خواب ايندا آهن. هو ڪڏهين ڪڏهين ننڊ ۾ رڙيون
ٻه ڪرڻ لڳندو آهي، ڪڏهين نه سڏڪا پري رئندو ٻه آهي، پر
ڪنهن کي ٻه ان جي ڄاڻ نه پوندي آهي، خود ڪيس ٻه نه.

ننڊ بعد سورج پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪندو آهي.
هٿ منهن ڌوئي هو ڪپڙا بدلائيندو آهي. چانهه سان گڏ ٻه
بيسڪيون کائيندو آهي، پوءِ ايندو آهي پنهنجن ڪتن وٽ.
ڪيس ڏسي ڪتا پوڇ ۾ پرچي ويندا آهن- سندن گهمڻ جــو
وقت ٿي ويو آهي.

سانجهيءَ جو سورج ان باغ ۾ ايندو آهي جتي وڏا ڇپر
جا ٽڪرا آهن. جتي آيائون ٻارن کي تازي هوا کارائڻ لاءِ وٺي
ايندڀون آهن. هنکي آيل ڏسي آيائون چونديون آهن: صاحب
پنهنجي ٻارن سان اچي ويو.

سورج پنهنجي ڪيسي مان بال ڪيندو آهي ؛ دور اڇلائيندو
آهي، ڪتا پاڻ ۾ شرط لڳائي، ڊڪندي اهــو بال کڻي اچي
ڪيس ڏيندا آهن. ڪتن کــي اها راند ڏاڍي وڻندي آهي.
ال ڏهين ڪڏهين ڪتن جي ٽيءَ جي ٻشم ٻنيان بيار پرٻو

ڪڏهين ڪڏهين لڳندو آهي تہ هيءَ دنيا شايد سچ نہ آهي. هر طرف وڏا ٽنگ آهن جن مان سڀ وهيو وڃي. انسان جي زندگي هڪ پاڻيءَ جو ڪن آهي جنهن ۾ ڦاسڻ بعد ڇوٽڪارو ڪونهي.

هو جڏهين بيڊروم ۾ ايندو آهي تہ ڏسندو آهي مينڪا باٿ روم مان پنهنجي ڊريسنگ ٽيبل اڳيان وڃي آهي. سندس اڳيان ڪيئي شيشون ۽ ڊبيون کليل آهن. چٽڪو مونڊڪو هٿ ڪولي وڃي آهي.

مينڪا بابت سوچيندي سورج باٿ روم ۾ وڃي، در پاڻي ڪپڙا لاهيندو آهي. مينڪا تڏهن ڪيتري نہ ٻالي ڀولي لڳندي هئي. شرم ٻوئي جا هٿ لاڙ سان سڪوڙجڻ لڳي.

سورج تڏهين ٻٽيهن سالن جو هو. مٽ مائٽ، يار دوستار تہ ڪيترن سالن کان ياد ڏياريندا رهندا هئا تہ شادي ڪر. جيئن جي ڪتاب جو هڪ باب آهي ۽ اها ڳالهہ هن اوچتو تڏهين ڄاتي جڏهين هن ڏٺو تہ جن بہ ڇوڪرين سان هن پيار ونڊيو هو اهي پنهنجون ٿي وڃڻ هيون ۽ رولاڪ پڻي ڪيس ٿڪائي بہ ڇڏيو هو. هن ضرورت محسوس ڪئي ڪنهن اهڙي انسان جي، جنهن کي پنهنجو سمجهي پنهنجو بڻائي.

سورج سوچيو تمام سهڻي ڇوڪري هجي. غريب گهر جي، جنهن سندس چئي ۾ رهي. عمر جي ننڍي هجي جنهن جي ڇهري تان اڃا ٻالپڻ جي ابوجهائي غائب نہ ٿي هجي. موهنيءَ ۾ هنکي اهي سڀ ڳالهيون مليون. موهنيءَ جي عمر تڏهين سترهن سال هئي، بيحد حسين ۽ ٻالي ڀولي. سورج شاديءَ بعد سندس نالو رکيو مينڪا.

سورج مينڪا کي پنهنجي پسنديءَ جي ٻرانچي ۾ گهڙڻ چاهيو. هو هن لاءِ نئين فيشن جا ڪپڙا ۽ هار سينگار جا سامان

هاڻ ڪلب ۾ هوءَ سورج کي نيچو ڏيکارڻ کان ٻه نه هٻڪندي هئي. سورج جو آتم وشواس گم ٿيڻ لڳو هو. هو جڏهين ٻه دوستن اڳيان پاڻ سرخرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته پاڻ کي کلڻ هاب بڻائيندو هو.

اڄ رات ڌاري سورج مٿان ننڊ غالب پوڻ لڳندي آهي ۽ هو پاڻ کي آٿت ڏيندو آهي ته جلد سوجهرو ٿيندو ۽ هو پنهنجن ڪتن کي وٺي صبوح جي ٿڌڙي هوا ۾ پنڌ ڪندي آزاد ساهه کڻندو.

هٿڙو گهمائڻ لاءِ ڪو ٻار وڃڻو ايندو آهي ته سورج سندس ٿي هٿ رکي چوندو آهي May God bless you.

هن دنيا ۾ روز رات ايندي آهي. ڪڏهين به رات ڪـي اچڻ وسرندو نه آهي. اهو انسان آهي جو ڳالهيون وساريندو به آهي، ساريندو به آهي.

رات لاءِ ڪتن کان موڪلائڻ وقت سورج اندر ۾ وڏي پيڙا محسوس ڪندو آهي. هو هرهڪ ڪتي کان ٻه ٽـي دفعا موڪلائيندو آهي. ڪين پاڪر پائيندو آهي، چميندو آهـي. گڊ نائيٽ چوڻ بعد به هو پاڻ کي روڪي نه سگهندو آهي. سندس پيار ڀريل نگاهون ڪتن مٿان ليٽيل هونديون آهن.

ان وڏي پلنگ تي، ان سانت گهر ۾، رات جي اوندهه ۾ سورج ننڊ کي ليلائي سڏ ڪندو آهي. اکيون پورڻ سان سورج کي ننڊ بدران هن ڪمري ۾ گهٽيل ناٽڪ اکين اڳيان ايندا آهن. جڏهين ميڊڪا سورج کان نه ٻه پير اڳتي وڌڻ لڳي هئي ته سورج ٻچي ويو هو. رات جو ڪلب مان موٽڻ بعد هـو ڪڏهين ميڊڪا کي سمجهائيندو هـو، ڪڏهين دڙڪا داب ڏيندو هو.

ميڊڪا ڊريسنگ ٽيبل تي آرسيءَ اڳيان ويٺي، سمهڻ کان اڳ، وارا ڪاسميٽڪس بدن تي هڻندي سڀ سانت ۾ ٻڌندي رهندي هئي، جڻ اهي لفظ سندس ڪن تائين پهچن ئـي ڪون ٿا. جڏهين سورج ڳالهائي ٿڪجندو هو ته اوچتو ميڊڪا ڪالي اٺڄي پوندي هئي. هـوءَ اهڙيون اکيون ۽ ڪوڙيون ڳالهيون نفرت واري نوع ۾ سورج مٿان اڇلائيندي ويندي هئي جو سورج ٽٽڻ لڳندو هو ۽ آخر سورج ٽٽي ٽڪرن ٽڪرن ٿي ويندو هو. جيترو سورج ميڊڪا کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندو هو، اوتريءَ تيزيءَ سان ميڊڪا اڳتي وڌندي ويئي.

# ● سڄاڻپ

---

ڪن ڏينهن جي بيماريءَ ڪيس ڏاڍا ٿڪائي ڇڏيو هو، پنهنجو پاڻ ۾ ليڻ، پوري سنسار کان ڪٽيل. هاڻي هن ۾ ست محسوس ڪرڻ لڳو هو ۽ نشچو ڪيو هئائين ٻئي ڏينهن آفيس ويندو. پر آفيس وڃڻ جي خيال سندس اندر ۾ پريشاني پيدا ڪئي. هن کي لڳو هوُ دنيا کان ڇڄي ڪو ٻيو انسان بڻجي ويو هو. سندس تنهائيءَ سندس ۽ آفيس وارن جي وچ ۾ اسڄاڻپ جو خال پيدا ڪيو هو، جنهنکي لتاڙڻ سولو نه هو. هن محسوس ڪيو ته ٻاهرينءَ دنيا سان ناتا ڪيس نئين سر جوڙڻا پوندا.

هو پلنگ تان اٿيو. شيلف تان انهن ڏينهن جون اخبارون سهيڙيائين جي ڏينهن بيمار هو ۽ خبر کان مڪت هو. پر اخبارون واپس رکي ڇڏيائين. بٽڻ دٻائي ريڊيو چالو ڪيائين پر سڀئي ڦيرائڻ لاءِ سندس آڱريون نه چريون. هو نراس ٿي پلنگ تي اچي ويٺو ۽ خالي اکين سان دريءَ ٻاهر نهارڻ لڳو. هن کي ياد پيو:

هو ٽرين ۾ وڃي رهيو هو. صبح جو پهريون پهر. ٽرين پنهنجيءَ پوريءَ رفتار ۾ هئي. هو ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو. اوچتو ٽرين جي رفتار ٻرڪڻ لڳي ۽ ٻه ٽي جهوٽا ڏيئي ٽرين بيهي رهي. هن هڪ دفعو دريءَ کان ٻاهر نهاريو ۽ اهو سوچي ته سگنل ملڻ سان ٽرين وري هلڻ لڳندي، ڪتاب پڙهڻ ۾ محو ٿي ويو.

ٽرين سان گڏ وقت به بيهي رهيو هو شايد. ٽرين کان ٻاهر ٻنهي پاسي ماڻهو واڪا ڪرڻ لڳا هئا. ڪي جملا سندس دماغ

اڳيان ٻگهيڙيل هو.

نه، نه. هن ٽڪڙ ۾ جواب ڏنو. پر ٻئي ڏنهن جاڳو ته ڪيس ٻڪ هئي. وٺو نه. مون وٽ وڌيڪ آهن. آواز ۾ هجت هئي.

هن سمنڊ وچ ڏانهن نهاريو هو، پوءِ ڇوڪريءَ جي چهري ڏانهن. ڪيس لڳو هو ڇوڪريءَ جي هوا ۾ لٽڪيل ٻانهن اڪيجي پيئي هوندي. هن هٿ وڌائي سمنڊ وچ ورتو.

هو ٻئي ڪائي رهيا هئا. تمام آسائش سان، ڪا ٽڪڙ نه هئي. جڏهين وقت ٺهي رهندو آهي ته انسان Eternity جو حصو ٿڻجي پوندو آهي. هو ٻئي سمي کان ڪٽجي ويا هئا. هڪ ٻئي جي ڪائڻ جي آواز کي ٻڌي رهيا هئا.

هان، هيءَ پيو وٺو. هن کي لڳو هو اهو تمام ٻگهو جملو هو، گهٽنئي جملن جو جوڙ.

هن وري انڪار جو مڪر نه ڪيو هو. هٿ وڌائي سمنڊ وچ ورتو هئائين. هو ٻئي ائين ڪائي رهيا هئا جيئن ٻه ٻار دنيا کي وساري گڏ ڪائيندي، هڪ ٻئي جي وجود جي احساس ۾ لين ٿي ويندا آهن.

تمام گهڻو وقت لڳي ويو هنن کي ڪائڻ ۾. ان بعد هن ٿهر سان ٿرماس کوليو، گلاس ڀري ڇوڪريءَ ڏانهن وڌايائين، پوءِ ان ۾ وري ٻاٽي ڀري ٻاڻ پيتائين.

ٿڌان بيٺي هئي.

ڇوڪريءَ چوطرف نهاريو. هنجي ڀر ۾ اونڌو رکيل ڪتاب هٿ ۾ کڻي چيائين: مان ڪتاب ڏسان؟

جواب جي انتظار کان اڳ ئي ڇوڪريءَ ان صفحي تان پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو، جتي هن ڇڏيو هو.

هن پنهنجي هٿن ڏانهن نهاريو جي خالي هئا. هن ٻاهر ماڻهن ڏانهن نهاريو جي جولشين جيان اڳڪٽيون ڪري ٻاڻ

سان ٽڪرايا ٿي، ڪي ڪنهن پرسان لنگهي ٿي ويا. ڪو چئي رهيو هو: ٽرين هيٺان ڪير اچي ويو آهي. ڪنهن چيو: نه، اڳيان ٻن ٽرين جو ائڪسيڊنٽ ٿيو آهي. ڪنهن آهه ڀري چيو: منهنجو سڄو ڏينهن برباد ٿيو. هوءَ سامهون ته دهلي آهي. پنڌ به پهچي وڃجي. دلي ۾ ڪي ٻه جڳها ان حد تي وڌي پيا هئا ته ٽرين دهليءَ ڪهڙي وقت پهچندي.

توهان وٽ پاڻي آهي؟

هن کي لڳو هيءُ سوال ڪير ڪانئس ٿي ڪري رهيو آهي. هن ڪنڌ مٿي ڪيو. سامهون ويٺل ڇوڪري ڪتاب پر ۾ رکي ڪانئس ئي اهو سوال پڇي رهي هئي. صبوح جو به هن ان ڇوڪريءَ کي ڏٺو هو، سامهون واريءَ سيٽ تي ويٺل، پنهنجي ڪتاب پڙهڻ ۾ مگهن. لڳي هين سج اڀريو ئي هو ۽ پيلي روشني ڪتاب مٿان پئجي رهي هئي. پوءِ هو پنهنجي ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويو هو.

هن ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو. صرف ايترو ڏٺائين ڇوڪري سنهي آهي. هن پنهنجي ٿرماس ڏي نگاهه وڌي جو سندس پير ۾ ڪلهي ٿي لٽڪيل هو. هن ٻانهن وڌائي ٿرماس لاٿو، ٿرماس جي گلاس ۾ پاڻي اوتيو ۽ گلاس اڳيان وڌايائين. ڇوڪريءَ هٿ وڌائي گلاس ورتو ۽ ڪنڌ مٿي ڪري پاڻي پيئڻ لڳي. هن جي اکين ڇوڪريءَ جي ڳچيءَ ڳڀيءَ مان پاڻيءَ کي هيٺ لهندي ڏٺو.

ڇوڪريءَ گلاس واپس ڪيو. هن ان گلاس ۾ وري پاڻي پاتو ۽ پاڻ پيتائين. هن ٿرماس بند ڪري ڪلهي ۾ ٽنگيو. ڪتاب هٿ ۾ کڻي اڃا ان ۾ اکيون وڌائين ته وري اهو ئي سنهو آواز آيو.

سئنڊوچ کائيندا؟ ڇوڪريءَ جو هٿ، سئنڊوچ جهليل

سڃاڻپ واري چمڪ پئدا ٿي. پوءِ ٻڌي، هڪ تمام ننڍڙو، دٻيل، پر وڏدڙ ٺهڪ ڏنو هو.

ڪيترا سال اڳ جي هيءَ گهٽنا هئي. ايتري ته ساڌارڻ ڳالهه هئي جو اسٽيشن کان ٻاهر نڪرندي هو اها وساري ويٺو هو. هو عجب کائڻ لڳو ته هاڻ اها کيس ياد ڪيئن پيئي؟ ڇو پيئي. پر کيس لڳو ڄڻ اونداهيءَ ۾ بجلي چمڪو ڪري کيس آسپاس جي دنيا ڏيکاري ويئي. کيس لڳو هن پنهنجو پاڻ مان نڪري ٻاهرئين دنيا ۾ پير پاتو هو. هو جڏهين هاڻ دنيا وٽ ويندو ته پاڻ کي اجنبي نه سمجهندو ۽ نه دنيا کي اڻسڃاتل.

✻✻

وندراڻي رهيا هئا. اندر وٺل ماڻهو پڙهڻ جو پاڻ کان ٻيزار ٿي ويا هئا. هن ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو — جنهن جو منهن ڪتاب پٺيان لڪل هو.

سندس نظر ڇوڪريءَ جي پير ۾ اُبتي رکيل ڪتاب تي ٽڪيئي جو ڪجهه وقت اڳ ڇوڪري پڙهي رهي هئي. هن نٽڙي، هٿ وڌائي اهو ڪتاب کڻي ورتو ۽ ان صفحي کان اڳتي پڙهڻ لڳو، جت ڇوڪريءَ پڙهڻ اڌ ۾ ڇڏي، کليل ڪتاب اُبتو ڪري پير ۾ رکي ڇڏيو هو.

هو اڃي پڙهڻ ۾ ايترو محو ٿي ويو جو کين سمجهه ئي ڪانه پيئي ته ٻيڙي ڪڏهين هلي. ڪيترن ماڻهن جو هل هلاچو اوچتو بند ٿي ويو. ماڻهن کلي هڪ ٻئي کي واڌايون ڏنيون. هنن جا چهرا پڙهڻ ڪتابن ۾ غرق رهيا. هنن جو ڌيان ڪڏهين ڀڳو جڏهين ٻيڙي هڪ وڏي لوڏي سان اچي رهي. ماڻهن ۾ ڀڪ ڀوڙ، ڊوڙ ڊڪ شروع ٿي وئي، ڪُوليءَ سڏ ڏيڻ لڳا، چوطرف هل هلاچو مچي ويو. ڇوڪري هڙٻڙائجي اُٿي بيٺي. ٽڪڙ ۾ ڪتاب بند ڪري هٿڪي واپس ڏيندي چيائين: آءٌ ائم ساري، آءٌ ائم ساري......

هن ڪتاب ٽان اکيون مٿي کنيون ۽ تعجب ۾ ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو، جڻ خواب مان سجاڳ ٿيو هو، ڇوڪري شايد هن جي اکين جي عجب جو بوجو سهاري نه سگهي ۽ پاڻ سنڀاليندي چيائين: موکي هتي لهڻو آهي.

پر ۾ ٻئي هڪ ڪرڙويڙ مسافر کلي چيو: ٻيڙي هتي پوري ٿي. سڀني جي مسافري ختم ٿي.

ڇوڪريءَ پاڻ سنڀالي ورتو هو ۽ هن جو عجب نه شائسته گڏيوٽا ۾ بدلجي ويو هو. هن هڪ ڀيرو ڏانهن نهاريو هو ۽ هن جي چپن جي ڪنڊن تي جهيڻي مرڪ ۽ اکين ۾

# ● پراڻا ڪتاب

ديدي، هيءُ ڪتاب ڪٿي رکان؟

مون ڪنڌ ورائي نوڪرياڻيءَ طرف نهاريو. سندس هٿن ۾ چار پنج پراڻا ڪتاب هئا. پيلا ٿي ويل پنا ۽ ميرا جلد.

مان يڪدم ڪو نشچو ڪري نه سگهيس. ٿڪل هيس. نرڙ تي پگهر جون ٻه ٽي ٻوندون محسوس ڪيم. صبوح کان نوڪرياڻي ۽ مان گهر جي سهيڙ ۾ لڳل هيوسين. ٻن هفتن جي موڪل بعد سڀاڻي ڪاليج ۾ ڊيوٽيءَ تي چڙهڻو هو، هي ٻه هفتا هيءُ منهنجو گهر گهر نه هو پر ڌرمشالا هئي. سوچيو هوم اڄ وري گهر کي ٺاهي سڀاڻي کان ڪاليج ۾ پڙهائڻ شروع ڪنديس.

ڪتابن کي ڏسندي من پرچي آيو. سيڙهيءَ تي ويهي چوطرف نهارڻ لڳيس. گهڻو ڪم ٿي چڪو هو. نوڪرياڻيءَ کي چيم: ٽيبل ميز تي رک. ٿورو آرام ڪري باقي ڪم لاهي وٺنداسين.

مان سيڙهيءَ تي ٽول وهاڻي جي سهاري ليٽي پيس. اکيون پورڻ سان ڪئين يادگيريون ميڙاڪو ڪري آيون.

گهڻا ڏينهن ڪٿي ٿيا. ڪالهه ڪالهوڪي ڳالهه پيئي ڀاسي. هڪ رات چندر ڊسپينسريءَ مان آيو ته هڪ انلينڊ اچي منهنجي هٿ ۾ ڏنائين.

ڪنهنجو خط آهي؟ مون اکيون کڻي پڇيو.

دادا جو. چندر، دادا منهنجي وڏي ڏير کي چوندو هو.

ڇا لکيو اٿائين؟

ڪري ڪلاڪ سوا پوڄا پاٺ ڪرڻ. ٻهراڻ رات جو اسر بابا جو آواز ٻڌي جڏهين منهنجون اکيون کليون هيون ته ٻپه لڳو هوم ته مٿان ٻارن ۽ چندر جي ننڊ نه ڦٽي هوندي. چندر ڏهن سان سمهڻ جو عادي هو ۽ ٻار اسڪول وڃڻ کان اٽڪل اڌ ڪلاڪ اڳ تمام تڪليف سان اٿندا هئا ۽ تڙ تڪڙ ۾ هٿ منهن ڌوئي ناشتو ڪري اسڪول ڀڄندا هئا. پر اڄ آءٌ جڏهين ڏٺم ته سانت ۾ ڦهلجندڙ اهو جهيڻو مڌر آواز گهر ۾ ڪنهن جي ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ بدران وايومنڊل کي اهڙو وڻندڙ بڻائيندو هو جو اڳ جو ٻار اسڪول لاءِ تيار ٿيڻ ويل رڙيون واڪا ڪندا هئا، اهي سانت ۾ تيار ٿيڻ لڳا. صبوح سويل ٽيليفون جي گهنٽي وڄڻ سان اڳ چندر جي چهري تي لداءُ ظاهر ٿيندو هو، اهو گهٽو گهٽ ٿي ويو.

بابا جي نيرن سدا ساڳي هوندي هئي. ڇهري لوائي ۽ کير جو گلاس. ميز تي هن زماني جون قسمين جون شيون رکيل هونديون هيون. مان چوندي هيس: بابا ٿورو کائي ته ڏسو. ننڍڙي مرڪ بابا جي چهري تي ايندي هئي: ڌيءَ، سرير لاءِ جيترو ڪتراڳ گهٽ کجي اوترو سٺو. پر هن ڪڏهين به اسانکي اهي شيون نه کائڻ جا اپديش نه ڏنا.

بابا چاليهه ورهيءَ عمر ۾ ڇٽن تي نه لاٿي هئي. هو سنڌ ۾ وڏي سرڪاري عهدي تي هئا. مون هڪ ويل ميز تي ويٺي کلي پڇيو: بابا توهان آفيس ۾ ڇا پيئندا هئا؟

بابا جا ٽهڪ تمام مڌر هئا. چيائون: اڄ ڪالهه ڏسان پيو ماڻهن کي هر ڪلاڪ ڏيڍ کائڻ يا پيئڻ لاءِ ڪجهه گهرجي. تن ڏينهن ڪاڏي جي وچ ۾ صرف پاڻي پيئبو هو. بابا ورهاڱي بعد به سنڌ ۾ رهيا هئا. پنهنجا اڇا ڇڏڻ کين ڏکيو لڳو هو. هو رٽائر ڪرڻ وارا هئا جو منهنجي سس اُتي سنڌ ۾ گذاري ويئي.

لکيو اٿائين ٻابا جي طبيعت ٺيڪ ڪو نہ ٿي رهي ۽ لکيو اٿائين تہ ڪين اسين پاڻ وٽ گهرائي وٺون تہ ڀلو. مان ڊاڪٽر آهيان، سندن سنڀال ڀلي ٿيندي.

مون خط پڙهڻ بعد چيو: ٺيڪ تہ لکيو اٿائين.

چندر چيو: پر تون بہ تہ نوڪري ڪندڙ آهين. توکي تڪليف ڪانہ ٿيندي؟

مهندڄي چهري تي جهڙي مرڪ آئي. شاديءَ بعد مڙس زال کان ڊڄندا ڇو آهن؟ شايد هو پتنيءَ کان تڏهين تہ ڊڄندا آهن جڏهين هنکي غلط سمجهندا آهن.

مون چيو: ٻابا اسان وٽ رهيا ٿي ڪٿي آهن. توهان دادا کي لکو تہ ڪين سنڀال سان گڏ موڪلي ڏئي. سنڀال مهندڄي ڏير جو وڏو پٽ هو.

ٻابا جي مون وٽ زندگي تصوير هئي. پر اها اهڙي انسان جي تصوير هئي جنهن کي پيار ڪري سگهجي. جنهن جي ڀر ۾ ويهڻ سان محسوس ڪجي تہ ڪو انسان ڀر ۾ ويٺو آهي.

ٻابا کي جڏهين مان پيري پئي گڏيس تہ مهندڄي وات مان نڪري ويو: ٻابا، توهان ڪيترا لهڪارجي ويا آهيو. توهان اڳ ڇو نہ خبر ڏني؟

ٻابا مهندڄي وارن مٿان هٿ رکي چيو: هن ناسونهن سرير سان ايترو موه ڇو رکجي. وقت ٻادشاه آهي. اسان جي ڪهڙي هلندي.

اڳئين زماني جي انسان جي رهڻي ڪرڻي ڪيتري سادي هئي ۽ گهرجون ڪيترئون گهٽ. جڏهين ستر سالن جي ٻابا کي مان پنهنجي ٻارن سان ڀيٽيندي هيس تہ ڏوس بہ ٿيندي هيس. گهڙيال جي بنا روز اسر جو چئين بجي اٿڻ. سنان جاءِ ۾ گيزر هوندي بہ ٿڌي پاڻيءَ سان سنان ڪرڻ. ڌيان ايڪاگر

مان ڪٽهول وچان بابا ڏانهن نهاريندي رهيس.

بابا چيو: جڏهين مان سنڌ ڇڏي هتي آيس ته عمر گذاري ڇڏيو هوس. ان ڇڙهيل عمر ۾ ٻاڻ بدلائڻ ڏکيو آهي. جيڪو ۽ سنڌي ساهون ايندو هو ته ان ڏانهن گهوري نهاريندو هوس اهو ڏسڻ لاءِ ته منجهس سنڌيت ڪيتري بچي آهي.

مان ماٺ رهيس.

بابا چيو: تنهنجي وڏي ڏاڏي ته سنڌ ۾ ڄائي هئي ۽ هوءَ ايترو بدلجي وئي آهي......

مون لڄ ٻڌا بابا کي وچ ۾ ڪٽيندي چيو: بابا، اهو شايد توهانکي انڪري ٿو لڳي جو منهنجا ڏاڏو ڏاڏي اڃا زنده آهن، انهن جو اثر اڃا منهنجي پيڪي گهر تي آهي.

پر بابا وري شايد ڪنهن ٻيءَ سوچ ۾ گم ٿي ويا. اوچتو چيائون: ڌيءُ، ڪن ڏينهن کان مونکي گذري ويل ڏينهن جون يادگيريون اچڻ لڳيون آهن. دير راتين تائين ننڊ نه ايندي آهي. اکين اڳيان نظارا گهمندا رهندا آهن. ڪڏهين لڳندو اٿم ته اڳئين جنم کي ساري رهيو آهيان ته ڪڏهين ڀاسندو آهي ڪالهه ڪالهوڻي ڳالهه آهي.

هو وري ماٺ ٿي ويا. مون چيو: بابا، مان ٻڌي رهي آهيان.

بابا چيو: ڪالهه چندر سان ڳالهيون ڪندي ڄاڻ پيئي ته هن شهر ۾ اسانجي لاڙ جا چڱا گهر وسيل آهن. الائي ڇو من چوندو آهي انهن کي گڏجان. هيءُ ٻڍاپو ڏاڍو خراب آهي. ورب وري مري ويل ڏينهن جيارڻ چاهيندو آهي. توکي اعتراض ته نه ٿيندو ڌيءُ جي مان ڪڏهين ٽيلي ڏيئي هنن کي گهر ۾ گهرايان.

بابا اڳيان مان کليل ٽهڪ ڏيئي سگهندي هيس. ان ويل

ان بعد به هو ٻه سال سنڌ ۾ رهيا. آخر ٻارن جي ڇڪ کين هت وٺي آئي.

هڪ ڏينهن ڪاليج مان ڪجهه سوير پرو موٽيس. نوڪرياڻيءَ بدران مان منجهند جي دوا بابا کي ڏيڻ ويس.

بابا عجب مان پڇيو: پٽ تون هيڏيءَ مهل گهر ۾؟

اڄ ڪاليج اڌ ڏينهن بند ٿيو.

توکي ڪو ڪم ته نه آهي؟

نه بابا. مون وراڻيو.

ڪرسي سيري ويهه. توسان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ من ڇڪ ڏيندو آهي.

مان ڪرسي سيري بابا جي سامهون اچي ويٺس. بابا ڪيتري دير مونڏانهن نهاريندا رهيا. مونکي لڳو بابا جو چوڻ چاهيو ٿي اهو شايد ڪانئن وسري ويو. مون چيو: بابا توهان ڪجهه چوڻ وارا هئا.

بابا چرڪ ڀريو. مان الائي ڪهڙن يادگيرن ۾ ڪوهجي ويس. ڌيءَ، انسان جڏهين مانا ڪاٺي مٿي چڙهندو آهي ته سندس سڀ کان انمول ملڪيت هوندي آهي سندس يادگيريون.

اوچتو بابا چيو: پٽ ذرا اوري سري ويهه.

مان بابا جي وڌيڪ ويجهي ٿيس.

بابا هڪ عجيب آواز ۾ چيو: ڌيءَ، توکي ڏسڻ سان مونکي تنهنجي سس ياد پوندي آهي.

مون ٻاڻ سنڀالڻ لاءِ چيو: بابا، فوٽي ۾ ته سندس شڪل مونکان نياري آهي.

شڪل نه ڏسبي آهي ڌيءَ، انسان جي اندر کي ڏسبو آهي ۽ اسين انسان آهيون نه، مشابهت يا ڀيٽ ڪرڻ بنا رهي نه سگهندا آهيون.

سانجهيءَ جو ٻهر ڪٽڻ بعد بابا ٻاهر باغ ۾ ڇپر جي مٿان رکيل ڪرسيءَ تي اچي ويهندا هئا ۽ ڪتاب گوڏي تي رکي وڏندڙ آواز ۾ بيت پڙهندا هئا. گهڻا پراڻا ڪتاب جن جا پنا پيلا ٿي ويا هئا. الاهي گهڻن سالن کان بابا اهي ڪتاب پڙهندا آيا هئا. ان ڪتابن جا نالا نه مون پڌا هئا. شاهه جو رسالو ۽ ساميءَ جا سلوڪ. ٻيا ڪتاب به ڪويتا جا ئي هئا.

هڪ ڏينهن ٻارن مونکان پڇيو: بابا ڪهڙا ڪتاب پڙهندا رهندا آهن.

مون ورائيو هو: سنڌي ڪتاب.

ٻار عجب ۾ مون ڏانهن نهاريندا رهيا. ڇو ڪين پڙهن نه آئو نه سنڌيءَ ۾ به ڪتاب ٿيندا آهن. خود مان به اهي بيت يا سلوڪ پڙهندي اڌ سمجهندي هيس نه اڌ اڻ معنيٰ لفظ اٽڪجي ويندا هئا.

چندر بابا جي هر ٻئين ٽئين ڏينهن چڪاس ڪندو هو. مان دوائون مقرر وقت تي ڏيندي هيس، پر ڏٺم ته بابا جو سرير ڪمتي ٿيندو ويو.

هڪ پڙوسي جو هو نيم انوسار سدائين ۽ پوڄا پاٺ ڪري نه سگهيا هئا. مان جڏهن ڪين دوا ڏيڻ ويس نه سندن اکين ۾ ڳوڙها ڏٺم.

بابا زندگيءَ ۾ بيماري نه لڌي هئي.

هر آچر جڏهن ڏينهن ڀڳوان جو سمرن نه ٿيو اهو ڏينهن اڪيلائي ويو. بابا ڏاڍي ڏک مان ورائيو.

ڪن ڏينهن کان بابا مونکي ڌيءَ بدران ڪنوار سڏڻ لڳا هئا.

هڪ ڏينهن مون ڪلنڌي پڇيو: بابا توهان نه چوندا هئا ته مان توهانجي ڌيءَ آهيان، پوءِ هيءَ ڪنوار ڪٿان اچي وئي.

بابا مهنجي اکين ۾ اکيون وجهي سانس ۾ ورائيو هو:

۽ ڪلهي ڏنو هوم. هيءُ ڇا ٿا چئو بابا. هيءُ توهانجو ئي نه گهر آهي.

بابا مونڏانهن نهاريندي چيو: زمانو بدلجي ويو آهي نه، پر ٻيا ساڳيا رهجي ويا آهن. مان تنهنجي ڳالهه ڪو نه ٿو ڪريان ڌيءُ، پر ڪي ننڍا وڏن کي اٽسٽرابل ۽ سمجهڻ لڳا آهن.

منهنجي اکين ۾ ۽ آنسون ڏسي بابا اٿي ويٺا. مرڪندي چيائون: ڌيءُ توکي بابڙ پاٽيءَ جو بندوبست ڪرڻو پوندو.

ها، ڪنديس. مون ۽ منهن تي مرڪ آڻيندي چيو.

ٿوريءَ ڏاري جڏهين ٻار راند ڪرڻ ويندا هئا ۽ چندر بيمارن جي گهر مان ٿيندو ڀسمسريءَ ويندو هو ته بابا جي ڪمري مان طرح طرح جا آواز ايندا هئا. هيءُ ٻيا ٻنهنجي ننڍي هوندي جون ساروڻيون ساري ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. جنهن جون يادگيريون ٽڙ ۽ گهٽيون هونديون هيون، انکي وڏو مان ملندو هو. ڪڏهين ته ڪن ڳالهين تي وڏا بحث ڇڙي پوندا هئا. ڪو چوندو هو ٻوٽ ۾ پوڻ ڦلاڻي سال آئي ته ڪو چوندو هو ڦلاڻي سال. گهڻي بحث بعد صحيح سال پائي هو ڏاڍو گڏ گڏ ٿيندا هئا. بابا اڪثر آئين ڪان ٻوٽ جي مکيه ماڻهن بابت پڇندو هو ته اهي ڪٿي آهن. ڪي جهان ڇڏي چڪا هئا. ڪي دور دور شهرن ۾ ٻوڙن ۾ وسيل هئا. سڀ ڪجهه ڪيئن بدلجي ويو. ٻيا آيا ساه پري چوندا هئا. ٻين جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڪڏهين ته اندر ئي اندر ۾ ڪلڻ لڳندي هيس ته دنيا ڪيتري ننڍ آهي جو ڏسندي آخر سڀ ڦريو وئي.

هڪ ٿوريءَ بابا مونکي اندر گهرايو. بابا چيو: ڪدواره ننڊورهل آيو آهي. هو ٻوٽ جو مکيه آهي. ڪس ٻوري ٻئي آسيس ڪيت. سنڌ ۾ ڪدوار هڪ گهر جي نه، سڄي ٻوٽ جي نونهن ليکي ويندي هئي.

۽ ٻاٻا اٿي نه هئا. سندن سڄو اسٽري ئي ٻيو هو.

ڪڏهين ڏينهن اهڙين گذرندا آهن جو لڪ ئي ڪانه ٻوندي آهي. وڏي ڏيراڻي ڏهوٽ ۽ ٻارن سوڌي ٻنگلور مان آئي. ننڍو ڏير پنهنجي زال ۽ ٻارن سان امريڪا مان آيو. پيا ۽ ويجها مائٽ آيا. گهر ۾ پاٺ صاحب رکيل هو. اسانجا ڳوٺائي جي ٻاٻا ڪندا اسانجي ويجهو ٿيا هئا روز ايندا هئا. ميلو متو پيو هوندو هو. اهي ٻارهان ڏينهن اسانجو گهر سنڌي هو. سنڌي کاڌو ٺهندو هو، سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ويندو هو. ايندڙ ويندڙ گهڻا سنڌي هئا

۽ هڪ ڏينهن اوچتو سڀ ختم ٿي ويو. ڄڻ ڪجهه به نه ٿيو هو. اهڙين پاسي رهيو هو نه هن دنيا ۾ ڪجهه به نه ٿيندو آهي. انسان هن دنيا مڃهه ڪو ڪارڻ نه ڪندو آهي، صرف يادگيرين جو بوجو ڀوئيندي ڏينهن ڪاٽيندو آهي.

مون سس واري نت ڏيراڻين کي ڏيکارڻ پنهنجو فرض سمجهيو. وڏيءَ ڏيراڻيءَ نه نفرت سان نڪ موڙيو. ننڍيءَ وڏي واڪي چيو: اڙي آمريڪا ۾ نه پراڻين شين جو وڏو ملهه آهي، ماڻهو هڙيون شيون ميڙيندا آهن. مونکي ڏي نه مان وڪڻي ٽوڪي سوکڙيون وٺي موڪليندس. مون ٿڏهين اهڙين ڇرڪ پرايو هو ڄڻ ڪنهن جيئت منهنجي پير کي ڏنگيو هو.

مون پڌو هو ته سهرم جو ننڍي ڏير ۾ گهڻو موه هو. پينشن جو وڏو حصو هن کي ڏنو هئائين ته آمريڪا مان پڙهي اچي. ٻر هنکي آمريڪا وڻي وئي هئي. هو، سندس زال ۽ ٻار آمريڪن ٿيچي ويا هئا. سندن ٻارن کي گهر ۾ رڌل ويشنو کاڌو نه وڻندو هو ۽ ٻارن کي ڪارائڻ جي ٻهاني ماءُ پيءُ ۽ هوٽل مان وڃي کائي ايندا هئا.

ڪالهه ٻارهي بعد منهنجون ٻئي ڏيراڻيون ڪڏڻن سوڌيون

توھان جو رشتو ڏيڻ کان به وڌيڪ ويجھو آھي.

ان ڏينھن مان منجھند بعد بابا کي دوا ڏيڻ ويس ته بابا ڌيمي آواز ۾ چيو: ڪنوار ويھه.

مان ڪرسي سيري ويٺيس.

بابا چيو: منھنجا ڏينھن پورا ٿي چڪا آھن. ھن سنسار کان مٿي بابن جي ويلا ويجھي اچي وئي آھي.

مون بانھن ڏگھيري پنھنجو ھٿ بابا جي ٿڌيءَ بانھن تي رکيو.

بابا پڪڙڪ مون ڏانھن نھاري رھيا ھئا. پوءِ گھيري آواز ۾ چيائون: ڪنوار منھنجي پيٽيءَ ۾ ڪپڙن ھيٺان ھڪ ڳاڙھي دٻلي پيئي آھي، اھا ڪڍي اچجانءِ.

مان دٻلي ڪڍي آيس. بابا اھا پنھنجن ھٿن سان کولي ۽ پوءِ ڪجھه دير سندن نگاھون ان ۾ رکيل سونيءَ نٿ جھڙن ۾ ڳاڙھو موتي جڙيل ھو تي اٽڪيل رھيون. اوچتو اھا دٻلي مون ڏانھن وڌائيندي بابا چيو: ھيءَ تنھنجي سس جي امانت آھي.

مون دٻلي ورتي. بابا سڪ جو ساه کنيو ۽ اکيون پوري ڇڏيون.

ان رات جڏھين چندر کي ننڊ اچي وئي ھئي ۽ مان ڊريسنگ ٽيبل وٽ وڃي سمھڻ کان اڳ وارن کي برش ڪري رھي ھيس ته مون اھا نٿ دٻليءَ مان ڪڍي پنھنجي نڪ اڳيان رکي ۽ پنھنجي چھري کي آرسيءَ ۾ جاچڻ لڳيس. ان رات پھريون دفعو مونکي سنجيده نموني احساس ٿيو ته مان ڪنھن ڪٽنب جي نونھن آھيان ۽ ڪن پيڙھين جي سڀيتا جي وارث آھيان.

ھڪ رات مان بابا کي کير ڏيڻ ويس. کير جو گلاس واپس ڏيندي بابا پڇيو: ڪنوار اڄ ڪھڙو ڏينھن آھي؟

ڏينھن ۽ تاريخ جو بابا کي تمام گھٽ خيال رھندو ھو.

صبوح جو چندر بابا جي چڪاس لاءِ سندن ڪمري ۾ ويو

مون ڪتاب هٿ ۾ کنيا ۽ بنا آواز هلي اسٽور روم جو دروازو کوليم. اتي هڪ ڪٻٽ ۾ جتي ٻيا پراڻا ڪتاب رکيل هئا. هيءُ ڪتاب رکي پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. ٻارن جي ڪمري ۾ نگاهه وراڻي ڏٺم ته هو پڙهي رهيا هئا. مان وڏي پٽ جي ڀر ۾ وڃي ويٺس ۽ کيس مئٿميٽڪس سمجهائڻ لڳس. پر الائي ڇو مان ڇڪون ڪري رهي هيس. منهنجو من جاءِ نه هو ۽ منهنجون آڱريون هر هر سڪل اکين کي مهٽي رهيون هيون.

ٻئي ڀيڻون جتان پنهنجي پنهنجي ماڳ، اُسهڻيون هيون.

سمهڻيءَ تي ليٽي ليٽي پاڻ کان پڇيم، گهر اڄ هيترو سانت ڇو آهي. اڄ اڪيلائي جڻ ڪجهه ڳالهائي رهي هئي. مان ڇرڪ ڀري اُٿي ويٺس.

نوڪرياڻيءَ گهر ٺاهي ورتو هو. صرف ميز تي ڪتاب اٿين ٿي رکيل هئا. اهي ڪتاب ڪٿي رکان؟ مون پاڻ کان پڇيو.

ڊرائينگ روم ۾ هڪ سهڻو ڪتابن جو شيلف آهي. ياد ٿو اٿم ڪڏهين چندر ڪجهه هزار خرچي هڪ انسائڪلوپيڊيا جو پورو سيٽ گهرايو هو. ناسي رنگ جي ڪپڙي جي جلدن مٿان سونهري اکرن ۾ نالا لکيل آهن. جڏهين اهو سيٽ آيو هو ته چندر خوش ٿي چيو هو: جڏهين ٻار وڏا ٿيندا ته ان مان گهڻي ڄاڻ پرائيندا. پر هيلتائين ڪنهن به، انهن ڪتابن کي کولي نه ڏٺو هو. نه هيءَ پراڻا ڪتاب مان انهن سهڻن ڪتابن سان گڏ رکي نه ٿي سگهان. نه صرف چندر ۽ ٻار ناراض ٿيندا، پر مهمان به ٺٺوليون ڪندا.

مون پاڻکي سمجهايو. انسان کي ڀاوڪ ٿيڻ نه کپي. ڀلا هيءَ ڪتاب اسانکي هڻ بعد ڪهڙي ڪم ايندا. چندر کي سنڌي ايندي آهي پر کيس ته مٿي کڻڻ جي به فرصت نه آهي. مونکي سنڌي ايتري ٿوري ايندي آهي جو هيءَ ڪتاب منهنجي مٿي مٿان لنگهي ويندا. هونءَ به هڪ فزڪس جي ليڪچرار جو ڪويتا جي ڪتابن سان ڪهڙو ڀلو جي ۽ ٻارن جو ته سوال ئي نٿو اُٿي. هو الائي ڪهڙيءَ نياريءَ دنيا ۾ وڏا ٿيندا. اها دنيا اڄ جي دنيا کان به گهڻو پري هوندي، ماضيءَ سان ته ڀيٽ ئي نه آهي.

۽ مان ٻاهر دوري تي ويندو هوس. ٻا تون ٻيڪي ويندي هئينءَ ته تنهنجي ياد ستائيندي هئي. تنهنجو اهو چهرو جنهنکي مون تمام ويجهائيءَ کان ڏٺو هو ۽ تنهنجو اهو آواز جنهنکي مان تنهنجي صرف ڇهن چورن سان ٻڌي سگهندو هوس، تنهنجو اهو ڇهاءُ جو صرف منهنجا هٿ نه، سڄو بدن سڃاڻندو هو، انهن سڀني کي ساريندو هوس. جڏهين ۽ مان توکان دور هوندو هوس ته تنهنجون ستايون منهنجي نزديڪ هونديون هيون ۽ تنهنجون مدايون دور ٿي وينديون هيون. ٻر جڏهين تون ويجهو هوندي هئينءَ ته سڀ اُڻتڙ ٿي ويندو هو.

ڪانتا تمام آهستي راز ڀرئي آواز ۾ چيو: ٻڌاين ٿو؟ سچ ته مونسان ۽ اهائي ويڌن آهي. تون گهر موٽڻ ۾ ڪن مهنن جي دير وجهندو هئين ته منهنجي دل هيٺ مٿي ٿيڻ لڳندي هئي. وڌيڪ اوير ٿيندي هئي ته من ۾ ڪدا خيال اچڻ لڳندا هئا. مان هاڻ ٻاڻکي ڪوسي رهي آهيان ته مون تنهنجو قدر ڇو نه سڃاتو. ڀلا توکان هڪ سوال ڀڇان؟

ڀڇ.

ڇا تون سچو جواب ڏيندين؟

ڇا توکي مون۾ وشواس نه آهي؟

نه، عمر وڌڻ سان انسان ڪوڙ ڳالهائڻ تي اُهترو هري ويندو آهي جو کيس سچ ۽ ڪوڙ ۾ ڪو فرق ئي نظر نه ايندو آهي.

مان توسان سچ ڳالهائيندس.

نه، ٻڌاءِ، ڇا تو مونکي ٻيار ڪيو هو؟

مرد سوچ ۾ ٻڏجي ويو. هو ڪافي دير سوچيندو رهيو. ڇگو سمو گذري ويو.

ڪانتا ٿڌو ساهه کڻي چيو: مونکي ڄاڻ هئي ته تو ڪڏهين ۽ مونکي ٻيار نه ڪيو هو، جڏهين ۽ توکــي منهنجي گهرج

# گذري ويل ڏينهن

هو اوڪڙو ويٺو هو. سن سانت. سندس ٻئي هٿ ڪاڏيءَ هيٺان هئا. سندس وار ٽڙيل پکڙيل هئا. هو يڪ ٽڪ چڪيا ڏانهن نهاري رهيو هو. سندس ڳاڙهيون اکيون ڦاٽل هيون. جڻ اهي عجب ۾ ڪو ادڀوت نظارو ڏسي رهيون هجن. آسمان ۾ سج هو. پر ۾ ندي ڌيميءَ چال ۾ وهي رهي هئي.

ٻاهه جو تاءُ، سج جو تاءُ، سندس بدن کي سيڪي رهيا هئا. سندس اُگهاڙن پيرن جي ترين ۾ ٻاهه ٻري رهي هئي. هو انهن نهاري رهيو هو، جڻ ڪجهه به ڏسي نه رهيو هو، ڪجهه به سوچي نه رهيو هو.

ٻاهه ۾ اوچتو هڪ ٽڪاءُ ٿيو ۽ هڪ لڪڙي پنهنجي جاءِ تان هيٺتي ڪري پيئي. هن چوطرف نهاريو. سڀ ڪجهه ڪيترو سانت هو. جڻ ڪا ٻي دنيا هئي، جنهنجو هو عادي نه هو.

هن محسوس ڪيو ته ٻه ڄاتل سڃاتل اکيون ڏانهنس نهاري رهيون آهن. سپرش جنهنجو هو عادي هو سندس بدن کي گرمي ڏئي رهيو آهي. ٻه چپ ڳالهائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن.

هن جي اندر ٻيو آواز آيو: ٻهتر ٿيو، ڪانتا، تو موکان اڳ سنسار تياڳيو. نه ته هيءَ ماڻهو توکي ڪيئن تڪليفون ڏين ها. استريءَ جو اڪيلو جيئڻ ڏاڍو اوکو آهي.

جڻ جهيڻي پڻ پڻ ۾ ٻيان آواز آيو: ڇا گڏ جيئڻ ته سولو آهي؟

محسوس ٿيندي هئي، تنهنجي لبن تي پيار ڀريا ٻول ازخود اڀرڻ ٿيندا هئا.

نه، ڪانتا ائين نه آهي. سچ اهو آهي ته هاڻ سوچڻ سان ۽ مان سمجهي نه ٿو سگهان پيار ڇا ٿيندو آهي. ڇا توکي ڄاڻ آهي ته پيار ڇا ٿيندو آهي؟

هاڻ ڪانتا سوچ ۾ پئجي وئي.

چيو، تون مونکي جواب ڇونه ٿي ڏين؟

تو مونکي منجهائي ڇڏيو، مان سڄي عمر وشواس ڪندي آيس ته مون توکي پيار ڪيو، پر اڄ تو مونکي منجهائي ڇڏيو.

مرد عجب ۾ ڇتا ڏانهن نهاريو. پاڻ لڪڙان ڪي وکوڙي ڇڪي هئي. ڇڻگون هوا ۾ اڏامي، ڪجهه مٿي پهچي غائب ٿي ٿي ويون.

ڪانتا.

ڇا.

مونتي اهو اثر ويٺل هو ته تون مونکي ڇسو ۽ ڪم عقل سمجهندي هئين.

ڪانتا ڪجهه دير جواب ڳولهيندي رهي. پوءِ چيائين: هر عورت پنهنجي مڙس کي ڪڏهين ڇسو سمجهندي آهي ته ڪڏهين ملائڪ. ٻنهي حالتن ۾ هوءَ ڀي ڪنهنکي پنهنجي مرد جي برابر نه سمجهندي آهي.

مرد چيو: ڪانتا اڄ مونکان توسان گهاريل سڀ ڏينهن ياد اچي رهيا آهن. مونکي اڄ دک ٿي رهيو آهي ته اسانجي انهن گڏ گهاريل ڏينهن ۾ اهڙي ڪل ڪل ۽ گهڻي ڇسو هئي. پر ڪڏهين ته مونکي لڳي رهيو آهي ته اسانجا ڏينهن سک ۽ مزي ۾ گذريا. تو مونکي گهڻو ڪجهه ڏنو، دک اٿم جو مان توکي اهڙو ڏئي نه سگهيس.

تون ائين محسوس ڪري رهيو آهين؟ عورت پرسنتا مان چيو.

ھا.

ھاڻ عورت جي آواز ۾ سنتوش ھو. مونکي خوشي ٿــي رھي آھي تہ تون مونکي پيار ڪندو ھئين.

اوچتو ھوا جو ھڪ تيز جھونڪو آيو ۽ ٻاھ ھڪ ٻڇاريندڙ آواز ڪري پنھنجي ھٽڄي آڪاس ڏي ٽپو ڏنو. مرد کـي لڳو جڻ سڀ ختم ٿي ويو. ھن ھيسيل ايوڳين اکين سان چوطرف نھاريو. ٻھر جي وڻ جون ٽاريون ٻاھ ۾ ٽڪري شور مچائي رھيون ھيون. ڏاري ھلندڙ لھرون ٻڪون پاڻ لڳيون. مـرد پنھنجي مٿن ۾ منھن لڪائي ڇڏيو.

مرد کي لڳو تہ ڪي زمانا گذري ويا ھوندا. اوچتو ھـن محسوس ڪيو ڪيس ڪير سڏي رھيو آھي. ھن اکيون کولي پنھنجي ھٿن ڏانھن نھاريو. اھي رک جيان ميرا ۽ خالي خالي ھئا. سندس آڱريون نسٽيون ھيون. ھيءَ صفا خالي ھٿ... ھن اندر ۾ ھڪ خاليپڻو محسوس ڪيو جو ھن خيالات ۾ رخنو وجھندڙ آواز ٻڌو، ھڪ دفعو نہ، پر ٽي دفعا... ٻاپا، ٻاپا، ٻاپا.

ھن آھستي ڪنڌ مٿي ڪيو. پر ۾ سندس وڏو پٽ بيٺو ھو، جو ڪوڙيل مٿي ۾ پـوانٺو لڳي رھيو ھو. ھن سامھون نھاريو. سندس ننڍو پٽ، سندس مٽن مائٽن، دوستن يارن سان گڏ اچي رھيو ھو، ڏانھس. ڪيس وٺڻ.

ھن وڏي پٽ جو آواز ٻڌو. ٻاپا، ھاڻ موٽڻو آھي، سڀ ڪم پورو ٿيو.

مرد عجب ۾ ھنن انسانن ڏانھن نھاريندو رھيو، جي ڪجھ ڏينھن اڳ کيس ويجھو ۽ پنھنجا لڳا ھئا، جي ساڻس گڏ ھڪ مڙدہ کي ساڙڻ لاءِ ھيتري پنڌ تي کھي آيا ھئا، جن ساڻس ھمدردي جتائي ھئي، جن کيس مدد ڪئي ھئي. پر ھن ويل

هن ڇرڪ ڀريو. آواز سڏائل هو.

نه، ڪانتا، ائين نه چئه. اڄ توکي وڃائي مان ڄاڻڻ لڳو آهيان، مون توکي ڪيترو پاتيو هو.

آواز جڻ ڪنهن مرڪندڙ عورت جو هجي: مرد دوکي ڏيڻ ۾ هوشيار آهن.

نه، ڪانتا، اڄ اوچتو مان ڄاڻڻ لڳو آهيان. سڄي عمر هرڪو انسان ٻالڪي دوکو ڏيندو رهندو آهي. پنهنجو ٻالڪي ۽ ٻين کي سمجهڻ ڄاڻڻ جي شڪتي ونس ايتري محدود هوندي آهي، جو پنهنجي گهٽتائي لڪائڻ لاءِ پاڻ کي ڦوڪٽي جيان ڦوڪڻ لڳندو آهي. انسان ٻالڪي تمام گهڻي اهميت ڏيندو آهي، پر هو صفا ننڍو آهي، نابالغ ۽ نااهل. هڪ به مسئلي کي سمجهڻ، سلجهائڻ جي شڪتي منجهس نه آهي. شڪر آهي جو تون هن جهنجهٽن کان آجي ٿي وڃي سگهي ٿينءَ.

مونکي صرف هڪ چنتا ستائي رهي آهي. ڪانتا جواب ڏنو.

ڪهڙي چنتا؟

تون هن سنسار ۾، اڪيلو، منهنجي مدد بنا ڪيئن جالي سگهندين؟ توکي منهنجي موجودگيءَ جي عادت پئجي وئي هئي. هاڻي ڪير تنهنجي ڪاڏي جو خيال رکندو؟ ڪير تنهنجو هنڌ وڇائيندو؟ ڪير تنهنجا ڳالهاءُ سهندو. بنا ڪنهنکي ڳالهاءِ ڏيندي تنهنجي دل سڪوڙجي ويندي ۽ تون پاڻ کي ويچارو سمجهڻ لڳندي.

ڪانتا، ڇا توکي منهنجا ڳالهاءِ ٿي ياد آهن؟

مون تو وٽان ايترو پاليو ٿي ڇا؟ منهنجي هر ڪم مان تون ويڪون ڪڍندو هئين. جيسين روز مونکي ڪجهه گهٽ وڌ نه ڳالهائيندو هئين، تيسين توکي بک نه لڳندي هئي.

نه، ڪانتا، تون مونسان بي انصافي ڪري رهي آهين. جڏهن

# اباڻو اجهو

اها اُنڌيهه اونداهي هئي. انهن کي لڳو ته شهر ۾ اڄ رات
سوير آئي هئي. گذريل ڪن ڏينهن جي فسادن ڪري
شهر سانت ۾ ٻڏل هو. هڪ ڊيڄاريندڙ پڙ ڄڻ فضا ۾ ڦهليل
هو. مهر سڀ گهرو ڪم ڪار لاٿا، جاچي ڏٺائين ته سڀ ٻاهريان
دروازا بند آهن ۽ انهن کي ڪلف آهن، پوءِ هوءَ ٻارن جي
ڪمري ۾ آئي. بتي ٻري رهي هئي پر
ٻارن کي ننڊ هئي. هن بتيءَ جي بٽڻ تي هٿ رکي اڃا بتي
اُجهائي ته پئي چيخ جيان ڊيڄاريندڙ بندوق مان گولين ڇٽڻ جا
آواز ٻڌائين. هن جو سڄو سرير لڏي ويو. سندس اندر ۾ ڪجهه
ٽٽي پري ويو. هن ٻئي سيڪنڊ ۾ بتي ٻاري ڇڏي. هن ٻارڙن
ڏي نهاريو، هو مٺڙيءَ ننڊ جي آغوش ۾ هئا. سندن منهن تي
سانت هئي. مهر پنهنجو پاڻ کي چيو: نه ڪجهه ڪونه هو.
ڪي به ٺڪاءَ ڪونه هئا، اهو منهنجو ڀرم هو. مان ڊڄي وئي
آهيان. پاڻ سنڀالڻ لاءِ هوءَ ٻارن ويجهو وئي. سانول ننڍو هو،
ان جي نرڙ کي هٿ سان ڇهيائين. ننڍڙيءَ سحر جي ڳلن تي
آڱريون گهمايائين. پوءِ بتي ٺاري هوءَ ڪمري مان نڪري وئي.

پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ اچي هن ڏٺو ته شوڪت اڃا
سميو ڪونه هو. سندس هٿ ۾ هڪ سنڌي مخزن هئي پر
هو پڙهي ڪونه رهيو هو. پلنگ تي ليٽيل سندس اکيون ڇت
۾ کتل هيون.

مهر جي اچڻ جي آواز تي شوڪت منهن ڦيرايو. چيائين:
مهر، تنهنجو منهن پيلو پئجي ويو آهي. ڄڻ رت آهيئي ڪونه.

ڪيس هو سڀ ڏاريا، رڪا، ٻاوهيڻ لڳا.

هن اٿڻ لاءِ ٽنگن ۽ ٻانهن کي زور ڏنو. هڪ پل لاءِ سندس ٽنگون ڏڪي ويون، انهن ۾ سگهه ڪونه هو، پر هن پاڻ سنڀالي ورتو.

هو سڀ اڳيان هلڻ لڳا ۽ هو هنن پٺيان هلڻ لڳو. ڪيس لڳو هو پنهنجو پاڻ نه هلي رهيو آهي، ڪير ڪيس هلائي رهيو آهي ۽ هو هلي رهيو آهي. پر سڄي عمر نه هو ائين هليو آهي. جڏهن به ڪير ڪيس ڪيڏانهن وٺي ويو هو نه هو ويو هو. زندگي الائي ڪيئن گذري وئي. ڏينهن ٻيا چڙهڻ جي آيا ۽ ٻيا موڪلائڻ جي ويا هئا. هو ڪڏهين به انهن ڏينهن کي ٻيهر ۾ واري دوبدو نه ٿيو هو. هو پٺ پٺيان هلڻ لڳو.

پاڻ پيو پڙڪو ڪاٽو. ۽ نئي تڪڙ نيا، پر هن مڙي پٺيان نه نهاريو. هو هلندڙن پٺيان هلندو ويو.

ان ڏٺي مرد جهڙي ڇوڪري کي جڻ اها گار ڏي لڳي. هو اندر وڃي پيءُ کي وٺي آيو. پڻس وٽ هٿ ۾ بندوق هئي. ٻن گولين ڇٽڻ جا آواز ٿيا... ٺوءِ ...

مهر زور زور سان روئڻ لڳي. ۽ ان بعد جو ٿيو اهو مان ٻڌائي نه سگهندس، منهنجي ڇاتي ڦاٽي پوندي...

شوڪت، مهر کي سانت ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: تو سڀ ته اڳيئي ٻڌايو آهي، ڪئين ڀيرا ٻڌايو آهي...

مهر جي بدن کي ڏوري سانت آئي. سندس سڏڪا ۽ ڏڪڻا ٿي ويا هئا. چيائين: شوڪت، مان ڪيتري خود غرض آهيان. اديءَ زينت کي وڃي دلداري ڏيڻ بدران مان ٻڪندي پنهنجي ٻارن وٽ وئس. کين پنهنجي ٻاڪر ۾ ڀري هر هر کين هٿ لائي پڪ ڪرڻ لڳيس ته هو سلامت آهن يا نه. مان انسانيت کان ڪيڏي ڪريل آهيان... آخر ته هوءَ ڀاڄائڻ هئي.

شوڪت چيو: شايد سڀڪا ماءُ ان ويل ائين ڪري ها...

مهر کي جڻ دلداري ملي. هڪ ڊگهو ساهه کڻي ساهي پٽيندي چيائين: زينت اڃا تائين پوري هوش ۾ ڪانه آئي آهي. ڪجهه وقت لاءِ اکيون کولي ٿي. سندس اهي ڦاٽل اکيون پنهنجن ٻارڙن کي ڳولهين ٿيون ۽ انهن کي نه ڏسي هوءَ وري بيهوش ٿي وڃي ٿي...

ڪجهه دير لاءِ ڪمري ۾ شانت ٿي وئي. مهر شايد ڪجهه ياد ڪري رهي هئي، يا شايد ڪجهه سوچي رهي هئي.

شوڪت مهر کي دلداري ڏيڻ لاءِ چيو: مون ڪنهن سنڌي پاڙي ۾ جاءِ بابت هڪ ٻن سان ڳالهه چوري. اڄ ڪالهه جاين جا اگهه چوٽ چڙهي ويا آهن. پر هن جاءِ جو ڪجهه ڪو نه ملندو. مهاجرن جي لپ کان ڪير به ڪو نه وٺندو ۽ مهاجر پاڻ ڪوڏين ۾ وٺي مالڪ بڻجي ويهي رهندا.

اڙي تون نه ڏکي رهي آهين، ڇو ڇا ٿيو؟

شوڪت مٺڙن ٻر ۾ رکي آئي ويٺو. مهر ٻانهن کي شوڪت جي ٻانهن ۾ اڇلي ڇڏيو. سندس سڏڪا شوڪت جي ڇاتيءَ سان ٽڪري ڇت ۾ پئين ۾ گم ٿي ٿي ويا. سندس سڄو بدن لڏي رهيو هو. هن روئندي چيو: خدا نه خواسته، منهنجي ٻارن کي ڪجهه ٿي پيو ته جيئري نه رهنديس. مان ته انهن سان هلي وينديس.

شوڪت مهر جي پٺيءَ تي هٿ ڦيرائي چوڻ لڳو: تون ڀڄي ويٺي آهين مهر، ڀڄي ويٺي آهين.

مهر سڏڪا ڀريندي چيو: انهن ابهم معصوم ٻارڙن هنن جو ڇا بگاڙيو هو. هو ته گهٽيءَ ۾ منهنجي ڪيڏهوءَ سان راند ڪري رهيا هئا.

شوڪت چيو: هڪ جانور حملي ڪرڻ ويل اهو ڪو نه ڏسندو آهي ته اڳلو ڪير آهي.

مهر چيو: پر اهو نظارو منهنجي اکين ۾ پيهي ويو آهي. هو هو منهنجا ڪن ٻن گولين جا ٺڪاءَ ٻڌي رهيا آهن. مان دريءَ وٽ ويٺي هيس. سچر ۽ سانول اندرئين اڱڻ ۾ کيڏي رهيا هئا. زينت جا ٻئي ابهم گهٽيءَ ۾ ٻال سان راند ڪري رهيا هئا. اوچتو سامهون واري گهر مان ٽيرهن چوڏهن سالن جو ڇوڪرو نڪتو، اهو ئي ڇوڪرو جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ سانول کان سندس رانديڪو ڦري ويو هو.

شوڪت چيو: اڄ ڪالهه مهاجرن جا ٻار به داداگير ٿي پيا آهن.

مهر ڄڻ اهو ٻڌو ئي ڪو نه. هوءَ چوندي هلي: اهو ڇوڪرو ٻارڙن کان ٻال ڦري ڀڄڻ لڳو. ٻارن جي روئڻ تي زينت دروازي تي ڊڪندي آئي. رڙ ڪري چيائين: مارئا ٻارڙن کي ٻال موٽائي ڏي.

آهيئي ڪو نه. ٻاهران ڏاڍا سخت، اندران ڏاڍو نرم. مهر ڏورو سرڪي ٻڌندڙ مٿان شوڪت جي ڪن وٽ پهتو آندو. خبر اٿيئي شاديءَ جي ٻئي ڏينهن جڏهن بابا مونکي گڏيو ته چيائين: ڌيءَ اٿين نه سمجهه. نه هيءُ گهر ٻٽرن ۽ چڱي جو نهيل آهي. هن مڙهه، اسانجي خاندان جي عزت ۽ محبت لڪل آهي. اٿين هلڻو جيئن آخر تائين عزت رهجي اچي. اٿين چوندي بابا جو من ڀرجي آيو هو.

مهر ۽ شوڪت هڪ ٻئي جي ڀر ۾ ليٽيل هئا. ڪمري ۾ ڌيمي روشني هئي. چوطرف بلڪل سانت هئي. هو پاڻ ۾ اٿين ڳالهيون ڪري رهيا هئا جڻ ته ننڍيا ٻار هئا، ٻا ٻه ڪبوتر هئا جي جاري تي ويهي ڳٽلو ڪري رهيا هئا.

مهر چيو: ياد اٿيئي اسان سهاڳ رات هن ئي ڪمري ۾ ماڻي هئي. موتيءَ جا گل چادر تي ٻکريل هئا، سڀني سرهاڻ مونکي ننڍاڪڙو ٻڻائي رهي هئي ۽ تون ڪتڪتائي ڪري مونکي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئين.

اوچتو مهر ٻڌندڙ ڪنڌ وهاڻي تان کڻي شوڪت جي ڇاتيءَ تي کڻي رکيو. شوڪت جي ڇاتيءَ جا وار مهر جي ٿڏن ڳلن جي اڱڻ ڪدا ڌوتل هئا، کي محسوس ڪرڻ لڳا. شوڪت ٻانهن وراڻي مهر کي وڌيڪ ويجهو سيرايو.

مهر چيو: سهاڳ رات جڏهين ادي مونکي هن ڪمري جي دروازي تائين ڇڏڻ آئي ته اندر ڌڪو ڏيندي چيو هئائين: ننڍڙو شوڪت ٻ ته هن ڪمري مڙهه جاتو هو.

شوڪت چيو: ننڍي هوندي منهنجي ڏاڍي خراب عادت هوندي هئي. هميشه کڻي پئين تي ليڪا ٻاليندو هوس. ان ڪري مار به ڏاڍي ملندي هئي. ٻر منهنجي عادت نه وئي.

مهر چيو: مون سڄو ۽ سانول کي جدم ٻ ته هن ڪمري ۾

مهر اهو ٻڌو الائي نه. هوءَ پنهنجن سوچن ۾ غلطان هئي. اوچتو هوءَ شوڪت جي ڇاتيءَ تان ڪنڌ کڻي اُٿــي ويٺي. چيائين: خبر ناهي، اڄ سڄو ڏينهن ٿــيءَ پيئون مــونسان ڳالهائينديون رهيون. مونکي ماضيءَ جي ياد ڏيارينديون رهيون. مونکي اها رات ياد پيئي جڏهين مون هن گهر ۾ پهريون دفعو قدم رکيو هو. منهنجا مينديءَ رتل هٿ ڏڪي رهيا هئا، ۽ هن گهر جي ڏرليءَ انهن کي سهارو ڏنو هو. سڄي گهر کي ٽئين سان ائين سينگاريو ويو هو جو چانڊ ڪانه ٿي پيئي لــ. رات سهانِي آهي يا انڌياري. هن ٿي ڪمرن ۾ مون اميءَ جون ڇنون ۽ ڪاڌيون هيون ته اٺمين پيار ۽ پالو هــو. بابا ڪڏا سخت هئا، ماڻهو سندن حشمت وارو آواز ٻڌي ڪنبڻ لڳندا هئا، پر مونسان ڳالهائڻ وقت سندن آواز ڪيترو ڪومل ٿي ويندو هو. الائي ڪيتريون يادگيريون جڙيل آهن هن گهر سان.

شوڪت چيو: اڄ آفيس ۾ ويٺي ويٺي مونکي اهي ڏينهن ياد آيا جڏهين مان ننڍڙو هوس ۽ هن ٿي گهٽين ۾ راند ڪندا هئاسين. خبر ناهي، ڏڏهين مان گهٽيءَ جي ڇوڪرن جو ليڊر هوس. ڪا به راند مون بنا ٻسي لڳندي هئي. ننڍڙن ڇوڪرن جا پاڻ ۾ جهڳڙا ٿيندا هئا ته مون ڪان اچي نبيرو ڪرائيندا هئا.

سچ. مهر ڪان چڻ پنهنجو دک وسري ويو، پر بابا ڪان توڻ ڪيترو ڊڄندو هئين.

بابا ڪان ته سڀ مت مائٽ ڊڄندا هئا. منهنجي ڏاڏي جو ته انڪان به سخت سياو هوندو هو. هڪ دفعي بابا ٿي ڪاوڙجي پيو هو. منهنجي سامهون ڪيس چيائين: مون هيءَ جاءِ منهنجي لاءِ ٺوروٺي ٺهرائي آهي، پنهنجي پوٽي لاءِ ٺهرائي آهي.

مهر ڪان ڪل نڪري ويئي. عجب ڳالهيون هونديون هيون انهن پڙهن جون. پاهران ائين ڏيکاري ڏيندا ته چڻ ونن دل

پروسو ڏيئي رهيو هو. انهن ڪنهن اڪبڪٽي پکيءَ جيان ڳالهيون ڪندي، مهر کي شوڪت جي ڇاتيءَ تي ننڊ اچي وئي.

شوڪت به ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪجهه دير لاءِ سندس اکيون ٻوٽجي به ويئون پر وري کلي ٿي پيون.

هو اندر ۾ هڪ عجيب درد محسوس ڪري رهيو هو، سندس مٿو ڳورو هو. سندس وجود، سندس ٻالپڻ ۽ جوانيءَ وارا سپنا، سندس هارون، سندس جيتون، سندس ماضي، سندس مستقبل، سڀ ڪيس وڃائي ويا. هو سوچي رهيو هو انسان صرف ماس جو ٽڪڙو نه آهي. هن ۾ سندس سڄو ماضي، سندس ڪل مستقبل ملهيل آهي. مان صرف مان نه آهيان. مون ۾ ڪل آهن منهنجا ڏاڏاڻان، منهنجا ناناڻان ۽ مون ۾ ئي ڪل آهن منهنجا ٻار ۽ انهن جا ٻار. مان هڪ اڪيلو فرد نه آهيان. مان هڪ تواريخ جو حصو آهيان. پنهنجي سنڌ جي تواريخ جو حصو. ڪڏهين تواريخ انسان کان سندس جياپي جو وڏو ملهه گهرندي آهي ۽ انسان جيڪو اهو نه ڏيئي سگهندو آهي ختم ٿي ويندو آهي.

اڌ ڪاري رات. ڪمري ۾ سانت. سندس ڇاتيءَ جي وارن مٿان مهر جو ڳوڙهن پيل ڳل. وقت آهستي آهستي سرڪي رهيو هو. هن محسوس ڪيو ان اونده منجهان، ٿڌيري هوا مان، سندس اندر ۾ ڪا طاقت پُرجي رهي آهي. ڪيس لڳو هو هڪ پدگتي انسان مان هڪ تاريخي انسان بڻجي رهيو آهي.

اوچتو سندس ڪن تي پکين جا آواز پيا. پرڀات اچي وئي هئي. ننڍڙيءَ دريءَ مان پرڀاتي هوا ڪا سرهاڻ، ڪا نواڻ کڻي اندر اچي رهي هئي. هن سوچيو مهر جي ڪنڌ کي ڇاتيءَ کان لاهي هو به ٿوري ننڊ ڪري وٺي. ڏينهن جي ڪم ڪار لاءِ رات جي ننڊ ضروري آهي.

ڏنو هو. ننڍڙا ٻونگڙا اڄ ڪيڏا وڏي ويا آهن. مونکي لڳندو آهي ته عورت اهو وساري سگهي ٿي ته هن شاديءَ رات ڪٿي ماڻي ۾ هوءَ اهو ڪڏهين به وساري نه ٿي سگهي ته هن پنهنجن ٻارڙن کي ڪٿي جنم ڏنو.

شوڪت چيو: عمر وڌڻ بعد مائٽ ٻارن لاءِ ٿي ته جيئندا آهن.

مهر پنهنجي ٿيءَ مڙ ۾ هئي. مونکي [سڀ] ياد آهي. ٻار اسڪول ۾ هوندا آهن تڏهين به هن گهر جون ڀتيون سندن ٻالپڻ جون کاٽيون ٻڌائينديون آهن. هو وڏي وڏا ٿي اسانکان جدا ٿي وڃن تڏهين به سندن ٻالپڻ هن گهر ۾ زنده هوندي. هر سال موڪلن ۾ پوت مان تنهنجا مائٽ هتي ايندا هئا. گهر ٻرجي ويندو هو. ٻارن جو گوڙ، ننڍڙن ننڍڙين جا ٽهڪ. جڻ گهر ۾ شادي هوندي هئي.

مهر انهن ڳالهيون ڪري رهي هئي جڻ ڪنهن ٻالپڻ جي سڪيءَ کي گهڻي عرصي بعد گڏجڻ سان ساهري گهر جون مٺيون يادگيريون ٻڌائي رهي هئي. اوچتو مهر کي کل اچي وئي. کلندي چيائين: شوڪت، توکي ياد آهي. شاديءَ جي ٻهراڻ ڏينهن ۾، تنهنجي آفيس ۾ وڃڻ وقت مان ٻنهين اڳڻ جي ڪنڊ ۾ اچي بيهندي هيس ۽ تون هڪڙي مٺي ونسي ڀوءِ آفيس ويندو هئين ۽ هڪ ڏينهن اسانجي اها چوري پڪڙجي پيئي هئي... توکي ياد آهي شوڪت؟

پر شوڪت ڪو به جواب ڪو نه ڏنو. هن جون اکيون اڃا به ڇت تي ڄميل هيون ۽ هو ڪجهه سوچي رهيو هو. مهر به جواب لاءِ ترسي ڪونه، هوءَ هڪ ٻيون ٻئي ڳالهيون ڪندي رهي، پنهنجي ٿي مڙ ۾، ڪنهن اندر جي اڌل ۾، شوڪت ڇت ڏانهن نهاري رهيو هو پر سندس هٿ جون آڱريون مهر جي وارن ۾ گهمي رهيون هيون، جڻ پنهنجي مهر کي

ورايو. مان سندس منهن کي تڪيندي رهيس. نگاهون هٽائي نه سگهيس. مهر وري سانت ٿي وئي. شوڪت سوالي نگاهن سان ڏانهس نهاريندو رهيو. اوچتو بدليل آواز ۾ مهر چيو: توکي ائين نه لڳندو آهي شوڪت، ته اسانجا ٻار اسانکان ٻن آهن.

شوڪت سانت رهيو، صرف مهر جي هٿ کي ٿورو دٻايائين.

مهر چيو: هنن ٻارن جو پاڻ ۾ وشواس آهي. منجهن همت آهي، هنن جو پنهنجي آئينده ۾ اعتقاد آهي. ساڻول جي بند اکين ۾ مون ڪين ٻيءَ دنيا جا منظر ڏٺا.

شوڪت مهر جو هٿ ڇڏي ڏنو. هو وري وهاڻي جي اوٽ تي اڌورو ليٽي پيو. سندس چهرو گنڀير هو. هن جڏهن ڳالهايو ته مهر کي سندس آواز ڳورو لڳو، ڄڻ هيءُ سندس آواز نه، سندس آواز جو پڙاڏو هو.

مهر، شوڪت چيو، مان سچي راس سمجهيو ڪونه، آهيان، سوچيندو رهيو آهيان، محسوس ڪندو رهيو آهيان. اسين جيئُن ٿا ڇاڪاڻ ته اسين آئينده کي پيار ڪريون ٿا، آئينده ۾ اسانجو وشواس آهي. جيڪڏهن انسان جو پنهنجي آئينده مان وشواس اٿي پيو ته هو جي نه سگهندو. اها زندگي موت کان به بدتر هوندي.

شوڪت اُٿي ساهي ڪئي ۽ مهر، اسانجو آئيندو اسانجا ٻار آهن. اسين پنهنجو پاڻ کي هنن ۾ ڏسون ٿا.

شوڪت ڄڻ ڪجهه لفظ ڳولهي رهيو هو. مونکي لفظ نه ٿا ملن ته مان اندر ۾ اٿيل احساس کي ڪيئن اظهاريان. پر مهر، ذرا سوچ، اڄ جيڪڏهن ٻئي وڃان، اسين هيءُ اهاڻو اجهو ڇڏي هلون، اهو سوچيندي ته اسين ٻارن جي ڀلي لاءِ ٿي ائين ڪري رهيا آهيون ۽ سياڻي يا پوڙهينءَ، جڏهن هيءُ ٻار وڏا ٿيندا ۽ سڀ سمجهڻ لڳندا، تڏهين مهر، تڏهين ڇا اسين پاڻکي

مهر جو ڪنڌ هيٺ ڪرڻ سان مهر جاڳي پيئي. اڃا پوئين اکين ۾ ننڊاکڙي آواز ۾ پڇيائين: گهڻا ٿيا هوندا.

صبوح ٿيڻ تي آهي. شوڪت ٻڌو سندس آواز ڏاڍو ڳورو هو. الائي ان آواز جي اجنبيت ٿي، يا وقت جي سماءَ ڪئان مهر اٿي ڪڙي ٿي. ڪمري ۾ اڃا سوجهرو ڪونه آيو هو. صرف پره جون ڪجهه ٿاڪون اونده کي چيري رهيون هيون. مهر ڪپڙا ٺاهيندي چيو: مان پاڻ کي ڌوئي اچان.

شوڪت ڪجهه ڪونه، صرف مهر ڏانهن عجب ۾ نهاريائين.

شوڪت کي لڳو مهر موٽڻ ۾ ڏاڍي دير لڳائي. ڏاڍي دير جڏ سندس من مهر سان ڪجهه اورڻ لاءِ آتو هو.

قدمن جي آهٽ تي شوڪت منهن موڙيو.

اچي وئينءَ تون؟

ها.

ڏاڍي دير لڳائي تو.

مهر ڪجهه دير سانت رهي. هوءَ پڪ ٿي شوڪت جي چهري ڏي نهاري رهي هئي.

شوڪت. مهر سڏ ڪيو. سندس آواز ڏاڍو سانت ۽ ٿاڙو ٿوانو هو ان پرڀات جي هير جيان.

شوڪت مهر ڏانهن نهاريو.

پر مهر ڪجهه چئي نه سگهي. کيس مهر جو ان وقت وارو چهرو ڏاڍو پيارو لڳو.

تون ڪجهه چوڻ ٿي چاهين. هو اٿي ويٺو. مهر جو ننڍڙو هٿ پنهنجي مضبوط هٿن ۾ جهليائين.

مهر شوڪت جي ٻڪ ۾ واجهي رهي. شوڪت سون هڪ الدلت نظارو ڏٺو. جڏهن ٿي مون پاڻ جي ڪمري جي دري ٻاري، سانول اکين تي روشني پوڻ سان هلڪو ڇرڪ ڀري پاسو

# ● هنجي ڳولها

اڄ ستين نومبر آهي. منهنجو جنم ڏڻ. 1927 ۾ ڄائو هوس. اڄ ست سالن جو ٿيس.

ايڏو عرصو ڪيئن گذري ويو!

رات ٻارهين بعد سمهيو هوس. اسر جو انڪل چئين ٻجي جاڳ ٿي. وڇڙائيءَ ۾ ڪيل مسافريءَ جو ٿڪ اڃا ڪجهه ٽڪ هو. سوچيم ڪي ڪڏون اکيون ٻوٽي آرام ڪريان. ته منهنجي اندر جي آنڌ مانڌ ۾ ٿڪ ته لهندو رهندو آهي. ڪجهه دير پاسا ورائي آخر اٿي ويٺس. دريءَ ٻاهر ڪمپائونڊ ۾ بتي ٻري رهي هئي انڪري چانڊوڪيءَ جو ته لطف ماڻي نه ٿي سگهيس. چانڊوڪيءَ جون مون سان ڪيئن ڳالهيون آهن. الائي ڪيترين اداس گهڙين ۾ هوءَ منهنجي ساٿڻ ٿي هوندي. هڪ دوست جيان ٻڙ ٻڙ ۾ مون سان ڳالهيون ڪيون هونديائين. الائي ڪيترا اندر جا حال اوريا هوندا. منهنجي نرڙ کي چمي هڻي هر بار منهنجي اندر جي آنڌ مانڌ کي سانت ڪيو هوندو.

ننڊ ۽ مان دوست نه رهيا آهيون. هار کائي مان ان ڪمري ۾ آيو آهيان جتي منهنجو ميوزڪ سسٽم رکيل آهي. رويندر سنگيت (ٽئگور جو سنگيت) ئي ڪيترن سالن کان منهنجو ويجهو ساٿي رهيو آهي. روي ٻابوءَ جي ڪويتا جي ان سٽ جيان 'جڏهن جڏهن منهنجي ڌرتي سڪي ٺوٺ ٿي وڃي، تون برسات بڻجي اچ.'

جڏهين جڏهين مان اندر ۾ پنهنجو پاڻ کي وڃائڻ لڳندو

سڀڏن اڪيلن ۾ ڏسي سگهندا سين؟ ڪڏهين، جڏهين هيءَ ڏينهن ماضيءَ ۾ گم ٿي ويندا، سڀڏن اسان ٻنهي راڻو ڪهڙو هوندو؟ ڇا اسين اهو ...... شوڪت جو آواز گهگهو ٿي ويو، هو وڌيڪ لفظ ڳهي ويو.

مهر شوڪت جو هٿ ٻڪڙيو. اسٿر آواز ۾ چيائين: اڄ صبوح جو جڏهين مون سانول جو چهرو ڏٺو ته مونکي لڳو، مون محسوس ڪيو ته ٻار اسانجي ڏنل ٽ، ٻنهيجي زندگي جوڙيندا آهن. مهر دريءَ طرف نهاريو جتان سيٽل روشني ڪمري اندر اچي رهي هئي. هن دريءَ آواز ۾ چيو: شوڪت، اسين هيءَ جاءِ نه ڇڏيندا سين، هيءَ اسانجي اباڻي جاءِ آهي، هي اسانجي ٻارن جو اڳهو آهي. هوءَ هڪ ڪن ٻڌي. ٻوءِ وري چيائين:

صبوح ٿي ويو آهي. ساڍي اٺ. مان چانهه ٺاهي وٺان. اڄ ٻارن کي سويل اسڪول وڃڻو آهي......

عابده پروين جي آواز ۾ مون شاهه کي ور ور ٻڌو آهي، عابده جي آواز ۾ سنڌي لفظ پنهنجي وسارايل معنيٰ پائي وٺندا آهي. ڀڳونتيءَ جي مٺي آواز ۾ مون وٽ تمام گهڻو ذخيرو آهي. ان جو چڱو حصو هوءَ پاڻ مهنجي گهر ۾ ڀري ڏئي وئي هئي، اهي گيت جي هوءَ گهڻو ڪري عام پروگرامن ۾ نه ڳائيندي هئي.

**مان ڪير آهيان؟ انسان هن دنيا ۾ ڇو ٿو جنمي؟ ڪيڏانهن گم ٿي ٿو وڃي؟ هن دنيا ۾ زندگي گهارڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ ڪهڙي زندگي بهتر زندگي آهي؟** هي سوال مهنجي زندگيءَ ۾ هر هر سڄيو اڀري مونکي ڪن ڏينهن لاءِ مونجهائي ڇڏيندا آهن. مان ڪي ڏينهن ڪو ڪم ڪري نه سگهندو آهيان ڄڻ ڪنهن ٻئي سنسار مان هن دنيا ۾، ڪن ڏينهن لاءِ سير لاءِ آيو آهيان. اباڪ اڻيو پنهنجي آسپاس ڏي نهاريندو رهندو آهيان. ڪڏهن سوال ڀريل نظرن سان پنهنجي چوگرد انسانن ڏي نهاريندو آهيان پر سڀني چهرن تي شڪ يا سنديهه جي ڪا آيل، ڪا پيڙا نظر نه ايندي آهي. ڄڻ هو نه محسوس ڪندا آهن، نه سوچيندا آهن، نه مرندا آهن، نه جيئندا آهن.

مان زندگيءَ ۾ ڪٿين پيرا مٺو هوندس. لڳندو اٿم مهنجي اندر جون ڀاڙيون ڪري پڃي پري رهيون آهن، پرلئه اچي چڪي آهي، چوطرف وناش آهي، ڪٿي ڪو روشني جو ڪرڻو نه آهي.

**موت کي مون سدائين پيار ڪيو آهي، جيئن ڪير پنهنجي اندر اڪل پنهنجي پياري روپ کي پيار ڪري.** زندگيءَ جي ڪارگذارين ۾ مان ٿڪجي رهيو آهيان.

آهيان ته سنگيت وٽ ايندو آهيان. مون وٽ دنيا جي ڪيترن ملڪن جو سنگيت آهي، بيٿوون ۽ منهنجا سڀ کان پيارا سنگيتڪار آهن. جڏهن مان دک ۾ ڪراهڻ لڳندو آهي ته بيٿوون وڄائيندو آهيان ۽ جڏهن مان خوشيءَ ۾ جهومڻ لڳندو آهي موزارٽ ڪمري ۾ کل خوشيءَ جا ٽهڪ ڀري ڇڏيندو آهي. بيٿوون جي نائين سمفني ۽ وائلن ڪنسرٽو سان ڪئين سڀيون راتيون جاڳندو هوس ۽ سڀيون راتيون اندر ئي اندر ۾ روئندو هوندو. جڏهن جڏهن هن شهرن جي دم ـ ٻوڙ فضائن ۾ مان پاڻ کي قيد سمجهندو آهيان ته مان سمدس پيسٽورل سمفني وڄائيندو آهيان. محسوس ڪندو آهيان مان ٻهراڙيءَ جي ڪنهن ٻيٽري ئي پهتو آهيان. چائڪووسڪيءَ جي سنگيت ۾ انسان جو نديڙو اندر وشال اننت جو حصو بڻجي ويندو آهي. مان جڏهين هيءُ سنگيت ٻڌندو آهيان ته پاسندو آهي ته منهنجو اندر وارو ٻڌني ڪپڙا لاهي ننڍو ٻار بڻجي ويو آهي. پر سڀ کان وڌيڪ پيار ڪيو آهي مون روبندر سنگيت کي. هن سنگيت ۾ اوڀر جي پوڄا آهي ۽ اولهه جو پرام آهي. روبندر سنگيت نه صرف منهنجي ماضيءَ سان رليل مليل آهي پر منهنجي اندر جو حصو مون سان اٽوٽ ته گهري دوستي جوڙي ويٺو آهي جو گيت جي پهرين سٽ سان منهنجي اندر ۾ ٽڙپ جو درياهه اٿلي پوندو آهي. ڪڏهن لڳندو آهي اندر ۾ ٽر ٽر ڪندڙ ڪاري رات آهي ته ڪڏهين لڳندو ائم ڪير سان ڏونـل چانڊوڪيءَ ۾ ويٺو سنگيت جي پينگهي ۾ لڏي رهيو آهيان.

اڄ ليتا ۽ سڱل جا پراڻا راڳ ڪافي وڻندا هئم. پر هاڻ ڀارت جو ڪلاسيڪل سنگيت ئي مون پرپاٽي سگهندو آهي. ڀيمسين جوشي، ڪمار گندرو ۽ ڪشوري اموڪر منهنجا پيارا گائڪ آهن.

جڏهين سانجهيءَ جو سج لهڻ جي سمان ۾ هوندو هو. جڏهين اولهه جو آڪاس سهڻن نظارن سان سجايل هوندو هو. بادل پهاڙن جيان هوندا هئا ۽ انهن وچ ۾ ڇڏيل آسمان وادين جيان. ڪٿي ڪٿي نديون ۽ نالا سج جي سونهري روشنيءَ ۾ ٻهڪندا هئا.

هڪ ٻارهن تيرهن سالن جو ڇوڪرو ڪڏ تي ويٺو هڪ ڪچيءَ ڪاپيءَ ۾ گيت لکندو رهندو هو. الائي ڪنهن کي سڏ ڪرڻ لاءِ لکيا ويا هئا اهي گيت شايد اهي گيت ان لڪل محبوب کي سڏڙا هئا جو اسان مان هر ڪنهن جي اندر لڪل آهي.

اسر جو سويل آئي هو ساڌو واسوانيءَ جي ستسنگ تي ويندو هو. ساڌوجن جو بنگلو سندس گهر کان سڏ پنڌ تي هو ٽي چار سال پوءِ جڏهين هو شرداگتيءَ ۾ چترڪلا ۽ سکيا وٺڻ لڳو هو ته پيڻ جي اسڪول مخزن ۾ هڪ گروپ فوٽوءَ ۾ هن ان ڇوڪريءَ کي ڏٺو جا ساڌوجن وٽ ڀڄن ڳائيندي هئي. هن ٻنو ڪٽي پينسل سان ان ڇوڪريءَ جو چٽ آنڪيو هو ۽ چٽ آنڪيندي وري اهي راڳ ٻڌا هئا جي سندس اندر ۾ لڪل هئا.

سنڌيا ويل جڏهين آڪاس تارن سان جهنجهيل هوندو هو ته جيل اڳيان شاهي ميدان جي ڪنهن به بينچ تي وڃي ويهندو هو. چلائي وار وار چوندو هو: تمسوما جيوتر گمئه. مونکي اونده مان روشنيءَ ۾ آڻ. ڪڏهن ڪڏهن سندس اکين ۾ لڙڪ به اچي ويندا هئا. ان ڏينهن ٺاڪور ته سندس زندگيءَ ۾ هو ئي، پر گوتم ٻڌ ۽ ميرا به سندس ويجهو هئا.

شايد ان ڏينهن ئي هن هڪ خط رشيڪيش جي سوامي شوانند کي لکيو هو ته مان آشرم ۾ اچي ڪجهه پرائڻ ٿو چاهيان. ننڍڙو جواب آيو هو آشرم مان: تون اڃا عمر ۾ ننڍو آهين.

... ... ...

ڪوبه غلط ڪم ڪندي ڪين هوا ۾ اڏندڙ پکين جيان ڏڪڻ لڳندو آهيان. چاڻ پڪڙيس، چاڻ ڦاٿس. هنن سماجن جي قاعدن قانونن کان ڏاڍو ڊڄندو آهيان. جڏهين به ڪنهن سرڪاري آفيس جي رڪي وايو منڊل ۾ پير رکندو آهيان ته ڏرين ڏڪڻ لڳندي اٿم. پائيندو آهيان اهي سڙيل فائيل ۽ اپڙ ڇيون ميزون سپاهي لٽڙي منهنجي ڪرائن ۾ هٿ ڪڙيون اچي هٽندا. جڏهين انسان جو اهو وحشي روپ ڏسندو آهيان، جتي هو دشمن لٽڙي پوندو آهي، ته الان پڇي نڪرڻ جي من ڪندو آهي. ٻر اوچن پهاڙن ۽ جهنگلن ۾ جڏهن مان اڪيلو پڪندو آهيان ته اهو ڊپ نه ٿيندو اٿم ته ڪير اچي منهنجو خون ڪري سگهي ٿو، ڪو جانور اوچتو نڪري منهنجي پٺن کي لڪ لٽائي سگهي ٿو. ڪڏهين مٿي پهاڙ تي بيٺي هيٺ نديءَ ڏي نهاريندي مـن چاهيندو آهي ته جيڪر هيٺ نديءَ جي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيان. اهو ڪهڙو سٺو نظارو هوندو جڏهين منهنجو بدن نديءَ جـي ڪل ڪل ڪندڙ پاڻيءَ ۾ ترندو ويندو. مون سدا انهن شاعرن کي پسند ڪيو آهي جي چوماسي جي وڄ جيان چلڪاٽ ڪري ڳم ٿي ويا. ڪڏهين آرسـيءَ ۾ پنهنجي چهري ڏي نهاريندي سوچيندو آهيان، هيترا سال جيئڻ جو ڪهڙو سود؟ هيءَ جيئڻ به نه آهي! ڏهه سال ٿي جي هليو وڃان ها. شيليءَ جيان، عڪس جيان، ٿورو ٽٽ جيان، ايملي ڊڪنسن جيان، گيتانجليءَ جيان. منهنجو اندر هڪ آهه ڀريندو آهي. مونکي پاسندو آهي سدور مونکي سڏيندو رهيو آهـي. رويندرناٿ جي ان سٽ جيان: مان سدا سدور جو پياسي آهيان.

... ... ...

ڪراچيءَ جو سهڻو شهر، بند روڊ ايڪسٽينشن تي جيل جي وڏي ميدان کان اڳ پنگلن واري اڳين گهٽي.

۽ لٺين جو وسڪارو پوندو هو ته مان ٻه ٻين ڪيترن سنڌين ٻچ
پاڻ بچائيندو هوس ۽ دور ان خطري واريءَ جڳهه تي اهي انهن
جوانن ڏي حسرت سان تڪيندو هوس جي لٺين جي دٻاءُ ۾
پٺ تي ڪرندا هئا.

مونکي ڪڏهين ڪڏهين شڪ پوندو آهي ته مان سچي
عمر ڀرپور ته نه رهيو آهيان. مون زندگيءَ پر جاکوڙ ڪري
ڪجهه به پائڻ جي ڪوشش نه ڪئي. ايتري قدر جو جن کي
مون پيار ڪيو انهن کي پنهنجو بڻائڻ لاءِ تصور به نه ڪيو.
الائي ڇو منهنجي دماغ ۾ ٿي نه آيو ته هڪ سماجڪ زندگي
به ٿيندي آهي جنهن ۾ انسان به پنهنجا ۽ پراوا ٿيندا آهن. جن
سان به مون دل جو ناتو جوڙيو تن سان مون عمر ڀر نباهيو آهي
جهيڙو ڪرڻ مونکي شايد ايندو ئي ڪونهي. مون ڪڏهن به
انسان ۾ برايون نه ڏٺيون آهن. ڏسندو آهيان تڏهن سندس
ساٿين سان گڏ ڏسندو آهيان. مون صرف هڪ برائيءَ کي
تڪاريو آهي ۽ اها آهي خود غرضي. جنهن انسان ۾ مان هوءَ
برائي ڏسندو آهيان ان کان دور ٿي ويندو آهيان. پر مونکي
تڏهن به عجب لڳندو آهي ته مونکي زندگيءَ ۾ شايد ايترو
ڪجهه مليو آهي، جنهنجي لاءِ مان شايد لائق به ڪو نه هوس.

ٻي ياد آهي ته ان عرصي ۾ مون ٻه ڪتاب لکيا. سياسي
مدبر ۽ ٽئل تارون. شايد پنهنجي ڏورانهٽي جي احساس کي
گهٽائڻ لاءِ مون اهي ڪتاب لکيا هجن. پر انهن ڪتابن جي
ڪري مان سنڌ جي ڪيترن شخصيتن جي ويجهو آيس جن
۾ سوڀو گيانچنداڻي ۽ گوبند مالهي به هئا. مان سوڀي کان
گهڻو ٺهيو هوس، پر هنجو مون ۾ ڪافي موهه هو. وشو ساهتيه
جا بهترين ڪتاب پڙهڻ مان هنن کان سکيس. ٽن سالن جي
جيل بعد به هو پنهنجي ڳوٺ نه ويو هو. پروگرام ٺاهيائين ته

الائي ڪهڙي ڳالهه ۾ مون شرناگتيءَ ۾ پينٽنگ سکڻ شروع ڪئي. الائي ڪهڙي آنند مانڊ ۾ ڪي ٻڌائڻ لاءِ مان صدر جي هڪ ميوزڪ ڪلاس ۾ ستار سکڻ لڳس. ستار سکڻ ته اڄ ۾ وهڃي ويئي ۽ جڏهن ڏينهن مان ڪراچي ڇڏي شانتينڪيتن ويس تيستائين مون پينٽنگ ڪلاس جو پيرو نه ڇڏيو. ميٽرڪ جي امتحان ڏيئي به پاڙيءَ بعد ڪلاس ۾ ويندو هوس. پنهنجي سڄي خرچي ڪتابن تي خرچ ڪندو هوس. ان ڏينهن ڪراچيءَ ۾ اڄ پراڻا ڪتاب وڪڻندڙ دڪان هئا. هڪ دڪاندار ته دوست بڻجي ويو هو. سياڻو ته اهڙو لاچارو هوندو هوس جو ان کان مٿي پڙهندڙ هوندا ته منهن مان ٻڙڪ نه نڪرندو. سڪول ۾ وسيس ۾ جڏهن ٻيا شاگرد راندين ۾ مشغول هوندا هئا ته مان ڏاڪڻ جي مٿين ڏاڪي تي ويهي پڙهندو هوس ۽ مٿان هيٺ بيٺل شاگردن جي چهرن کي جاچيندو رهندو هوس. زندگيءَ ڀر انهن جي چهرن ۾ ڪجهه ڳولهڻ منهنجو وڏو شغل رهيو آهي. انهن انسانن جي اندر کي پڙهڻ جي ڪوشش، سندن چهرن دواران منجهن جهاتي پائڻ جي تمنا، مونکي هن زندگيءَ ۾، ڪي تمام پيارا دوست ڏنا آهن، جن مان ڪن پنهنجي زندگيءَ جا ڳجهه به مون اڳيان ظاهر ڪيا هوندا ۽ مان عجب ۾ ڏانهن نهاريندي

**پنهنجو پاڻ کي وڙور چوندو آهيان، انسان ڪيتري پياري چيز آهي.**

... ... ...

مان اڍهين پندرهن سالن جو هوس جڏهن 1942 واري آزاديءَ جي لڙ ڇڙي.

مونکي به ڳالهيون ياد آهن.

نديان سرگسين ۾ مان به شامل ٿي ويندو هوس. نعرا هڻندا اڳتي وڌندا هئاسين، ۽ جيئن ئي پوليس لوڙهو ڏيندي هئي

جو ڏهہ سال هو منهنجي گهر اچي سڏ ڏيندو هو. (مان ڏهن آرٽلري ميدان نمبر هڪ تي هوس جتي منهنجي پيءُ وڏي جاءِ ورتي هئي.) سوڍي کي ٻگها پڇڻ وٺندا هئا. اسين لوس ٻرج تي وڃي ويهندا هئاسين. مان سوڍي کي پنهنجون ٺاهيل ڪهاڻيون ٻڌائيندو هوس ۽ سوڍو ٺهڪ ڏيئي کلندو هو. چوندو هو پيار اهو ڏهليءَ جو لڏون آهي جو ڪانجي ت. ٻ. پڇتائجي ت. ڪانجي ت. ٻ. پڇتائجي.

... ... ...

انسان ڦوڪڻي جيان ٻاهڻ کي ڪيترو ٺ. ڦوڪي ٿو. منهنجو ڦهرلون پيار ٻاٽڻ ٺ. هو ٻر پيار ۾ ٻائل نراسائي هئي. مون ڪلاس ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو هو ڇاڪاڻ ت. ساٿهون هيءَ ويٺي هوندي هئي. مان صبوح جو ڪلهي تي لٽڪندڙ ٿيلهي ۾ ڪجهه ڪتاب وجهندو هوس ۽ ڪنهن راهه تي نڪري ٻوندو هوس. اُس جي ٽپت تي، ڪٻڙ ڪاٻڙ رستن تي اهي سفر اڃا مونکي ياد آهن. اندر ۾ لڏهين ڪيڏو اڪيلو هوس مان. درد هڪ ڪوهنا جيان مون کي گهيري ويندو هو. لڳندو هو سڄ جي روشنيءَ جو هر ذرو منهنجي بدن کي ٻاهه لڳائي رهيو آهي. لڳندو هئو مان ٻرندڙ چتا تي سمهيل آهيان. منهنجي ٻرڻ جڳهه کوهائي نديءَ جو ڪنارو هو. مان هڪ ڦهليل وڻ هيٺان ٻوٽي ڪولائن جا ڪتاب پڙهندو رهندو هوس ۽ اکيون ٿڪجهنديون هيون ت. آڪاس ۾ ٽرندڙ ٻادلن کي ڏڪيندو رهندو هوس. انهن ٽوون ڏينهن ۾ ڪويتا سان جا وڃهائي محسوس ڪئي اها زندگيءَ ۾ وري ڪڏهين ڪان. آئي. ٻر گهڻو وقت هڪ هند وهڻ، تن ڏينهين مون لاءِ اَسنڀوُ هو ان ڪري منهنجن پيرن مون کي رولاڪ بڻائي ڇڏيو هو. سانجهيءَ ٽاءِ جڏهين ٻاڇا لڏڻ لڳندا هئا ت. ٻاڻ کي اٿرو دور ٻائيندو هوس جو ڳوٺاڻن ڪان ڪنهن

سنڌ جي مکيه شهرن جو رٽن ڪندو ڳوٺ ويندو. هن مونکي ٻڌائي ڏني ته مان ساڻس هن رٽن ۾ شامل ٿيان. منهنجا مٽرڪ جا امتحان ويجها هئا پر مان هنسان گڏ ويس. سو پڻ ظاهري ته سياست ۾ هو. پر اندر ۾ هو ڪلاڪار ۽ شاعر هو. سندس مٺا ٽهڪ مان هاڻ به ڪڏهين ٻڌندو آهيان. سندس چمڪندڙ اکيون هاڻي به ڪڏهين ڪڏهين منهنجي اکين اڳيان اچي ڀڄنديون آهن.

**هڪ ٻارو ڇوڪرو پنهنجي ڪمري جي دري ڇڏي ٻاهر ورانڊي ۾ اچي بيٺو. هن دنيا جي چوراهي تي اچي ٻهڻ جي هو زندگيءَ پر همت ساري نسي سگهيو آهي.**

... ... ...

شانتيڪيتن ۾ منهنجو ٻهريون سال عجيب نموني گذريو. ڪلاس ۾ پندرهن سورهن ڇوڪريون هيون ۽ اٺ نوَ ڇوڪرا. انهن ڇوڪرن مان به ٽي چار ڇوڪرا آس پاس جي ڳوٺن مان ايندا هئا، هاسٽل ۾ نه رهندا هئا. غربت ۾ پليل، پيلا چهرا، هڏانهان پڌن. مان ڪلاس ۾ هيرو ٿيڻ جي ويو هوس.

ڇهين مهني جي امتحان ۾ پنهنجو لکيل مضمون پروفيسر ڪلاس ۾ پڙهي ٻڌايو هو. اهو چوندي ته اهو ساهت جو سٺو نڪر آهي. مان ڪلاس ۾ ٻهريون نمبر نه آيو هوس، ٻهريون نمبر آئي هئي اها ڇوڪري جنهن جي دل سان پوءِ منهنجي دل اڪ چپ راند ڪئي.

ٻهرئين سال جي وئڪيشن ۾ جڏهن گهر ڪراچيءَ موٽيس ته پول ۾ هئس. سيڏي دوستن سان لپاڙون هڻندو هوس ته جنهن ڇوڪريءَ سان چاهيان پيار ونڊي ٿو سگهان. ڏڏهن سو پڻ ته ڪراچيءَ ۾ ٽرپڊ آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. ڪڏهين ڪڏهين رات

اها تمام سهڻي ڇوڪري، جا پوءِ سندس شاديءَ بعد منهنجي ۾ ڪافي ويجهو آئي. اڄ ڪالهه آمريڪا ۾ ٽي. وي. تي ڊراما پروگرام ڏيندي آهي. جتيندر ۽ مون کي هاسٽل جـــي پنهن شاگردن اڀ نام Nick Name ڏنا هئا. مونکي هو سڏيندا هئا poet ۽ هن کي فلاسافر. منجهند جي مانيءَ بعد جڏهين ٨ ٻيا شاگرد آرام ڪندا هئا ته اسين ڪتاب کڻي ڪمري مـــان نڪرندا هئاسين. رستي تـــي ڪا ڳائيندڙ ڇوڪري گڏجي ويندي هئي تـــه ڪيس پيهاري ڪنهن وڻ هيٺان ويهي راڳ ٻڌندا هئاسين. اسين ٻئي راڳ جا بيحد شوقين هئاسين.

هڪ رات مان پلنگ تي ليٽيو ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هوس جـــو خوشيءَ ۾ ٽمٽار جتيندر ڪمري ۾ گهڙيو، ڪرشن، مـــان تنهنجي زندگيءَ تي لکيل ڪتاب کڻي آيو آهيان.

مون عجب ۾ هن ڏانهن نهاريو. هن هڪ ڪتاب منهنجي پلنگ تي اڇليو. مون ڪتاب کڻي ڏٺو آندري موروا جا شيلي جي زندگيءَ تي لکيل ڪتاب اُيريل هو.

ان ويل ٻٽين ٽڪ جو وقت ٿي ويو هو. موم ٻتيءَ جـــي جهڪي روشنيءَ ۾ مان سڄي رات اهو ڪتاب پڙهندو رهيس. صبوح جو رضائيءَ مان منهن ٻاهر ڪڍي جتين چيو: ڪڏهين تون شيليءَ جيان ڪنهن ڇوڪريءَ کي وٺي ڪاليج مان ڀڄي وڃين. هيئن روز ڪلاسن ۾ اور ٽيڻ ۽ هاسٽل ۾ ننڊون ڪرڻ ۾ ڇا رکيو آهي؟!

ان رات کان شيلي منهنجو زندگيءَ ڀر جو دوست بڻجي ويو. ڪنهن زماني ۾ سندس ڪوتائن جـو ڪتاب سدا ساڻ هـوندو هوم، الائي ڪيترا دفعا مون سندس ڏک ڀريل نيڻن ۽ ويڪري چهري ۾ پاڻ ڳولهيو هوندو.

انهن ڏينهن ۾ مونکي پڻ ته هڪ ساهيڙي ملي، ازابيلا

اسٽيشن جو پتو پڇائيندو ريل رستو واپس ورندو هوس.

پر هوءَ ۽ مان تمام ويجها دوست رهيا آهيون، سڄي عمر. هڪ وڪيشن ۾ هن مون کي نينڊ ڏني هئي ته مان سندس گهر رهان ۽ مان مهڙو ڪن سندس گهر رهيس. جڏهين ٻه گڏجندا هئاسين ته هڪ ٻه پيرڊ ڪلاس ۾ وڃڻ وسري ويندو هو. شانتي نڪيتن جي پوئين سال جي پوئين هفتي ۾ هڪ اُجاڙ ڪوٺ جي پٺ تي ويٺي هن مونکان اشاري ۾ پڇيو هو: ڇا اسين سڄي عمر گڏ گذاري نٿا سگهون؟

مان ڏانهس نهاري نه رهيو هوس، مان لهندڙ سج ڏي نهاري رهيو هوس. مرد کي ڪي سوڪيم ڳالهيون سمجهڻ ۾ ڪيتري دير لڳندي آهي. مون کهڙيءَ نه پرواهيءَ مان چيو هو: ”مان سوچيان پيو هڪ دفعو سڄي هندستان جو رُن ڪريان پوءِ فيصلو ڪيان ته ڪٿي رهان ٿو، ڇا ڪريان ٿو. مون کي پوءِ ياد پيو هو ته مون سندس اکين وٽ پاڻي ڏٺو هو ۽ سندس آواز ۾ ڏڪڻي پڌي هئم. پر اهو شايد ڀوم هجي. هن هڪ مشهور فلم ڊائريڪٽر سان شادي ڪئي. ۽ ٻه سال اڳ ٽائين جڏهين مان آمريڪا وڃان هو ٻئين ٽئين مهني سندس خط ايندو هو. ان بعد مان خطن لکڻ ۾ تمام سست ٿيڇي ويو آهيان، سيڌي سان.

... ... ...

جيترا ڪتاب اسان جي هڪ ڪمري ۾ هئا اوترا شايد هاسٽل جي سيڌي ڪمرن ۾ نه هئا. جتيندر ۽ مان ٻئي ڪتاب پڙهڻ جا شوقين هئاسين. جتين راجستان جي هڪ ننڍيءَ رياست جو شهزادو هو. تمام اسٽشٽ ۽ اٺاولو هو هن دنيا ۾ نه آهي. تمام مشڪلات سان ان ڇوڪريءَ سان لانون لڏائين جنهنکي پيار ڪندو هو. راجستان جون پراڻيون ريتون رسمون.

چڙهيل انسان ڏي اُڇلا ڏيندا آهن.

۽ شايد ان ڪري ئي مان سدا ٻاهر مـــان اسٽنٽ رهيو آهيان. اڪيلين گهڙين ۾ روئندو آهيان. دنيا ڇا ٿي سمجهي ٿي مونکي ڄاڻ آهي ته مان هڪ ڪمزور ۽ آرام پسند انسان آهيان جو شهيد ٿيڻ کان ڪنارو ڪندو رهيو آهي.

... ... ...

دنيا ۾ اوچتو پاڻ کي سڃاڻبو آهي ۽ ٻين کي ٻه جيئن اونداهيءَ رات ۾ اوچتو وڄ چمڪي ۽ راهه نڪر ڏيکاري گم ٿي وڃي.

هوءَ ۽ مان اڪثر ٻاهر ۾ گـــڏجندا رهندا هئاسين. ڪٿين ڳالهيون ٿينديون هيون. ڪڏهن ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ.

هڪ ڏينهن ڪلاس پوري ٿيڻ ســـان مون پنهنجو آسن ۽ ڪتاب کنيا ۽ هاسٽل وڃڻ لاءِ مڙيس جو پٺيان سڏ پيم. مان ٿي رهيس. هوءَ پيرڙا کڻي مون وٽ آئي. منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي چيائين: ترس. پوءِ هوءَ پنهنجي ڪاپيءَ ۾ ڪجهه ڳولهڻ لڳي. هڪ گلابي ڌاڳو جو رکڙيءَ جيان هو، هن ڪاپيءَ مان ڳولهي لڌو. هن چيو ٻانهن وڌاءِ. مـون ٻانهن مٿي ڪئي. هوءَ منهنجي ڪرائيءَ ۾ رکڙي ٻڌڻ لڳي، پـــر سندس اکيون منهنجي اکين منجهه هيون. سندس وڏيون اکيون. الائـــي ڪيترو سمو، کيس رکڙي ٻڌڻ ۾ لڳو ۽ اهو سڄو وقت سندس اکيون منهنجي اکين منجهه هيون. جڏهين هن ٻڌي هٿ گڏي مونکي نمسڪار ڪيو تڏهن ته سندس اکيون منهنجي اکين منجهه هيون. ان ڏينهن هن ٻيو ڪجهه نه چيو هو، هوءَ موٽي هلي وئي هئي ۽ مان عجب ۾ سندس پٺيان نهاريندو رهيو هوس، هوءَ پنهنجون اکيون مون وٽ ڇـڏي وئي هئي، ان بعد اسين هڪ ٻئي لاءِ ساڳيا نه رهيا هئاسون.

ٻڌڪن، آمريڪن ڊانسر جڏهن پنهنجي زندگي سماجڪ قاعدن قانونن کي ٽوڙيندي پنهنجي اندر جي سچ کي ڳوليندي گذاري. هن جي سنگ ۾ ئي مان گريڪ آرٽ جو شائق ٿيس سندس آتم ڪٿا ڪيترا سال منهنجي ميز تي هئي. ان جون ڪيترئون ڪاپيون گهرائي مون ڇوڪرين جي هاسٽل ۾ ورهايون

منهنجي زندگيءَ ۾ هڪ وڏو تضاد رهيو آهي اندر ۾ مان هڪ rebel رهيو آهيان. مون سدا انهن انسانن کي پيار ڪيو آهي جي آزاد زندگيون جيئا آهن. جي دنيا جا پاسي ٿي ويل قاعدا ٽوڙيندا آهن. سماج جي مڃيل Morality ۾ به منهنجو وشواس نه رهيو آهي جو انهن قاعدن کي ٽوڙيندو آهي ان کي مان عزت سان ڏسندو آهيان. پر منهنجي پنهنجي زندگي انهن عقيدن جي ابتڙ رهي آهي. مان سدا ڪن ليڪن اندر رهيو آهيان. چاهيندي به مان ديوارن کي ٽوڙي نه سگهيو آهيان. مونکي خوشي نه ٿيندي آهي پر ڪاٿ پيڙا پهچندي آهي. جڏهن ڪي مت مانت يا پاڙيوارا مونکي ديوتا جو لقب ڏ ڏيندا آهن. مان اندر ئي اندر ۾ جهنجهلاهٽ محسوس ڪندو آهيان. شايد ان Image کي ٽوڙڻ لاءِ ئي مون "سٽ ڏينهن" ناول لکيو، پر شايد مان پنهنجي ڪوشش ۾ سڦل نه ٿيو هوس. مونکي لڳندو آهي ته پنهنجي ڪنهن پياري رچنا ۾ پنهنجي اندر جي سچ کي پرگهٽ ڪرڻ ۾ سڦل نه ٿيو آهيان. سرجڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. زندگيءَ ۾ سکن ۽ سهڄتا سان پاڻ کي گهيري مان ان انڌڪارمئه دنيا ۾ جيئڻ جي همت نه ڪري سگهيو آهيان جتي سرجڻ جا طوفان ۽ زلزلا هوندا آهن، جتي انسان جيئري ئي چتا تي سڙندو آهي، جتي ماڻهو پٿر ميڙي سوريءَ

ڪنيا ڪماريءَ ۾ اسين ٽي ڏينهن رهياسين. هڪ سڄي رات اسان سمنڊ ڪناري گذاري، هڪ ٻئي جي ڀر ۾ ويٺي. اها ڪاري رات هئي. هن سڄي رات ڳايو هو، وچ وچ ۾ ساهي پٽيندي.

۽ ڪنيا ڪماريءَ جي ئي ڳالهه آهي. هوءَ ۽ مان ڪنهن ڇپ تي ويٺا هئاسين جو پاڻيءَ جي وچ ۾ هو. هن ان سانجهيءَ رنو هو. عورتون ڪيترو جلد روئي سگهنديون آهن ڪين ڪهڙي خبر ته مرد به روئندا آهن، پر اندر ئي اندر ۾. ڪيس دلداري ڏيڻ لاءِ مون سندس ٻئي هٿ پنهنجن هٿن ۾ ٿمايا هئا. سج لهي رهيو هو. وقت جي خبر نه پئي هئي. اوچتو هڪ ناکئو ٻڪندو آيو. اسانکي سهارو ڏيئي ڪناري تي وٺي آيو. چيائين ڪجهه دير وڌيڪ ان ڇپ تي وهو هان ته وير جي پاڻيءَ سان گهيرجي وڃو ها. پوءِ ڪناري تي پهچڻ سولو نه هو.

هن مونکي ڪيترو ڏنو هو ۽ مون؟ مان ڪڏهين شرمندو ۽ اداس ٿي ويندو هوس.

هيءُ مرد ۽ عورت وچ پيار ڇا آهي؟ اج ڪالهه چيو وڃي ٿو ته هيءُ ڪورو سيڪس آهي، ٻيو ڪجهه نه. جي ائين آهي ته ڪن خاص انسانن لاءِ ئي من ڇو ماندو ٿئي ٿو.

مونکي هڪ ٻيو واقعو ٿو ياد اچي. اهــا پورنماسي رات هئي. اسان شانتينڪيتن جــي ٻنڌ جي ڀر ۾ پڪنڪ رکي هئي. مان هڪ پٿراهين مٿاهينءَ تي اڪيلو ويٺو ميري پاڻيءَ ۾ چنڊ کي ڳولهي رهيو هوس. اوچتو هڪ ڇاڇي تما جيو آيو ۽ منهنجي ڀر ۾ اچي ويهي رهيو. مون سڃاتو هو، هوءَ آشرم جي سهڻين ڇوڪرين مان هڪ هئي، هڪ راجائي ڪٽنب مان، اچا ويڇڙائيءَ ۾ داخلا ورتي هئائين. ائين نه هو ته منهنجو هن ڏانهن ڌيان نه ويو هو. سندس پرسان ٻيهندي ائين لڳندو هو

مغلسراءِ اسٽيشن هئي. اسانجو رزرو ڊبو هڪ ٻئين ڪلاس ڪمپي ۾ ٻين سان لڳل هو. هر سال اسين ٻوس جي ميلي بعد ايڪسڪرشن تي پنج ڇهه ڏينهن ويندا هئاسين. ان سال بهار ويا هئاسين.

مان گاڏيءَ کان ٻاهر پليٽفارم تي بيٺو هوس، اوچتو مون هڪ اد ڀوت نظارو ڏٺو. شايد پهريون دفعو چنڊ ڪڙندي ڏٺو، شايد مهمجي اندر جي ڪاريءَ غفا ۾ اوچتو ڏيئو ٻرو هو. هوءَ سامهون اچي رهي هئي. مهمجي ويجهو ايندي سندس پير ڪن پل لاءِ ٿميا. سندس چهري تي اڻلکي هڪ مرڪ ظاهر ٿي. اسين هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئاسين، پر مون ان ويل محسوس ڪيو اسين پهريون دفعو گڏيا هئاسين. مون ڄاتو چنڊ جي سنهي ليڪ پدمجي ٻورن چندرما ٿيڻجي واٽئي. هوءَ هلي وئي، مون مڙي ٻه نه نهاريو هو. پر مون ڄاتو مان ساڳيو نه رهيو هوس.

مونکي آزمودو آهي ته جڏهن ب زندگيءَ ۾ اڻين ٿيندو آهي ته هڪ طرفو نه ٿيندو آهي ٻنهي طرف ڪجهه گهٽجندو آهي. الائي ڪيترن اندر، اندر سان حال اوري ونندو آهي.

پر هن زندگيءَ کي هڪ ٻيو روپ به آهي.

اسين ذڪر هندستان جي سفر تي هئاسين. هن کي جاڻ هئي سنگيت مهمجي من ۾ مانڌاڻ مچائيندو آهي. هوءَ سنگيت جي شاگرد هئي. آشرم ۾ ئي ڄاڻي هئي ۽ روپندر سنگيت جو نرم ڇهاءُ پائي ٿي سندس پدن ۽ روح اُسريا هئا. سندس مهن تي سدا هلڪي مرڪ هوندي هئي ۽ چپن ۾ سدا ڪجهه گنگنائيندي رهندي هئي. ٽرين ۾ مسافري ڪندي هوءَ هڪ دريءَ مان منهن ٻاهر ڪيندي هئي ۽ مان ٻيءَ دريءَ مان. هوءَ راڳ ڳائيندي هئي... ٽئگور جا گيت - ۽ هوا سندس آواز جهٽي مون وٽ کڻي ايندي هئي.

۾ ٻاهر اچڻ بعد وري اندر نه ويندو هوس.

۱۴ آگسٽ تي پاڪستان ٺهڻ جي خوشيءَ ۾ جلسا سرگس نڪتي هئي، مان به ان ۾ هوس ۽ ٻوءِ جناح جو ليڪچر ٻڌو هوم. رات جو ريڊيو تي نهروءَ جو تواريخ سان ملڻ لاءِ سڏ ٻڌم. سورهين تاريخ مون سنڌ ڇڏي. ان رات جو منهنجي ٽرين جڏهن ٽو وارو بارڊر لنگهي رهي هئي ته هڪ سيڪنڊ ڪلاس ڊٻي ۾ مٿي ليٽي مان سوچي رهيو هوس. هيءَ دنيا ڪيتري وڏي آهي ۽ انسان ڪيترو ننڍڙو. پر مونکي ننڊ نه اچي رهي هئي ته ان بعد مان سنڌ موٽي نه سگهندس.

... ... ...

ننڍي هوندي وئڪيشن ۾ جڏهين مان ڳوٺ (ٽسارو شاه) ويندو هوس ته منهنجا ٻه شغل هوندا هئا. رات جو تارن سان ڳالهيون ڪرڻ ۽ ڏينهن جو ٻراج جي ڪناري تي ويهي ان طرف دور دور تڪڻ جنهن طرف پاڻي وهندو ويندو هو. تصور ڪندو هوس مان ان پاڻيءَ مٿان ليٽي پوان ۽ فلوٽ ڪندو پاڻيءَ سان گڏ دور ديسن ۾ وڃان. ٻنهي ڪنارن تي الائي ڪيترا نرالا نظارا ملندا ۽ آڪاس ۾ ترندڙ ٻادل ڏسبا.

منهنجو من رولاڪ رهيو آهي. اڃا چار ڇهه مهنا ٿي مس گذرندا هئا ته ڪيڏانهن نڪري وڃڻ لاءِ من ڇڪ ڪندو. پهاڙ ۽ سمنڊ سدا منهنجي روح جا ويجها دوست رهيا آهن. برسات ۾ گهر ۾ وهندي مان پاڻ ڪسي قيد ۾ سمجهندو آهيان. ڪار کڻي ٻه ٽي ڪلاڪ آس پاس مان اُٿي ٿي ايندو آهيان جتي قدرت وڌيڪ هوندي آهي ٻي بشر گهٽ.

شانتينڪيتن ۾ رهندي هڪ وئڪيشن گهر ويندو هوس ۽ هڪ وئڪيشن ڪيڏانهن گهمڻ. گهر وڃڻ واري وئڪيشن وڏي هوندي هئي ته اها ٻه، اڌ گهمندي وڃائيندو هوس. ائين ڏري

۽ سندس اندر مان روشني نڪري چوطرف ڦهلجي رهي آهي. اسين ڪجهه دير ڳالهيون ڪندا رهياسين، شايد اڌ ڪلاڪ ۽ پوءِ جيئن هوءَ پاڇي جيان آئي هئي تيئن پاڇي جيان هلي وئي. مون ڄاتو اسانجو اندر هڪ ٻئي کي ڇهي نه سگهيو هو، سڃاڻي نه سگهيو هو.

۽ پيار صرف سيڪس نه آهي. الائي ڇا آهي؟ صديون کان ليکڪ ۽ شاعر پيار تي لکندا آيا آهن، سڀ کان وڌيڪ هن وشيه تي لکيو ويو آهي. پر هر انسان کي جڏهين هيءَ آزمودو ٿيندو آهي ته اهو نئون آزمودو هوندو آهي. هر بار پيار نئون جنم وٺندو آهي.

**سيڪس ۾ انسان پاڻ لاءِ تڙڦندو آهي، پيار ۾ انسان ڏيڻ لاءِ سڪندو آهي.**

... ... ...

ٻئي سال جي وڪيشن ۾ جڏهن مان ڪراچيءَ مائٽن وٽ آيس ته مان ساڳيو نه هوس. اها پهرئين سال واري ڪِل، خوشي، اُمنگ ۽ آشائون نه هيون. مون پيار ۾ اسفلتا پاتي هئي. مون اندر ۾ ڪا پيڙا پاتي هئي. ڪو لڪل درد سڄي بدن ۾ رت سان گڏ ڦيرا پائيندو هو. مان هن کي ياد نه ڪندو هوس، پر پنهنجو پاڻ مان اسنتشٽ هوس.

هڪ دفعو وري اهي سوال منهنجي زندگيءَ منجهه آيا هئا. هيءَ سرشٽي ڇا آهي؟ ڇو آهي؟ مان ڪير آهيان؟ ڇو آهيان؟ ۽ هنن سوالن جو ڪو جواب نه هو. صرف اندر ۾ هڪ تڙپ هئي. هڪ هنڌ ويهي نه سگهندو هوس. دوستن سان رهاڻيون ڪرڻ ۾ مزو نه ايندو هو. گهٽيون ڪڇيندو رهندو هوس. گهڻو ڪري انهن پاڙن ۾ جتي ماڻهو مڪين جيان هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سينما گهر ۾ گهڙي ويندو هوس، پر انٽرول

لڳندو آهي اندر ڦوڪڻي جيان ڦاٿي پوندو. ننڍو هوندو هوس ته ٻه ٻه ٽي ٽي ڏينهن بلڪل سانت تي ويندو هوس. ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي به هڪڙو حرف ٻولي نه سگهندو هوس. اکين ۾ اوڙڪ مڙي ايندا هئا. اندر جو غبار ڪيڏانهن گم ٿي ويندو هو ته پاڻ کي هلڪو محسوس ڪرڻ لڳندو هوس. پر عمر گذرڻ سان هاڻ لڳندو اٿم دنيا سان جيئڻ سکي ويو آهيان. اندر جي درد کي لڪائي مرڪڻ جو هنر به اچي ويو اٿم.

قدرت جي سونهن مان مون تمام گهڻو پاتو آهي. ايترو گهڻو جيترو ڪنهن به انسان مان نه. مان الٽي پنهنجو پاڻکي پائيندو آهيان. لڳندو اٿم منهنجي جيون سڪيارٿي ٿي. آمريڪا ۽ يورپ مان گهمي موٽيس ته ڪن دوستن لکيو ڪڏهن ته ياترا ورتن ڇپائين. مون اندر ۾ جهاتي پائي يادگيرين کي تازو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پهرين ياد جا موتي آئي اها هئي، اسين لاس اينجلس کان ميڪسيڪو جي بارڊر طرف وڃي رهيا هئاسين. رستي جي هڪ طرف ننڍيون پهاڙيون هيون جنهن جي ٻئي طرف سمنڊ هو. مون پٽ کي ڪار بيهارڻ لاءِ چيو. مان ٽڪندو ننڍيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهتس. مون جو ڏٺو سو بيان ڪري نه سگهندس، نيرو نيرو اڇاڳ. سمنڊ جو دور دور، تمام پري آڪاس جي گود ۾ وڃي ٿي ليٽيو، مان ستبڌ ٿيو اتي بيٺو رهيس، منهنجي اندر ۾ الائي ڇا گهٽيو. ڪن پلن لاءِ مان مان نه هوس. مان ڪير پيو هوس. اهو جو پڄڻ لاءِ مون پوري زندگي لالسا ڪئي هئي، پر جو پڄڻ لاءِ مان تپسيا ڪري نه سگهيو هوس. تيز هوا ۾ مان سڄو ڏڪي رهيو هوس.

ڪئناڊا جو پئسفڪ وارو ڪنارو تمام خوبصورت آهي، پهاڙيون ۽ سمنڊ هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀريو ويٺا آهن. پري پري وڃي، انهن جڳهين تي جن جا منهنجي ميزبانن نالا به نه ٻڌا

گهٽ سڀ هندستان گهميس. آسام جي چيراپونجيءَ ۾ ٻه هفتا رهيو پيو هوس. ٻهار ۽ اوڙيسا جي ٻه اندرين حصن ۾ به ويس.

الائي ڇو کنڊهرن سان منهنجو هميشه نينهن رهيو آهي. مئٽرڪ بعد ڪشمير ويندي ٽئڪسيلا جي کنڊهرن ۾ ٻهراون دفعو گوتم ٻڌ جا بت ڏٺا هئم. گريڪ آرٽ ۽ ٻوڌي آرٽ ۾ هڪ جهڙائي آهي، ٻنهي ۾ مون ساڳي سونهن ڏٺي آهي ۽ ٻنهي کي پيار ڪيو آهي. گريڪ بتن ۾ زندگيءَ جي لالسا آهي. گوتم جي شانت چهري ۾ نرٻاڻيءَ وارو وراڳ آهي. ٻهار ۾ گوتم سان جڙيل جڳهين ۾ مان خوب رليس. جڏهن به مان گوتم جي ويجهو پهچندو آهيان ته منهنجون آڱريون ڪيس سپرش ڪرڻ لاءِ ازخود اڳيان وڌنديون آهن. صرف هڪ ڀيرو مون بت تي ليٽي ڪيس پرنام ڪيو هو، ڇ جي سنگ ۾.

هوءَ لنڪا جي هئي، چترڪلا جي شاگرد. اسان ٻهار ۽ اتر پرديش جي ڪن حصن جو پروگرام ٺاهيو هو. هوءَ به اسان سان گڏ هلي. ان ڪان اڳ اسان هڪ ٻئي کي ڏٺو هوندو پر ڪڏهن ڳالهايو ڪو نه هو. ڪيس هندي ايندي ڪو نه هئي، شايد ان ڪري ئي منهنجو ساٿ وڻائين، سدائين مونسان سائيڪل رڪشا ۾ هوندي هئي. سنهي، گوري. الائي ڇو اسان ڪڏهن ٻاڻ ٻابت نه ڳالهايو. گوتم ٻابت ئي ڳالهيون ڪندا هئاسين. سارنات جي جپاني مندر ۾ اسين ٻه پنهنجان رهجي ويا هئاسين. هن بت تي ليٽي پرنام ڪيو هو ۽ مان ٻ بت تي ليٽيو هوس. اٺ ڏينهن اسين سڀ ڏينهن گڏ رهيا هئاسين، ان بعد هوءَ لنڪا وئي ۽ واپس نه آئي هئي.

ميرا کي مون ٻه پيار ڪيو هو. چتور جي ميرا مندر جي آڳڻ ۾ ٻنهي مون ڪئين دفعا ساٿ ۾ رنو هوندو. ڪڏهن ڪڏهن اندر جي آنڌ مانڌ، اندر جو شور اهڙو گهرو ٿي ويندو آهي جو

بس، مان هن دنيا ۾ رلندو رهندس. هنکي ٻوءِ هنجي پيرن
ٻڌايو هو ۽ سندس ماءُ اهو خط پاڻي ڏابو رني هئي.

هنجي اکين سامهون هڪ تصور ڦرندو هو. هڪ انسان
جنهن جي ڪلهي ڪان لٽڪندڙ ٿيلهي ۾ ڪجهه ڪتاب، ڪاپيون
۽ اسڪيچ بوڪ آهن اهو دنيا جي ملڪن جي سرحدن کي
لتاڙيندي سدا رلندو رهي ٿو. ڪو به بندش نه هوندو ونس،
بندش هوندا دلين جا جي انسان جي اندر کي ٻڌي نه رکندا
آهن. اڪيلي ڪهاڻيءَ ۾ نوڪانس جو ڪردار ڪجهه ڪجهه ان
تصور جو روپ هو. (نوڪانس نالو گڏهه سان ياد ٿو اچيم ته
آسام جو مشهور شاعر نوڪانس ٻه ٽي سال لاءِ منهنجو روم-ميٽ
هو. اچا به ڪڏهن هڪ ٻئي کي خط لکندا آهيون.)

اوچتو هن جاتو سڀ بدليل هو. اها سنڌ نه هئي جتي
سندس ٻاڙون هيون، جتي سندس ماءُ ٻيءُ سنڌ ۾ هجن ها ته
آجيو ڪا لاءِ ڪيس شايد همت پير نه هٽڻا پون ها، اهڙو سندس
ٻيءُ وت ٻڌسو هو. ٻر اڳين وڪيشن ۾ هو اجمير جي ڀر ۾ ان
نديءَ ڳوٺ مان ٿي آيو هو جتي سندس مائٽن اڄڪي مٽو
لڪايو هو. آگري اسٽيشن تي جيئن هن ٽرين مٽائي هئي ته
هن دردناڪ نظارا ڏٺا هئا. جڻ سارو وايو منڊل سوز سان ڀريل
هو. ماءُ پيءُ جي ڇهري تي هن ڪيتري نا اميدي ڏٺي هئي.
۽ پاڻ پيغر ڪوه تان ٻاڻي ڀري ايندا هئا. وڏي بنگلي ٻدران
نديڙيون جيل نما ڪوٺيون هيون. جڏهن رنڊي ۾ ڪنيون
پرنديون هيون. ته سڄو گهر دونهين سان ڀرجي ويندو هو. پر
تڏهين به اهو محسوس ڪندو هو ته اتي جي سندس سڀ
مٽ مائٽ هئا انهن ڪان هو نيارو هو. جڏهين هو واندا ٿيندا
هئا ته پٽن راند ويهي ڪندا هئا، غم کي ڀلائڻ جو ڪهڙو نه
سولو طريقو هو. ٻر هو ميدان لتاڙي هڪ رستي جي ڀر ۾ وڃي

هئا. ۽ اهو اوچتو مشاهدو جو مون ڏٺو هو اهو سدا منهنجي اندر کي ٿڙڪائيندو رهندو.

مونکي ارمان اهو آهي ته مان پنهنجي سڄڻ جي دنيا گهرس وڃي نه سگهيس. ۽ ميوزيم ۾ مون گهڻي ڪلا ڪي ڏٺو. ميوزيم ۽ آرٽ گئلريز ۾ گهمندي جڏهن ٽنگون ساڻيون ٿيڻ لڳنديون هيون ته ڪنهن ٿيئيٽر لاءِ پڇندو هوس. دک جي ڳالهه آهي ته اسان هندستانين جو به جي پنهنجي ليکي اتي گهمڻ وڃون ٿا اتي جي ماڻهن سان گڏجڻ ملڻ نه جي برابر ٿئي ٿو.

بمبئي ايئرپورٽ تي ڪسٽمس جي جاچ لاءِ هڪ مرهٽي ليڊي آفيسر ملي هئي. پيٽيون جاچيندي پڇائين! هيڏيون ڪئسيٽس ڇا لاءِ؟ مون وراڻيو هو: ڪتاب آهن. هن ٻه چار ڪئسيٽس جا سيٽ ڪڍي نالا پڙهيا. شيڪسپيئر ۽ ناٽڪارن جا پورا سيٽ هئا، اولهه جي رومانٽڪ ۽ اڄ جي زماني جي شاعرن جي پوئٽري ۽ سنگيت جا مڪمل سيٽ، ليڊي آفيسر مرڪيو. پڇائين: پيٽيون بند ڪريو ۽ کليل پيٽيون بند ڪرڻ سولو نه هو. آفيسر ڪسٽمس جي ڪنهن ماڻهوءَ کي سڏ ڪيو ڪيس پڇائين: صاحب کي پيٽيون بند ڪري دروازي تي ڇڏي اچ.

منهنجي آمريڪا ۾ پڙهيل ساهتيه جي شاگرد رهي آهي ڪيس خبر آهي منهنجون ڪهڙيون پسنديون آهن. ڪير به ايندو آهي ته مون لاءِ ڪئسيٽس ئي آڻيندو آهن.

... ... ...

هن جي سامهون وري اهو سوال هڪ دفعو اچي بيٺو. وري هو پاڻکي اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو هو. شانتينڪيتن مان هن هڪ دفعي پنهنجي ماءُ کي هڪ خط ۾ لکيو هو: مان شادي ٻادي ڪانه ڪندس ۽ نه ئي ڪو ڌندو يا نوڪري.

ڇڏي آيا آهيو، جيڪڏهن يونيسڪو مدد ڪري ته اسين هتي سنڌي ٻون ڪولي سگهون ٿا. تون هتي رهندين؟

ٻه ٻن ڏينهن بعد وري انيلدا جو سڏ ٿيو هو هنڪي: لڳيم ٿو اهو ممڪن نه آهي. توهانکي ته سنڌ ۾ آهيئي، پوءِ هن هڪ لفافو هن کي ڏنو هو. تو منهنجي ئي چوڻ تي يونيورسٽي ڪورس ڇڏي وشو ڀارتي ۾ داخلا ڪئي هئي. وشو ڀارتي؛ کي اڃا ڀارت سرڪار يونيورسٽيءَ طور تسليم نه ڪيو آهي. مان نه ٿو چاهيان تنهنجي تعليم اڌ ۾ رهجي وڃي.

هن هاسٽل اچي ان خط کي کولي پڙهيو. آچاريه نريندر ديو ڏانهن لکيل خط جي ڪاپي هئي، آچاريه انهن ڏينهن لکنو وشو وديالي جو وائيس چانسلر هو. خط ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ لکيل هو: اسانجي آشرم جي گذريل ڪن سالن ۾ جي شاگرد آيا آهن هيءَ انهن مان هڪ بهترين شاگرد آهي...

... ... ...

سڀئي زندگيءَ لاءِ ضروري آهن پر زندگي نه آهن. منهنجي زندگيءَ اوچتو موڙ کاڌو. مان اڃا بمبئي مائٽن وٽ پهتو هوس ته ڪن مهنن اندر امڙ گذاري ويئي. منهنجو پيءُ تمام ڌرمي خيالن جو هو. ٻي مهاڀاريءَ لڙائيءَ ويل جڏهن ٻيا محنت ڌنڌي ۾ بيحد ڪمائي هئي، وڏو ۽ مشهور دڪان، دڪان تي ڪم ڪندڙ ٽن ڪلارڪن کي ڏيئي اچي گهر ويٺو. هن ڪڏ تي هڪ ڪٽيا ٺهرائي ۽ سڄو ڏينهن پوڄا ڪندو رهندو هو. مان تڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هوس ۽ جڏهين به مٿي ڪڏ تي ويندو هوس ته سندس سنکون ٻري رڻ جو آواز ٻڌندو هوس.

منهنجي خط ته مان ڌنڌي وغيره جي ڪٽراڳن ۾ نه پوندس گهر ۾ ممڻ مچايو هو. منهنجي پيءُ کنهن سان پائيواريءَ ۾ بمبئي ۾ برف جو ڪارخانو وڌو ان شرط تي ته برف تڪرڻ بعد

وهندو هو جتي هڪ وڻن جو جهڳٽو هوندو هو. ها. هن ٻرابت ۾ ڪيس هڪ ساڻ ملي هئي، ڪنهن مائٽ جي سٽين ائين سالين جي ڌيءَ هو ٻئي ٻار ۾ ائين ڳالهيون ڪندا هئا جڻ وڏا دوست هئا. پر جڏهين هو اڪيلو هوندو هو تـ صرف اهو سوچيندو رهندو هو: انسان ايترو هيٺو ڇو آهي؟ دنيا ۾ هيترين اي انصافيون ٿين ٿيون، اهي ڳالهيون ٿين ٿيون جي نـ ٿيڻ کپن، پر انسان هڪ درد پري آهه پري بـ نـ ٿو سگهي!

هاسٽل جي سامهون هڪ بلڊنگ هئي جتي هن پرنسيپال جي آفيس هئي ۽ مٿي هڪ هال ۽ ٻه ٻـ ورانڊا خالي پيا هوندا هئا. هو اتي سڄو ڏينهن اڪيلو ويٺو انهن سڀني انسان ڪي ياد ڪندو رهندو هو جن جون جيوتيون هن پڙهيون هيون، پر اڏهن ڪيس لڳو تـ سندس پنهنجي زندگيءَ جي معنا ڳولهڻ ۾ اهي ڪنهن بـ ڪم جا نـ هئا. ڇهن سالن جي زندگيءَ ۾ هن ڪتابن پڙهڻ کان سواءِ ٻيو ڪيو ئي ڇا هو؟ ها، ڪي ٻيار ڏنا هئا ۽ ڪي ٻيار ورتا هئا. پر جڏهين هي ئي ڪوه جي ڌري ۾ اڪيلو ڦاٿو پيو هو تـ ٻئي ڪنهن ڪي اتي اچڻ لاءِ نيدب ڪيئن ڏني؟

هڪ ڏينهن ڪاليج جي پرنسيپال انيل ڪمار چندا جو پوءِ پارس جو ٻلوني فارين مسٽر اٽيو ڪيس گهر گهرايو. هن پرنسيپال ۽ سندس پتني راڌي چندا جـا پنهنجي ليکي هڪ سٺي چترڪار ۽ بنگال جي مشهور ليکڪا هئي، جـو هُتس ڏٺو ارواح رهيو هو. جڏهين هـو بيمار پيو هو تـ راڌي ڌيءَ سڄو مهنو ڪيس گهر مان کاڌو موڪليو هو. هيءَ غير ضروري هو ڇاڪاڻ تـ آشرم جي ڪڇن ۾ بيمارن لاءِ جدا کاڌو رڌيو هو.

انيلدا هنکي چيو هو: مان پنهنجي ابقراري سمجهي سگهان ٿو، موکي هڪ رٿ خيال ۾ آهي. اڄ ڪالهه يونيسڪو ڪلچرل جي اچاءَ لاءِ وڏي مدد ڪري رهي آهي. توهين سڌي سدڌ

ڪنا ڪياءِ سنگيت گڏ ڪيو، رانيون جاڳڻ لڳس. قدرت ۾ پاڻ کي ڳولهڻ لاءِ ڪڏهين کليل آڪاس هيٺان رلڻ لڳندو هوس.

پر ڇا اهو ممڪن آهي ٻه زندگيون جيئڻ؟ منهنجي اندر لاءِ ڪو سڌو سنوائون جواب ڏيڻ مشڪل آهي. ٿي سگهي ٿو منهنجي مرڻ پڄاڻان ڪير منهنجي ان جان جسم ڏانهن آڱر کڻي چوي: ڏٺو، اهو ڀوري انسان. پر ڪو همدرد دوست شايد آهه ڀري چوي: هن جي بدن سڀ سک ماڻيا، پر هن جو روح سدا رئندو رهيو.

... ... ...

هڪ ڪلاسڪ شيءِ رچڻ لاءِ جا ساڌنا ڪرڻي پوي ٿي سا مان ڪڏهين به ڪري نه سگهيو آهيان.

مان ٻمبئي وڃي رهيو هوس. ان ڏينهن ڪمبوا ۾ ٽيرن مٽائڻي پوندي هئي. ٻمبئي وڃڻ واري گاڏي ٿي ڪلاڪ ليٽ هئي. مان ويٽنگ روم ۾ ويٺو هوس. شانتينڪيتن کان اها عادت پئي هئم ته هڪ ڊائري ساڻ رکان. ويٽنگ روم ۾ ويٺي ويٺي مون ڪجهه لکي ورتو. ٻمبئي ۾ مون اهو جڳت آڏواڻيءَ کي ڏيکاريو. هن چيو: تون هنکي ٿورو وڌاءِ ته مان ڇپائيندس. پنجاه کن صفحن مان وڌي ڏيڍ سؤ کن صفحا ٿيا ۽ 'امر پيار' ڇپيو سو جڳت جو چونڊيل هو.

اندر جو مونجهه کي ماٺو ڪرڻ لاءِ مان هڪ دفعي سانجهي هليو ويس ٿن ڏينهن لاءِ. ٽن ڏينهن ٽن ڪلاڪن جي موڪل ماڻڻ به مشڪل ڳالهه هئي. لڪا جي گيسٽ هائوس ۾ رهيل هوس ۽ سج نڪرڻ مهل مٿي ٽڪريءَ تي ٻڌ مندر جي آس پاس ڦهليل ڪڪرن ڏي هليو ويندو هوس. سڄو ڏينهن لکندو رهندو هوس ۽ سانجهيءَ جو سج لهڻ وقت هيٺ ايندو هوس. ائين ٽن ڏينهن ۾ مون 'منهنجي منزل سنڌ' لکيو جنهن ڦيٽر

هو ڪم ڪندو ۽ ڪيس حصو ملندو رهندو. ٻهراڻ ڪارخانـــو نقصان ۾ هليو ۽ جڏهين وڏو فائدو ٿيڻ لڳو ته ڪم ڪندڙ ڀائيوارن جي من ۾ لالچ جاڳي ۽ هيٺين سالن بعد وري ڪم ڪرڻ سان منهنجي ٻيءَ دل جي تڪليف ٻرائي.

منهنجو ودروه ختم ٿي ويو. الائي اندر جي هيٺائي هئي يا هن رام جي ديس ۾ قربانيءَ ڪـي آدرش مڃي هلڻ واري ڀاونا هئي.

انبور ۾ ٻهراڻ ڏهه سال ڪن مان جڻ قيدخاني ۾ هوس. راڄ جو ٿڪل ٿڪل گهر موٽندو هوس. تڏهين ٻه ڪو ڪتاب هٿ ۾ ڪڻڻ ٻدا ننڊ نه ايندي هئي.

هڪ ڳالهه ياد ٿي اچيم. اهو واقعو هن ڪان اڳ. مون ڪڏهن سان ٻه نه اوريو آهي، ٻهنجي ٻتنيءَ شيلا سان ٻه نه. منهنجو ننڍو ڀاءُ مونسان گڏ ٽارو ڏنڏي ۾ گهڙيو هو. هڪ ڏينهن، الائـي ڪهڙيءَ اندر جي ٻوساٽ هيٺ مون ٻئنڪ مـان ڪجهه هزار ڪيايا، هڪ ٿيلهي ۾ ٻه ٽي وڳا وڌم ۽ صرف هڪ ڪتاب شاه جو رسالو ان ۾ وڌم، سوچيم ٻئي ڏينهن گهر ڇڏي ڪيڏانهن هليو وينديس. هيڏيءَ وڏيءَ دنيا ۾ ڪٿي ته اهڙي جڳهه هوندي جتي ’مان‘ ٻڌجي رهي سگهنديس. اها سڄي رات مان جاڳندو رهيس. مون پنهنجي گهر وارن کي بيحد پيار ڪيو هو. مان گولم ٻڌ ڪـي پيار ڪندي ٻه گولم ٻڌجي نه سگهيس. مون وٽ ميرا وارو اٽل ارادو نه هو. مون سماجڪ رشتن نـاتن، ريتن رسمن اڳيان سر جهڪايو. مون پنهنجي اندر واري اڳيان شڪست قبول ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن پئسا ٻئنڪ ۾ واپس رکائي آيس.

شڪست قبول ڪري ٿي مان ٻئي زندگيون جيئڻ لڳس. هڪ ڏينهن جوءِ ٻي رات جو، ان ڪرڻي مون ٻهنجي چوگرد ڪتاب

۾ هوس. اڪثر ٻاري اٽي صبوح جو ٻهڪندا آهن ۽ ٻئي ڏينهن سج نڪرڻ سان واپس ورندا آهن. پر مان اٽي ٽن راتين جو پروگرام ناهي ورو هوس ڪجهه لکڻ لاءِ. ٻيءَ رات ٽڏن جي جهوپڙيءَ ۾ ٻن ٽن ڪمبلن سان پڪيل، اڌ رات جو مون اهڙي تنهائي محسوس ڪئي جو منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا هئا. لڳو هئو جڏهين ڪان انسان ڄائو هو ۽ جڏهين هميشه لاءِ مرندو مان اونده ۾ اڪيلو بيٺو هوندس. هن سرشٽيءَ ۾ نه تارا هوندا نه سج. بس اونده ئي اونده.

... ... ...

مان جڏهين زندگيءَ جي گذري ويل ڏينهن ڏي نهاريندو آهيان ته محسوس ڪندو آهيان ته منهنجي زندگي اڪيارٿي ويئي مان پنهنجن سپنن کي ساڪار ڪري نه سگهيس.

پر ٻيءَ ڪو منهنجي اندر ۾ ويٺل چوندو آهي. تو ڪجهه پاتو به ته آهي زندگيءَ ۾.

مان چوطرف نهاريندو آهيان.

هڪ دفعي پڳونٽيءَ مونکان پڇيو هو. توهانجي اکين ۾ هيءَ دک جي آيا ڇو؟ توهان وٽ اهو سڀ ته آهي جنهن لاءِ ماڻهو سڪندا آهن. سهڻي پتني، سدورا ٻار، وڏو بنگلو، موٽرون، نوڪر، خرچڻ لاءِ پئسا.

پڳونٽي ۽ مان جڻ ساڳيءَ مٽيءَ جا ٺهيل. اسان ۾ ٻاٽڙيون ته هڪجهڙايون هيون جو ٻڌا لفظن جي هڪٻئي جي اندر کي پروڙي وٺندا هئاسين. هوءَ به مون جيان اندر ۾ بلڪل اڪيلي هئي. پر هڪ فرق هو. هوءَ دک ۾ کلندي هئي، مان دک ۾ روئندو هوس.

ڪرڻ ۾ ڇهه مهنا لڳا. سرو وري به اياز جي بيت تان جڳت چوندو هو.

جڳت پنهنجي ڪتب سان منهنجي گهر رهيل هو. مان جڏهين ڏينهن جو دڪان تي ويندو هوس ته، هتي منهنجي ڪمري ۾ پنهنجو ڪم ڪندو هو. ان ڏينهن هو وشنو پرڀاڪر جو ”آوارا مسيحا“ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيو هو. آرٽوار ڏينهن اسين ٻئي گڏ ويٺا هئاسين. اوچتو جڳت پڇيو: ڪو ناول لکيل اٿيئي؟ موکي جهڙي يادگيري هئي ته ڪجهه ناول اڌورا پيل ۾ پيا آهن. مون ٽي ناول ڳولهي ڪڍيا. جڳت ته پڙهيا. جڳت کي هڪ وڻيو چيائين هن کي مڪمل ڪري ڏي.

موکي ياد به ڪونه هو ته 'ياد هڪ پيار جي' مون ڪڏهين لکيو هو. شايد ڪن يادگيرين جي تيز پرواءَ هيٺ مان ڪجهه پنا لکي ويو هوس. شايد پڇاڙي سمجهه ۾ نه آئي هئم ۽ اڌ ۾ ڇڏي ڏنو هئو. پر مدو حصو لکيو هو، باقي حصو ٻن ٽن هفتن ۾ لکي جڳت کي موڪلي ڏنو هئو. مان سمجهان ٿو ان ناول کي فيئر ڪرڻ جي ضرورت نه پيئي هئي. لکڻ ويل لڳو هئو سڀ منهنجي اکين اڳيان آهي، صرف لفظن ۾ چٽڻ جي دير آهي.

هن جي پيت ۾ 'ست ڏينهن' لکڻ ۾ موکي ٽي سال لڳي ويا. پهرين دفعو مون اهو انبور جي پر ۾ هڪ ڊاڪ بنگلي ۾، جو پهاڙن ۽ جهنگلن وچ ۾ هو اتي لکيو هو. ڏينهن جو مان جهنگلن ۾ گهمندو هوس ۽ رات جو سنسان ڊاڪ بنگلي جي اڪيلي ڪمري ۾. مان ٽي راتيون اتي رهيس. ٽين رات مان اوچتو ڏڪي ويو هوس، نه اهو ڀپ نه هو، اهو اڪيلائي جو وراٽ روپ هو جو موکي گهيري ويو هو.

مونسان اڳ به هڪ دفعو ائين ٿيو هو. مان اڌهين الوپهاڻ

ڳالهيون ڪري رهي آهي. انهن ٽالسٽاءِ سان، چيخوف سان، شيليءَ سان، والٽ وٽمن سان، دنيا جي انهن ڪيترن اعليٰ انسانن سان مون گڏجاڻيون ڪيون آهن. روبندرناٿ ٽاگور ته منهنجي اندر مان هڪ ڪن ۾ ٻاهر نه ويو آهي. انهن اندر ئي اندر دور جي انسانن سان گهڙيون گهاريندي مان آسپاس جا ٿالا وساري ڇڏيندو آهيان ۽ ڪڏهين تمام ويچارگيءَ واري حالت پٽجي ويندي اٿم.

... ... ...

انسان جيستائين عمر ۾ وڌندو آهي ته پاڻ صرف موت ڪمائيندو آهي، جيئن ڪي آڪاس ۾ اڏندي ٽڪجي ڌرتيءَ ڏانهن موٽ کائي. هاڻ ڪڏهين مونکي پنهنجي ماءُ جي ياد ايندي آهي، جنهن سان مان زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ويجهو آهيس. مونکي لڳندو آهي مونکي ڪي ڳالهيون شايد ٻيءَ کان ورثي ۾ مليون آهن. مونکي محسوس ٿيڻ لڳو آهي پوري وشو جو رهواسي هوندي به آخر ته مان سنڌي آهيان، ڪا مخصوص سڀيتا منهنجي اندر ۾ زنده آهي، جنهن کان مان ڇوٽڪارو پائي نٿو سگهان. اڄڪلهه منهنجو سڀ کان پيارو ڪتاب شاهه جو رسالو آهي.

سوچيندو آهيان جي مان اڳ ۾ شاهه چڱيءَ طرح پڙهان ها ته شايد پنهنجين لکڻين ۾ پاڻ اوتي وڌيڪ سڦل ٿيان ها.

مون پنهنجي انهن سوالن جو جواب ته اڃا به نه پاتو آهي جي منهنجي اندر ۾ زندگيءَ جي هر موڙ تي جاڳيا هئا. مون وٽ ان سوال جو ڪو به جواب نه آهي ته مان ڪير آهيان. پر هاڻ ڪڏهين پائيندو آهيان ته اسين سڀ مٽيءَ جا

ڀڳونتيءَ جي مڌر آواز کي ٻڌندي، سندس اڳ ظاهر، اڳ ڪلاڪار سان مڪاميلو ڪندي، منهنجي من ۾ آشا اڀري هئي ته مان زندگيءَ ۾ ڪجهه سندر سرجڻ ۾ اسڦل رهيو هوس، مون جي پنهنجي زندگيءَ جون گهڙيون ٽورن رولڻ ۾ وڃائي ڇڏيون هيون، ڇا پنهنجي ننڍيءَ ڀيڻ دوارن، جيڪا قرباني ڪرڻ لاءِ تيار هئي، جنهن پنهنجو سڀ ڪجهه ڪلا کي ڏنو هو جنهن جو نه پئسن ۾ چاهه هو، نه مشهوري ۾، ڇا ان دوران اهو سپنو ساڪار ٿي نٿو سگهي. ڪلا خود هڪ زندگي آهي پوءِ ڪنهن دوران ۽ جنم ورتو هجيس. پر حاليءَ ڀڳونتيءَ اڳيان هڪ ٻيو آدرش رکيو هو، سنگيت جو ڦهلاءُ ڪرڻ ۽ هوءِ ان پاسرا ۾ گهڻو اڳتي ۽ وڌي چڪي هئي.

منهنجي اندر واري چيو: توکي تمام گهڻن انسانن جو پيار مليو آهي زندگيءَ ۾. اهڙو پيار جيتري جي لاءِ تون لائق ئي نه هئين.

سچ پچ مون تمام گهڻو پيار پاتو هو زندگيءَ ۾. ان ڪري ئي ڪن گهڙين لاءِ پنهنجو پيالو لباب ڀريل لڳندو اٿم.

۽ پوءِ منهنجي اندر واري چيو: دنيا جي امر سنگيتڪارن کي ٻڌندي، دنيا جي شاهڪارن کي پڙهندي ۽ چترڪلا جي گئلريز ۾ گهمندي تو جو پاتو، تو جي امله گهڙيون جيئين، ڇا اهي تنهنجي زندگيءَ جو حصو نه هيون؟ مان ڪجهه ڪجهه شرمسار ٿي اکيون هيٺ ڪري ڇڏيندو آهيان. مان جڏهين به دهليءَ ويندو آهيان ته نئشنل گئلري آف ماڊرن آرٽ ۾ ڪجهه وقت ضرور ويندو آهيان. امرتا شيرگل جي هال ۾ سندس هڪ self portrait آهي. مان ڪيتري دير ان چتر ڏانهن نهاريندو رهندو آهيان، ڪجهه دير بعد ڀاسندو آهي ته امرتا خود جيئري جاڳندي منهنجي سامهون ويٺي آهي ۽ بنا لفظن مون سان

# ● مان جيئرو رهڻ چاهيان ٿو

هن لکيو:

هن ڌرتيءَ تي هر ساهه وارو خود غرض آهي. هر جيت، هر انسان. ٻار ڪان پيدا ٿائين، هرڪو صرف پنهنجو فائدو سوچي ٿو. پيار ۽ قربانيءَ جهڙا لفظ بي معنيٰ منجهيل سٽ آهن، جن کي ڪولي سمجهائي نه ٿو سگهجي. اسين انسان به انهن جانورن کان بهتر نه آهيون جي هڪ شڪار لاءِ ٻاڻ ۾ چڪيئين ماس هوندا آهن ۽ موقعي پئي هڪ ٻئي جو ماس ڪاٽڻ کان به نه هٻڪندا آهن.

منهنجي دل هن دنيا مان کٽي ٿي پيئي آهي. جيئڻ جو موه مري چڪو آهي. جنهن ٿي سج جا پهريان ڪرڻا ڌرتي چمندا، مان هوٽل ڇڏي سمنڊ ڏي ويندس ... ۽ ... ۽ وري واپس نه ويندس...

هن ڪجهه وڌيڪ لکڻ ٿي چاهيو. پر لکي نه سگهيو. سندس من پرچي آيو. هو ڪرسيءَ تان اٿي بيٺو ۽ دريءَ جي ميرن شيشن مان ٻاهر نگاهون اڇلايائين. ٻاهر اڇا ميرانجهڙي اونده هوا ۾ ڦهليل هئي. پري، تمام پري ڳاڙهي رت رنگي روشني، اونده ۾ لڪل افق کي چيري ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سمنڊ هڪ ريگستان جيان پاسي رهيو هو جنهن ۾ لهرون جڻ واريءَ جون پٽيون هيون.

ڪمري ۾ چوطرف نگاه ڦيرايائين. هڪ رواجي هوٽل جو سادو ڪمرو، جنهن ۾ ڪجهه به اهڙو نه هو جو من پرچائي. هو ڏکڻ هندستان جي هن ننڍڙي تيرٿ استان تي ڪالهه صبح

کٽا نئي آهيون. هن وشال ڌرتيءَ مٿان ڀڪڙيل ڌرتي، جڏهن مان
گل ڦل اُپرن ٿا، ميوو اُپجي ٿو، اناج پيدا ٿئي ٿو. مان مٽيءَ جا
کٽا نئي آهيون. هن وشال ڌرتيءَ مٿان ڀڪڙيل ڌرتي، جڏهن مان
گل ڦل اُپرن ٿا، ميوو اُپجي ٿو، اناج پيدا ٿئي ٿو. مان مٽيءَ
جو هڪ ڪڻو ٻين هزارن لکن ڪڻن سان گڏ، ٻڌا ناليءَ، ٻڌا
سڄا ٽپ هن وشو جي اتهاس جا نديا شاهد.

**ٻوءِ روئڻ ڇو؟ شڪايت ڇو؟ ڀاڙڪي ٻوري ڌرتي**
**سمجهڻ جي ڀل ڇو؟**

●

نومبر ٨٧

ٻپ اونده جيان ڦهلجندو هو.

رات ٻي آرامي ۾ پاسا ورائيندي، ٻدا ڪوشش هو پنهنجي ماضيءَ ڏانهن موڙي ويو هو. ڪيئن گذري ويا هئا اهي سڀ مهنا ۽ سال، کيس سڌ ئي ڪانه پيئي هئي. سندس اکين اڳيان هڪ ننڍڙو گهٽين ۾ رلندڙ ڇوڪرو ظاهر ٿيو. ڇا فرق آهي ان چوڏهن سالن جي ڇوڪري ۽ هن اٺونجاهه سالن جي ٻڍي ۾. هن کي احساس ٿيو ته اهو نادان، بيسمجهه، الهڙ ڇوڪرو ڪڏهين به وڏي بالغ نه ٿيو. ٺلهي ليکي اهو ڇوڪرو وڏڪ سياڻو هو، وڏڪ سگهي هو. کيس ياد پيو اهو ڏينهن جڏهين سندس پيءُ کيس هڪ اڻواقف ڇوڪريءَ سان شادي ڪرائي آهي. ڇوڪريءَ جو منهن گهونگهٽ ۾ لڪل هو. هن کي لڳو ان عورت چاليهن سالن جي واهت جيون ۾ ڪڏهين به پنهنجي منهن تان گهونگهٽ نه هٽايو، جيتوڻيڪ کيس چار ٻار ڄڻي ڏنائين. پر ڇا ڪڏهين هو به ان عورت اڳيان پنهنجو اندر کولي سگهيو هو؟ ڪڏهين به نه. هو سدا پاڻ لڪائيندو رهيو هو ان ٻپ کان ته هوءَ کيس سمجهي ڪانه سگهندي. پر ڇا هو ڪٿي به، ڪڏهين به، ڪنهن اڳيان به پاڻ اظهاري سگهيو هو. ساري ڄمار هو ڪوڙا پائل، سدا لڪل رهيو هو، ٻين جا سبيل ۽ ڏنل ڪوڙا پائي سڀ انسان پنهنجي سماجڪ استتيءَ آهر ڪوڙا پهري پاڻ کي ان سماج جو حصو ٻڌائي ڇڏيندا آهن، مڃهن پنهنجو ڪجهه نه رهندو آهي، جيڪڏهن ڪو انسان پاڻ پڌرو چاهيندو آهي ته ڪير به کيس سڃاڻي نه سگهندو آهي. پر ڇا هن خود پنهنجو پاڻ کي ڪڏهين ڏٺو به هو؟

هڪ ڏينهن سندس پيءُ کيس چيو هو: هاڻ پڙهڻ بند. هاڻ توکي منهنجي دڪان تي وهڻو پوندو ۽ ڇهين ٻار جيان

جو بيٺو هو. اسٽيشن تي ئي ڪنهن کيس هن هوٽل جو ڏس ڏنو هو. هن هوٽل جي هڪڙي ئي خوبي هئي جو اها سمنڊ جي ڀر واري رستي تي هئي. ٻرانڊيءَ، ڦٽي وال رنگ واريءَ دريءَ وٽ اٿڻ سان سمنڊ جي ڪناري واري ريت ۽ ٻوءِ ڀريو ڦهليل سمنڊ ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ڏکڻ هندستان جا ليوٽ رنڀندي هو ڪيترا دفعا سمنڊ سان منهن مقابل ٿيو هو ۽ هر دفعي سمنڊ کيس نياري روپ ۾ وڻس آيو هو. کيس لڳندو هو هر ڪئين ڪناري جو سمنڊ اڳئين کان نرالو هو. اڄ ڏٺل سمنڊ ن سان سندس ڪو لاڳاپو، ڪو رشتو، ڪا مٽي مائٽي ڪانه هئي. ڪالهه جڏهين هو سمنڊ ڪناري واري پراچين مندر ۾ ڀڳوان اڳيان گل چاڙهڻ ويو هو ته سمنڊ جي ڀاڪرئين زاون چبوتري جي ڏاڪڻ چڙهندي، سندس نگاهون اڻڇاليءَ ۾ سمنڊ طرف ويٺون هيون. کيس هيءُ سمنڊ تمام ماٺو لڳو هو. لهرن ۾ ڪو ڪوڙ، ڪو غصو، ڪا ڪٿ نه هئي. اهي سڀاجهيون پاسي رهيون هيون.

رات کيس ننڊ نه آئي هئي. گرمي هئي، مڇر هئا. ڇت تي لڳل پکو لڳاتار چون چون ڪري رهيو هو. سندس اندر ۾ ڪنهن اڪل پڻ جو دونهون ساوڻيءَ جي ڪڪرن جيان ڦهلجندو ۽ گهرو ٿيندو ٿي ويو. ڪن ڏينهن کان، ڪن راتين کان هيءُ پڻ ڪنهن نانگ جيان ڦڻ ڪڍي کيس ڊيڄاريندو رهيو هو. هو اونده ۾ ڪا روشني ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پر اها ڪٿي به نه لڀندي هئي. سندس پئسا خلاص ٿيڻ تي هئا. سندس گنجيءَ جي اندرين پاسي هڪ وڏو کيسو هو جنهن ۾ هو پئسا رکندو هو. ڪن ڏينهن کان هو ان کيسي جو بار گهٽجندو محسوس ڪندو آيو هو ۽ ڪن ڏينهن کان هر رات سمهڻ کان اڳ، هو اهي پئسا ڳڻيندو هو ۽ سندس اکين ۾

سان ريتل هئي ۽ دور ڪان سڀ سهاوڻو لڳندو آهي. هڪڙي لڳو هو ته ٽيرڙن لئي ڪو سرڳ هوندو. هن دنيا ۾ ڪلجڳ اچي چڪو آهي، پر اُتي اڃا ستجڳ هوندو.

موهه ڀنگ ٿيڻ ۾ گهڻي دير نه لڳندي آهي. دنيا سڀني هنڌ ساڳي آهي. لوڀ ۽ خود غرضي ئي انسان جو آدرش آهي. ڀڳوان جي گهرن ۾ به اهيئي آدرش پلبا آهن. ٻين هنڌ اهي پوشيده آهن، اتي اهي وڌيڪ اُگهاڙا آهن.

... ... ...

ڪالهه رات سنڌس ٻنل من ٿڪندي پڇيو هو: هاڻ هو ڇا ڪندو؟

پئسا خلاص ٿيڻ تي هئا. اڄ ڪالهه ته پاڻ به چاٽيندو آهي، پئسن ڌدا انسان اڄ موت مرندو آهي.

اڄ رات جي اونده ۾، ڀڄندي، ڪنهن ازغيبي خوف جي اثر هيٺ هن نشچو ڪيو هو ته گهر واپس وڃڻ بدران هو سمنڊ ڏانهن ويندو، جتان واپس نه موٽندو، اهو وڌيڪ عزت ۽ سومان ڀريو ٿيندو. پوءِ هن اکيون کولي ندي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

... ... ...

سج نه نڪتو هو، پر سنڌس روشني پر ڦهلائي ڌرتي ۽ آڪاس مٿان ڇانئجي چڪي هئي. سڀ ڪجهه جو اڪل هو، هاڻ ظاهر هو. هن قلم هٿ ۾ کنيو ۽ ٿڪندڙ هٿ سان ڊڪيل سٽن هيٺان صحي ڪئي، تاريخ وڌي. وري ڪنهن خيال اچڻ سان ان هيٺان پنهنجي گهر جي ائڊريس به لکيائين.

ڪمرو روشن ٿي چڪو هو. ڪمس پنهنجو سامان نظر آيو. هن پنهنجون سڀ شيون پلنگ تي گڏ ڪيون. هو ڪجهه دير سوچيندو رهيو پوءِ چٺيءَ ۾ هيٺان لکيائين:

هو دڪان تي ساهميءَ سامهون وڃي ويٺو هو. ڪي ڏهاڪا گذري ويا کيس ان ننڍڙي دڪان تي ويٺي. صبوح کان رات ٿائين. انسان جي زندگي هڪ ننڍڙي چوڪٽ ۾ ڪيئن چوڪنڊجي ٻڌجي ويندي آهي. هو ان چوڪٽ کان ٻاهر نهاري نه سگهندو آهي. گهر ۽ دڪان، دڪان ۽ گهر. روزمره اهي ٻه ساڳيون جڳهيون ڏسندي هو انهن جو آڪار نه پلجي ويندو آهي. هڪ اکين ۾ ڏاند جيان ڳول گهمندو رهندو آهي. دڪان تي ويٺي جڻ هو دڪان تي رکيل سامان مان هڪ ٿي ويو هو ۽ جڏهين سندس پٽس دڪان اچي سنڀاليو ته هو جڻ ان پراڻي ٻرڙي جيان هو جنهن جي هاڻ بزار ۾ ڪا قيمت نه هجي.

هڪ ڏينهن هن اپاسي ڏيندي زال سامهون چيو: هاڻ ٻار دڪان سنڀالي ويا آهن. مان غير ضروري بڻجي ويو آهيان.

سندس زال ته ائين ٿي ورائيو هو، جڻ سارس نه، هوا سان ڳالهائيندي هجي: ائين ته آد جڳاد کان ٿيندو آيو آهي.

هن ڪڏهين به هڪ ٻئي سان نه ڳالهايو هو. هو جڏهين به هڪ ٻئي سامهون ڳالهائيندا هئا ته ائين لڳندو هو ته هو هڪ ٻئي سان نه، پنهنجي سان ڳالهائي رهيا آهن. واندو ويٺي ويٺي، اپاسيون ڏيندي سندس اندر ۾ هڪ اڇا زور وٺندي ويئي. مون هن دنيا مڃهه، هن پنهنجي زندگيءَ ۾، ڪو به ڪم پنهنجي اڇا انوسار نه ڪيو. ڪڏهن اهڙو ڪيان جو منهنجو اشڙو هجي، جنهن ۾ ٻئي ڪنهن جي صلاح مصلحت يا حڪم نه هجي.

اچانڪ کيهن امڏگ وس، ٻنا گهٽيءَ ڀڻ ڀوڪ جي، هن ٻنڊڪ مان ڪجهه پئسا ڪڍيا ۽ ٽيرڻ لي نڪري پيو. هڪڙي پٽ جي چنتا نه هئي. ڏيئر ساهري گهر خوش هيو. پٽ پنهنجي زالن ۽ ٻارن ۾ اورا هئا. سندس زال به ٻوڙي اوڻيءَ

آيو آهي.

توهان وڃو. ها، ڪمري جي بتي ٻاريندا وڃو. انسپيڪٽر لاءِ گرم ڪافيءَ جو گلاس کڻي اچجو.

بتي ٻري. ڪمرو اڃا روشن ٿيو. پوليس اڌڪاري ڪمري منجهه آيو ته مئنيجر اڳيرو وڌي هٿ جوڙي آدر سنڪار ڪيو. ڪرسي سيريندي چيائين: اچو، صاحب وهو.

ڇا ماجرا آهي؟ اڌڪاريءَ رعب سان پڇيو.

ڪجهه نه. توهان آرام سان وهو. هوٽل ۾ ته روز ڪجهه نه ڪجهه ٿئي پيو. انساني سڀاءُ ئي اهڙو آهي. عجيب غريب ڪارگذاريون ڪرڻ کان باز نه ايندو. پر توهانجي مهربانيءَ سان سڀ مسئلا حل ٿيو وڃن. پر توهان وهو صاحب. هان، هيءَ سگريٽ پيو.

مئنيجر اڳيان وڌي سگريٽ انسپيڪٽر کي ڏنو ۽ تيلي ٻاري اهو جلايائين. بيئرر ڪافيءَ جو گلاس کڻي آيو. پوليس اڌڪاريءَ ٻه ٽي سوٽا هنيا، پوءِ آرام سان ڪافي پيئڻ لڳو. گلاس خالي ڪري واپس مئنيجر کي ڏيندي چيائين: هاڻ ٻڌاءِ ڇا جي لاءِ تڪليف ڏني؟

مئنيجر کيسي مان هڪ مروٽيل سروٽيل ڪاغذ ڪڍي انسپيڪٽر کي هٿ ۾ ڏنو. چيائين: ڏسو سائين، دنيا ڪهڙن نه عجيب انسانن سان ڀري پئي آهي.

پوليس اڌڪاريءَ ڪاغذ مٿان ائين سرسري نظر وڌي جڻ پڙهي نه صرف ڏسي رهيو هو. جڻ هو اهڙا فالتو ڪاغذ پڙهڻ سندس شان وٽان نه هو. ڪاغذ وري پنهنجي کيسي ۾ وڌائين، سگريٽ جو وڏو ڪش ڀري چيائين: گانڌيو. زندگيءَ کان ٿا ڀڄن. جڻ موت زندگيءَ کان سهڻو آهي. اهڙن ڪانئرن جي ڦٽڪن سان چمڙي لاهڻ گهرجي.

مون وٽ هيٺيون شيون آهن :

ٻه سؤ ٻارهان روپيه روڪ.

ڪپڙن جا ٽي وڳا.

هڪ ڪمبل.

هڪ واچ.

جنهن لاءِ ڪجهه گهرايل شيون.

روڪ روپيا هوٽل جو مئنيجر کڻي جو هوٽل جو بل چڪائي باقي پئسا مندر ٻاهر ويٺل پنڪارين ۾ ورهائي.

وڳا هوٽل جي نوڪرن ۾ ورهايا وڃن.

ڪمبل سمنڊ ڪناري واري مندر جي پوڄاريءَ کي ڏنو وڃي، جنهن ڪالهه مونکي پرساد ڏنو.

واچ ...

هو ڪو به فيصلو نه ڪري سگهيو واچ بابت.

... ... ...

ڊبيل، بنا آواز پيرا کڻي هو هوٽل جي ڏاڪڻ تان هيٺ لٿو، رستو لتاڙي، واريءَ تي هلڻ لڳو.

... ... ...

مٿن اونداهي، نه سوجهرو نه اونده. نه ڏينهن نه رات.

هوٽل جي ڪمري ۾ اڌوري روشني هئي. هوٽل جو مئنيجر وچ تي ليٽيو هو؛ ويٽر هن جي آس پاس. هو سس پس ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

مئنيجر چيو: نه اهو فيصلو ٿيو نه اسين سڀ پاڻ ۾ ورهائي کڻنداسين. ٻاهر اڙڪ به نه ٻولجو.

ٻنهي بيئررن ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪئي.

هڪ نوڪر دروازي وٽ اچي اطلاع ڏنو: پوليس انسپيڪٽر آيو آهي.

نه هو ڇا ڳالهائي رهيو آهي. هن چڙ وڪڙندي چيو: ماڻ مري نه سگهيس. ماڻ مري نه سگهيس. لهرون منجهه، وڃي موٽي آيس. مون سمجهيو هو لهرون پيار مان مونکي پنهنجي ٻاڪر ۾ ڀرينديون ۽ گود ۾ وهارينديون. پر ڏٺو پيڪر هو لهرن جو اهو روپ. انهن جا ڪڙڪا، زوردار ٺوڪيون، انهن جي اٿل پٿل، منهنجي بدن کي چيهون چيهون ڪرڻ لڳيون. جيئن ئي مون اکيون کوليون هڪ ڪارڻ مونکي وڪوڙهي ويئي. جڻ هيءَ سارو روشن جڳهه اونده جيان ڪارو هو. هڪ ٻوساٽ، هڪ شونيتا، هڪ خاموشي. پوءِ ڪن لهرن مونکي ٻانهن ۾ کڻي آڪاس ڏي اڇليو. اهو نيرو نڀ ۽ اڪيلو مان. اتين ڀانيم اهڙي وڏي آڪاس ۾ مان ئي اڪيلو، هڪ جيئت جاڳندو جيءُ آهيان. تپ ۾ منهنجون اکيون ٻوٽجي ويئون. مونکي منهنجي ڌرمپتني ياد پيئي، پنهنجا ٻار ياد پيا، پنهنجا پوٽا ياد پيا جي منهنجي گود ۾ ويهي منهنجي مڇن، منهنجي نڪ سان راند ڪندا هئا. مونکي اها نديڙي جاءِ ياد آئي جا مون زندگي وڪڻي ٺهرائي هئي. مونکي لڳو هيءَ دنيا بيحد سندر آهي. جڻ هڪ وردان آهي. موت تمام ڀيانڪ آهي. زندگي روشني آهي، موت اونده آهي. مان جيئڻ لاءِ لهرن سان وڙهڻ لڳس. منهنجا هٿ، منهنجا پير زندگيءَ ۽ موت جي لڙائي لڙڻ لڳا. لهرون هارائي مونکي ڪناري تي ڦٽو ڪري ويئون.

هو ٿڪجي پيو ڳالهائي ڳالهائي. سرير کي سالم رکڻ لاءِ ٿڌو ساهه کڻڻ لڳو. واڙن جيان پنهنجيءَ حالت تي عجب کائڻ لڳو، پوليس اڌڪاريءَ جا کوکلا نقلي ٽهڪ کيس لهرن جي ڀيانڪ رڙين جي ياد ڏيارڻ لڳا.

آخر پوليس اڌڪاريءَ جا ٽهڪ ختم ٿيا. مرڪندي ٽوڪ ڀريل آواز ۾ چيائين: هاڻي ڇا خيال آهي؟

اوچتو ڊونهون ڇت طرف اُڇلا ٿيندي ڏٺائين: منهنجو حصو؟

ڀرين توهان سائين. مئنيجر هٿ ٻڌي ورائيو.

راءِ گذرڻ کان اڳ، مال ڀڃي وڃڻ گهرجي. پس قصو ٽٽي ويندو. توهان ڪنهن سان به هن خط جي ڳالهه نه ڪجو.

پوليس اڌڪاري اُٿڻ تي هو جو هڪ نوڪر سهڪندو آيو، مئنيجر ڏي منهن ورائي چيائين: هو موٽي آيو آهي.

هو ڪير؟

اهو جيڪو صبوح سوير ويو هو. اهو جيڪو خط رکي ويو هو، موٽي آيو آهي.

نه هو مٿو ڪو نه آهي؟ مئنيجر تعجب مان پڇيو. پوليس اڌڪاري وري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

هاڻي ڇا ٿيندو؟ مئنيجر جي آواز ۾ نراسائي ۽ لپ پيل هو.

ڪو خيال نه ڪر. پوليس اڌڪاريءَ بي پرواهيءَ مان آکيو. هان، منهنجو حصو وٺائڻو پوندءِ. مان سڀ سنڀالي وٺندس.

هو ڪمري ۾ گهڙيو. انهن ڏي پاسبو نه جو صبوح جو ويو هو، اهو هيءُ نه هو. ڪنڌن تي هٿ واري جميل. ڪٿان آلا، ڪٿان سڪل. منهن اٻوڙو، اکيون ڳوڙهيون جي سور کان هو هرهر ڇنڊي رهيو هو. وار الجهيل. بدن سٽ بدل، هو ٽنگن جي سهاري به نه ٿي سگهيو. هرهر پٽ جو سهارو وٺي رهيو هو. ڏاڙهي ڇنڊيندي هو ڀرائي پلنگ تي وڃي ويٺو.

تون موٽي ڇو آئين؟ پوليس ڪرڙيءَ آواز کي سخت بڻائيندي پڇيو.

هن نه ٻڌو، نه سمجهيو. واڳون جيان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو رهيو. پوليس اڌڪاريءَ جي ورديءَ کي سڃاڻي هن ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس آواز پڳل ٽٽل هو. هو جڻ ٻهڪندو ٻار سان ڳالهائي رهيو هو. ڪيس سمڪ ڪانه ٿي پيئي

مونکي پنهنجون شيون واپس ڪيپن. مان پنهنجي گهر واپس ويندس.

مئنيجر بيحد اُتاولي آواز ۾ چيو: نه، اهو ممڪن نه آهي. سڀ شيون مالڪن کي ملي ويئون. ڀلا انسان ڏنئي واپس ڪيئن ٿو وٺي سگهي. سڀ لکت ۾ آهي. انسپيڪٽر صاحب، قائدي موجب هو هاڻ واپس گهري نه ٿو سگهي.

پوليس اڌڪاريءَ مئنيجر ڏانهن نهاريو ۽ اک جي اشاري سان ڪيس سانت رهڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ ڌيرج سان چيائين: شيون نه جن جون هيون انهن کي ملي ويئون. هاڻ ڇا ٿو ٿي سگهي.

هو ننهن کان چوٽيءَ تائين ڏڪي ويو. ڪيس لڳو سندس نهن ۾ رت نه، پاڻي ٻڪي رهيو هو. سندس منهن مان دانهن جهڙو عجيب آواز نڪتو. جا ڪنهن انسان جي نه، ڪنهن جانور جي نه، ڪنهن اجائل جيو جي هئي: مان جئرو رهڻ چاهيان ٿو. هو بيصبريءَ ۾ چلائي اٿيو.

پوليس اڌڪاري ۽ مئنيجر ٻئي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا. هيءُ پاڳل ٿيڻ جي ويو آهي. پوليس اڌڪاريءَ کلندي چيو. پوءِ هو اٿي بيٺو، پوليسي روپ ۾ چيائين: توکي ڄاڻ آهي، آپگهات ڪرڻ قائدي موجب گناه آهي، تو ڏوهه ڪيو آهي... مان توکي گرفتار ڪريان ٿو.

پر... پر مان هڪ سچو پرش آهيان، هڪ وڳڙوال، مان پنهنجي گهر واريءَ ۽ ٻارن وٽ موٽي وڃڻ ٿو چاهيان... پوليس اڌڪاريءَ ۽ مئنيجر جي منهن تي وحشي مرڪ هئي ۽ هو پنهنجو توازن کوهي رهيو هو، سڄي ڏينهن جي ٿڪ، ٽڪ، دماغي ڪشمڪش...

ڪيس لڳو هو ڄاڻ ڪريو، ڄاڻ ڪريو. ڪيس لڳو هن دنيا ۾، ڪو به انسان پنهنجي اڇا انوسار ڪجهه ڪري نه ٿو سگهي، سدا سدا، هر هنڌ هو ڪن زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي.



*With Best Compliments from*

# HOTEL TILSONS

## M/s. Tilsons Enterprises

*

## M/s. Tiloomal & Sons

**Builders, Developers**
**& Govt. Contractors**

## Tilsons Shopping Centre

Kalyan Ambernath Road, Ulhasnagar-3.
Phone Off 70191-70513-73003-74561, 74996-7-8
Resi. 74455, 78921

85

ANNUAL ISSUE 1990

# SINDHI TIMES



Reg. No. MAH 745 TNA 3
Licence to-Post Pre Payment Licence No. 10
(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372—62